ڪڻاد رشيءَ جا واڪيه آهن ته: جو اُتپتيءَ وارو پدارٿ آهي سو انتيه آهي جو ڄڻيو آهي سو ضرور ٻُڏندو، جو ڄائو آهي سو ضرور مرندو پوءِ اهو آءٌ اوناسي آتما يا برهم ڪيئن ٿيندو؟ ٻيو جيڪي اوهين هڙو پڙو چئو ته اهو ساکي سڀ جو ڄاڻندڙ درشٽا آهي ته ٻڌايو ته اهو ساکي اننهه ڪرڻ سهت آهي يا رهت جي چئو ته اننهه ڪرڻ سهت آهي ته، اهو ٿيو جيو ته، شاستر چون ٿا ته، الپگيه يعني ٿورو ڄاڻندڙ آهي اهو اوچو گيان ڪيئن ڌارڻ ڪري سگهندو؟ ڇو جو سندس گيان الپگيه ۽ اڌورو آهي. سو ساکي جيو ڪيئن آتما ٿيندو؟

جي چئو ٿا ته اننهه ڪرڻ رهت آهي ته پوءِ ساکي درشٽا، ڄاڻندڙ ڪيئن ٿي سگهندو؟ ڇو جو جيڪا ڄاڻ پوي ٿي سا سڀ من اِندرين ۽ اننهه ڪرڻ دوارا ته پوءِ درشٽا يا ڄاڻندڙ ڇا جو؟ ۽ اهو جو وري اوهين چئو ٿا

آهي ته:-

येनेदं सर्व विजानाति तं केन विजानीयात
विज्ञातारमरे केन विजानीयात ।

ارٿ- اهڙي ڀاڳي سنت اهو ڄاڻندڙ ٻاڻ ئي آهي جو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو اهو ٿيو ٻاڻ سڀ کي ڄاڻندڙ ته پوءِ ان کي ڪير ڄاڻندو. انهيءَ سوال جو جواب ته اهڙي ڪاڻ ته هي آهي آتما يا برهم اڪرته هجڻ ڪري ڪريا وارو ڪيئن ٿيندو جو ڄاڻي ڇو ته سندس نرنجن نسنگ. نرگڻ روپ ۽ شڪت هجڻ ڪري نه. ليپاءِ مان ٿي پوندو اهو به سانجهو اهڙوئي سوال آهي جهڙو ساڪيءَ وارو ڇو ته انتهه ڪرڻ ڪان سواءِ ڄاڻ ته ٿيندي ڪانه تنهنڪري ڇيئو ته اوهان جي برهم کي انتهه ڪرڻ به آهي جنهن سان ڄاڻندڙ آهي. پوءِ به نسنگ نرنجن شڪت نه. ٿيو ٿي ڪونه تنهن ڪري اهو به. ناسوان ٿيو پر اهو وگياتا انتهه ڪرڻ رهت آهي ته اهو ڄاڻڻ وارو ڪيئن ٿي سگهندو جو هن کي انتهه ڪرڻ آهي ئي ڪونه. اهو ته سڀاءِ کي پرڪيه پرماڻ آهي. ڇو ته سڀني گڻ واري بڌي ئي ڄاڻڻ واري آهي جنهن جو گڻ گيان آهي سائي ڄاڻي ٿي پر ته اوهان جو ساڪي درشٽا وگياتا سو نه تنهي ڪال ۾ ٻيو ٿي ڪونهي فقط بڌيءَ ڄاڻڻ واري آهي ائين ويدانتي چون ٿا نه. اري بگست هي ڇا ٿو

ڪپي ڇو جو ٻين سڀني پدارٿن جو اڀيدت اُپاو آهي برهم
جي ايڪتو ۽ ست هٽڻ ڪري ٻر جڳتر نه نٿي ڪالن
۾ ٻر ليکيه نسون پيا ۽ برهم ۽ آلما نه نٿي ڪالن ۾ نه
ڏسڻ ۾ ٿي ڪونه ٿا اچن ٻوء ڇو نه. انهن ڇڏجي ته
"جڳت پرڪاش روپ" ساڄ لدهن مائي برهم ته
ڪلپت روپ ڪاڄ لدهن بڪالٿي. جتو ٽيڪ جڳت ۾ ڪئين
پدارٿ الپن ۽ ناس پيا ٿين ٻر واسٿو ۾ ڏسبو نه اهي
وقت تي روپ پيا مٽائين ۽ مهاپرليه ۾ سڀدن اٽو روپ
سڀڪارن ۾ سمائجن ٿا وري الهي ٻج مان الپن ٿي هن
ساري برهماند ۾ وڻ روپ ٿي اچن ٿا. فقط روپ جي
بدل سدل ٿئي ٿئي؛ روپ پيا بدلائين ٻيو نه. سمشٽي
روپ ڪري جڳتر ناس ٿيڻ وارو نه آهي ته ڪنهن
ناس ٿيو هر نه ٿيندو اهڙوئي سچ آهي ته. اسين اکين ۽
من سان پيا انيو ڪريون ڇو نه:-

بعدي همت جي ڪڏڪڻ کي کهڙي آرسي جي ضرورت
آهي. برهم نه انڊرين انتهه ڪرڻ جي وشيه ٿي ڪالهي
نه اهو آهي ته ڪوله. ٻوء جاٽبو وري ڪئين ڇوله جاٽڻ
وارو ٿيو درشنا اهو ٿيو جيڙ ۽ درشيه ٿيو برهم ٻوء برهم
نه ٻوء ٿيو ٻڙاڪ پدارٿ، جو جڙ آهي. الي وري هڪل
ڪري ويدانتي چوادا نه هي لون جا ٿو ڪرڻ هيٺي.
نه الرٿ ڪري رهيو آهين الهي؟ برهم ڪسي وري
جاٽندڙ ڪير ٿيندو ڇو نه چالدو گيه. اپنشد ۾ صاف لکيل

سپني شين کي جلد جاڳي سگهن ٿا ۽ جاڳرت اوستا ۾
جڏهن به ماڻهوءَ ۾ ستي گڻ يعني گيان گڻ جي اڌڪتا
وڌيڪ آهي ته هو انسان ڪهڙا عجيب ڪارناما ڪري
ڏيکاري ٿو جو دنيا جون اکيون کليون پون ٿيون. سپني جي
اوستا ۾ جڏهن انسان ۾ رجو گڻ ڪجهه ستي گڻ کان
وڌيڪ آهي تڏهن سپني ۾ اهڙا ڪئين سلسلي يا ڪرم
سان ڪيئن رنگ ڏسي ٿو ۽ جڏهن سشپتي اوستا ۾ گهري
ننڊ جنهن ۾ تمو گڻ بلڪل وڌيڪ آهي ۽ ماڻهو گهريءَ
ننڊ ۾ آهي تڏهن هن کي ڪابه خبر ڪانه ٿي رهي
سدلس من اندريون انتهه ڪرڻ تمي گڻ ۾ سڀ دٻجي
وڃن ٿا. پر جي اهي اوهان جو ساکي درشٽا وگيانر برهم
يا آتما جو گيان سروپ آهي سو جيڪڏهن سجاڳ آهي پوءِ
ان وقت چوري ڪندڙ کي ڇو نٿو پڪڙي؟ يا ڪا ٻي
آفت اچي ڪڙڪي ته ماڻهوءَ کي پرپٽا ڪري جاڳائي
يا جتائي سو ته ڪجهه به نٿو ڪري ته پوءِ باقي وگيانا
ساکي، درشٽا جاڳندڙ ڇا جو؟

باقي اوهان ويدانتن جي چوڻ موجب ته سشپتي ۾
سهيل ماڻهو ننڊ مان اٿي چوي ٿو ته مان ڏاڍو آنند ۾
هوس سو ته ڪارو ڪوڙ آهي بلڪ اٿين چوي ته ڪابه
خبر ڪانه هيم ته جڳائي پر جي سکپتيءَ جي گهڙي ننڊ
۾ برهم جو آنند وٺي ٿو ته چئبو ته هو پورڻ برهم ٿي
ويو پر ڏسڻ ۾ ته اٿين پيو اچي ته جهڙو مورک سهڙو

چولن الئهه ڪرڻ لاءِ جڙ آهي، سو وري ڪيئن جاڳندو
تنهن ڪري ساڪي چيتن اهو وگيانا آهي ۽ اهوئي جاڳي
ٿو. ها ٺيڪ مهراج اهو سمجهيم ته چيتون ته توهان ڪـي
وگيانا سڌ ڪرڻو آهي يعني ساڪي سڌ ڪرڻو آهي ته ته
توهان کي خبر آهي ته هيءَ سرشٽي ٽن گڻن واري آهي
ستو رجو ۽ تمو. ستو گيان گڻ آهي، رجو وکيپ گـڻ
۽ تمو آورڻ گڻ آهي. سو اها ٻـڌي گيان گـڻ واري
انڌڪار من ۽ اندرين سان گڏجي سڀ ڪنهن پدارٿ کي
جاڻي ٿي ٺڪي ڪي توهان جو برهم آتما ۽ وگيانا يا
ساڪي جاڻي ٿو. توهان جو ساڪي درشٽا وگيانا ڏسندڙ لاءِ
ٺهي ڪالن ۾ ٻيوئي ڪولهي فقط ٻڌي جاڻڻ واري
آهي. ان ٻڌيءَ ۾ گيان گڻ يا ستو گڻ وڌيڪ آهي سا
انتهڪار من ۽ اندرين سان گڏجـي سڀ ڪنهن پدارٿ
کي جاڻي ٿي مثال طور ڏس ته پٿر لوهه وغيره جـن ۾
تمو گڻ جو واڌارو آهي انهن ۾ گهٽي جاڻ لاءِ آهي پر
وڻن ٽڻن ۾ رجو گڻ وڌيڪ آهي ته هو وکيپ جي ڪري
ڪرياوان ٿي پنهنجي ڪاڏي پيٽي ساهه کڻڻ وغيره جي
ڪريا ڪن ٿا پر انهن وڻن ٽڻن ۾ ستي گڻ جي اڌڪتا
آهي ته شرم ٻوٽـيءَ والگر هـٿ لائڻ سان ڪومائجي
وڃن ٿا ڪلڻ وغيره جو ڪم ڪن ٿا.

اهي لاءِ ٺيا پٿر ڌالو وڻ ٽڻ وغيرهه نر انسان جنهن
۾ ستي گڻ جي تمام اڌڪتا آهي ته ڏسو ته اهي ڪيئن

لڳو ته، توهين ڏسو ٿا ڪهڙي شڪل جو سور انس،
سينڌي چيو ته نه انسان کي ته ڪهڙيءَ به شڪل جو سور
نظر نٿو اچي. پر هو جوان به وڏو قابل ٿي ڏٺو تنهن
چيو ته مهرباني ڪري معاف ڪجو مان توهان کي سور
جي شڪل ڏيکاريان ٿو پوءِ سينڌي کي هن پار به پري
هڪ هڪ چماٽ هڻي ۽ پڇيائين ته هاڻي ته توهان کي
به سور جو پورو پورو سروپ محسوس ٿيو هوندو اسي
ذري گهٽ وڙهڻ لڳي هئا ته، ٻيو هڪ سمجهو ماڻهو
ويٺو هو جنهن چيو ته وڙهو نه. هي درشٽانت ٿي اچايو
آهي ڇو جو ڏک سک، ڀؤ ڀڪ، لڄا شرم نيڪي بدي، عقل
۽ ٻيا اهڙي قسم جا اسم ذات آهن جو انهن جو ڪو
رنگ روپ ڪونه ٿيندو آهي فقط من ٿي ان کي ڄاڻي
سگهندو آهي پر هيءُ پرهم ته من جي وشيه ٿي ڪانهي
ان ڪري ڪنهن کي چماٽ هڻي جهيڙو پرائڻ ٺيڪ
نه آهي. انهيءَ پرهم جو سور واري درشٽانت سان
ڪوبه لاڳاپو ڪونهي. سور ته من جي وشيه آهي جو
انهيءَ کي من ڏواران ڄاڻجي ٿو. پرهم ته من الرڻن
ڪرڻ کان پري آهي ۽ انهن جي وشيه ٿي ڪانهي
ته پوءِ ان کي ڪير ڄاڻي. اسي هڪ ڪرڙيل ماڻهوءَ
جنهن جو شايد ساڌن سنتن ۽ ست سنگ جو سنگ ڪيل
ٿي ونو تنهن کي جوش ته ڏايو هو ته، ويا ۽ ايمشدن
جو اوچي ۽ اوچو سڏائت ضرور سڌ ٿيڻ کپي تنهن

ڦهڙوئي موڙي. انهيءَ ٻر جي هرو ڀرو سگهڻيءَ جي نند
نڻي اچيس ته شراب آهير ڪلورو فارم وٽي يا ڀاڻ ڪي
ڏک هٽي غش ڪري پئي ته ٻوءِ ٻرهمانند جو مزو
وٺي. چاڪاڻ ته اهي سڀ اوستائون لهي ڳڻ وارن
ساڳي پڻگ جون اهن تنهن ٻر منهنجا سائين لوڪ اها ٻڌي
آهي جا اهنڪار سان ڳنڍجي ڄاڻي ٿي ؛ درشتا ٻه اها
آهي ٻيو اوهان جو ساڪي ٻرهم آتما ٻديوائي ڪونهي جو
ڪنهن انته ڪرڻ جي وشيه ٿي ڪانهي جو ڪيترين
ونڊن جون شرٽيون انهن چٽي ڇڪيون آهن تـو جو
انتڪرڻ اندرين ۽ من سان ٿي خبر پوڻي جيڪا انته ڪرڻ
جي وشيه ڪانهي سا آهي ئي ڪانه هي ٻرهم وڳيانه
آتما ساڪي آهي سڀ ڪرڻا يت آهن.

هڪ دفعي گانڌي ٻر سڀ ڪمپني ملي ويـئي ۽
ٻيڙيج ست ماڻهو چڱا سمجهو ڳنڍجي ويا الي اها واره
اچي دڪڻي ته اهو ٻرهم ڪنهن ڏنو آهي جو ڪنهن
جي ڄاڻڻ جي وشيه ٿي ڪانهي الي ٿورو واد ووان ٿيو
انهن ماڻهن مان هڪ ماڻهوءَ ان سوال
ڪندڙ نوجوان کي چماٽ هڻي ڪڍي ٻوءِ ته جوان اچي
ڪاوڙيو ته لو چماٽ ڇو هڻين منهنجو سڄو ڳل سور ٿي
ويو آهي. چماٽ هڻندڙ پڇيس ته سور ڏيکار ڪٿي آهي
ته جواب ڏنائين ته ڳل ٻر تنهن تي چماٽ هڻندڙ پڇيس
ته آءٌ سور ڏسان ٿي ڪونه ٿو وڃي اهن سڀڪي ڪان پڇڻ

آهن ليڪن هي جڳت ۾ نانا روپن وارو برهم روپ آهي
پر ان ويدانتن سون پاڻي ۽ لهرن جو مثال ته ڏنو پر
نچيرو ته ڪونه ڪيو ته اهي ڀد ڀدا وغيره برهم ۾ ڪٿان
آيا برهم ۽ آتما ته آڪار ۽ اپاڌيءَ لئي رهت آهن. پر
هي سون گهڻا ڀد ڀدا آڪار سهت آهن يعني اپاڌي اٿن
اهيءَ ڪي چٽجي ٿو ته:-

सजाति भेदको धर्मः उपाधि

ارٿات- اپاڌي يا آڪار هميشه ڀيهجي جاليءَ کان
پيو ٿيندو آهي. جهڙيءَ طرح آڪاس خالي گهڙي ۾ موجود
آهي ۽ اهو سائيو آڪاش گهڙيءَ کان ٻاهر مها آڪاش
جهڙوئي موجود آهي. پر گهڙي وارو آڪاش ڪي ته،
اپاڌي نڪريءَ جي ڏني وئي آهي. اها ته گهڙي جي
آڪاش کان ٻي شيءِ آهي اهڙيءَ طرح سون گهڻا ڀد ڀدا
انهن کي ته آڪار ڏنئي روپ ڏنو ويو آهي. آڪاش
جنهن انهن کي روپ ڏنو آهي سو ته نڪو سون نڪو
پاڻي آهي تنهن ڪري اها اپاڌي يعني آڪار ۽ جڳت
سائيءَ روپ وارا نه آهن ڇو جو ان ۾ وجائي جي ڀيد
واري اپاڌي آهي. تنهن ڪري مٿينءَ شروليءَ الوسار
اهي پدارٿ برهم ڪين ٿي سگهندا. الي وري ٻئي ڇيو
ته پيارا اچي اجاهو گرڙ ۾ پيا آهيو ساڌن ۽ سنتن جو
سنگ ڪريو انهن جي شيوا ڪريو ته هو اوهان لئي راضي
ٿي اوهان کي برهم اپدنش سڀ ڪنهن ڏيکاريندا پر

پڻهن جي جوش کي روڪي ان جوان کان پڇڻ لڳو تہ،
ابا تون پٽ ڪنهن جو آهين؟ جوان جواب ڏنو تہ،
فلاڻي مل جو. تنهن تي ان ڪرڙوڌ چڱي مڙس ان کي
چيو اسين ڄاڻون ٿا تہ تون ان جو پٽ ڪونہ آهين جي
آهين تہ ثابت ڪر تہ، تون ان جو پٽ آهين ائي جوان
ويچارو اهو ٻڌي ٻہ ٽي مدت هڪو ٻڪو ۽ واتڙو ٿي
ويو ۽ ائي ويڻلن ۾ اچي ڪل پيئي پر اهو جوان بہ ڪنهن
چڱي استاد جو پاڙهيل ٿي ڏنو تنهن جواب ڏنو تہ اهو
منهنجي ساڃاٽيءَ ماءُ مولڪي پرليڪي. ڏيڪاريو تہ هي منهنجو
پيءُ آهي ۽ مان منهنجي ماءُ آهيان انهيءَ کان وڌيڪ
ٻي ڪهڙي ثابتي ڏيندي. انهيءَ ڪرڙوڌ ٻار کي ائين بہ
چيائين تہ جيڪڏهين اجان بہ، شڪا اٿئي تہ مان توهان
کان ٿو پڇان تون ڪنهن جو پٽ آهين پوءِ جهڙيءَ طرح
تون پنهنجو پيءُ ثابت ڪرڻ ٿو چاهين تہ ائين مدهن جو
بہ ڪٿي سمجهہ پس سوال اٿي پيو.
ائي ٻئي ڪنهن چيو تہ:-

सर्वँदं ब्रह्मा सर्वं सत्विदं

ارٿات: هي سارو جڳ، اسڪيين روپن ۾ سچ پچ برهم
آهي تنهن ڪري هيءَ جڳتر ٿي برهم آهي. پر ائي
سوال ٿو اٿي تہ هيءَ گهڻن روپن وارو جڳتر برهم ڪيئن
هڪ ٿيندو ائي ويدانتي جواب ڏين ٿا تہ، جيئن سون
مان گهڻ اهو سون آهي ۽ پاڻيءَ ۾ پد پدائي لهرون پاڻي

''नेह नानास्ति किञ्चन मृत्यो
सम्मृत्युं गच्छति य इह नानेव पश्यति''

ارٿ:- جو جڳت کي گھڻن روپن وارو ڏسي ٿو سو ڪڏهن به برهم روپ کي ڪونه ڏسندو ۽ انکي ڪي مڪتي پائيندو. هاڻي هي سارو جڳت ڪيئن ايڪ روپ ٿئي يعني انيڪ ايڪ روپ ڪيئن ٿئي. ڪثرت وحدت ڪيئن ٿئي ۽ Diversity Unity ڪيئن ٿئي. جڏهن ائين اچو ٿئي تڏهن ڪوڙو پڄو. ڪنهن به صورت ۾ شرتي دوي سچي آهي ۽ رهندي. ويد جا واڪ ڪڏهين به ڦري نٿا سگهن. اسان کي ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي ته برهم ست ۽ وياپڪ آهي ۽ هي جڳت سارو برهم روپ آهي ٻيو ڪجهه ڪونهي. جڏهين اهڙي انڀو ٿيندي تڏهين هي سنسار ثبوت ٿي ويندا ۽ ماڻهو جو نيارو ٿيندو اهو ڪيئن ٿئي سو هن شاستر ۾ ڏيکاريو ويندو. تنهن ڪري اڳتي پڙهو ۽ سچ کي ڄاڻو.

جيڪڏهن توهان ان ۾ پوري پوري شرڌا رکندا ته ته ته ڪجهه ڪوله ونيندا الي وري ٿئي هڪڙي چيو ته هائو اها ڳالهه اسين برابر سمجهون ٿا اسين بيشڪ ساڌن سنتن جي شيوا ڪنداسون اهي جي ايڊيشن لي هلنداسون اسان کي خبر آهي ته جڏهن وقت ماستر پاڙهيندو آهي ته هيءَ (الف) آهي هيءَ ٻ آهي ته اسين ڪترڪ ڪنداسين ته (الف) الف آهي (ب) الڳو آهي ته اسين ڪجهه ڪوله سکنداسون پر هتي ته اهو سوال ٿي ڪوٿئي اسان جو سوال آهي ته اهو الف ۽ ب اسان جو ماستر ته ڏسيندو ۽ اسين به اکين سان ڏسي سگهون ٿا ڏڌهن اسانکي شرڌا پراڻون ٿا ۽ يقين ٿئي ٿو ۽ شرڌا سان اسين پرايون ٿا ۽ اڳتي وڌون ٿا پر هتي ته. جڏهن برهم يا ايشور ڪنهن اندريءَ ۽ حواس ڏٺو ٿي ڪونهي ته پوءِ ان ۾ ڪيئن شرڌا يا يقين ٿيندو ته برهم آهي يا ايشور چئو ته. جڏهن جو سنتن ساڌن ٿي ڪوله ڏٺو آهي ته اسان کي ڪيئن ڏيکاريندا.

"اوراه خويش گم است ڪرا رهبري ڪند"

ارٿانت:- انهن پنهن جو گسو ٿي گنوائي ڇڏيو آهي ته. ٻئي کي ڪيئن دڳ لائيندا.

هميشه ڏٺل يا اڻڏٺل شيءِ جو يقين ڪري سگهبو ته اڻ ڏٺل شيءِ جو ڪهڙو يقين يا شرڌا ٿيندي ته اهو برهم آهي. ڪٿ اپنشد جي شرتيءَ موجب

"आत्मा वा इदमेक एवाग्र आसीत्।
नान्यत् किञ्चन भिषत् स ईक्षत लोकान् नु सृजा"

ارٿات- شروعات ۾ آتما کان سواءِ ڪجهه به نه هو ۽ ٻيو ڪجهه نسٽ ۾ ڪونه ٿي آيو هن اڇا ڪئي تہ آءٌ سرشٽي پيدا ڪريان. اهو ساري سرشٽي جو ڪرتا ۽ پالڻ ڪرڻ وارو ايشور آهي ڇو ته اهو ته پرتيڪه آهي اسان ڪا سرشٽي ڪانه پيدا ڪئي آهي هيڏي جا الدمت سرشٽي لهن پيدا ڪرڻ وارو ٻيو ڪونه نٿو ٿي سگهي سواءِ ان سرو سمرٿ سروگيه سرو وت ايشور جي هي جيو پراڻي يا وت جگت آهي سو سڀ ان پيدا ڪيو آهي. هو اسان جو پيدا ڪندڙ آهي اسين ان جا ٻچا آهيون سڀني شاسترن لوهت ڪڍيو آهي سواءِ ويدانتن ٻئي برهم مڃڻوارن جي. اهو ٻلا ڪيئن ايڪتو ٿي سگهندو جيئن نه ايشور سروگيه جيو الپگيه سرسٽي جڙ آهي ٽيئي هڪ ٻئي جي ابتڙ آهي وري ڪيئن هڪ ٿي ٿي سگهن ٿا ڇو جو ۽ اهو جو اهم برهم اسمين لنڌو مڃي-

ब्रह्मौ वाहं

ارٿات:- مان ئي برهم آهيان.

अहं मेवेदं सर्वं

ارٿات آءٌ برهم آهيان آءٌ سارو جگت آهيان اهـي

دڪشانڪ ٢.

ڪهڙو ضرور آهي هن واد وواد ڪرڻ جو جو لبرو دکن جي نورتي ۽ پرم آنند جي پراپتي ايشور جي ڀڳتي مان موکيه سمپت ٿي سگهي ٿي سيئي ويد شاستر ڌرم مت متانتر ان ايشور جي استوتي ڪن ٿا خود اهي اپنشد جي برهم ڀاست لکن ٿا سي به ان ايشور کي ڌيائين ٿا سواءِ ويدانت سڌانت جي ڪوبه برهم ڪوله ٿو سمجهي پر سمجهي به ڇو جڏهين شاستر ايشور کي برهم چون ٿا. جو هيءَ سرشٽي ايشور اپائي ٿو استت ۽ لئه. ڪري ٿو هو سروگيه ۽ سرووت به آهي يعني سڀکهن پدارٿ کي ڄاڻڻ وارو آهي. سرو سمرٿ ۽ سرو وياپڪ آهي اهوئي ئي دين ديال پتت پاون ليلاڪاري ساري سرشٽيءَ کي ليه سان هلائيندڙ سرو سمرٿ آهي ان جي پوڄا ڪرڻ ئي سچ آهي برهم جو اڪرتا آهي نرگڻ مدبهس ڪوه گڻ ڪوله آهي سو ڇا ڪري سگهندو. شرتي چوي ٿي:-

“सोऽकामयत बहु स्यां प्रजायेति

(اتريه اپنشد)

ارٿات- ان اڇا ڪئي ته سرشٽي پيدا ڪرڻ لاءِ آءٌ گهڻا روپ ڪيان.

''एषहि द्रष्टा स्प्रष्टा श्रोता घ्राता
रसयिता मन्ता बोद्धा कर्त्ता
विज्ञानात्मा पुरूषः। स परे ऽक्षरे आत्मनि सम्प्रतिष्ठते

ارٿات- اهوئي ڏسندڙ آهي سنگهندڙ ونندڙ آهي خيال
ڪندڙ آهي ۽ ڪم ڪرڻ وارو اهوئي پرش آهي جو
ڄاڻندڙ آهي اهوئي اوناشي آتما ۾ استٿت آهي. انهي
ٿمن شروتيءَ مان ثابت آهي ته ٻڌندڙ سڻندڙ وغيره آهي
اهوئي اسان جو دک سک ڇڳائي لڳائي سمجهي ۽ انهيءَ
سارو اسان کي مدد ڪري سگهندو ۽ اڪريه ۽ نرگڻ
برهم مان ڇا ورندو ٻر سوال آهي ته ان جو ٻڌڻ ڪيئن
ڪجهي ڇو جو ان جي سروپ جي خبر نه آهي ته. ڇا
آهي ها ٿي ڪرپا ڪري ٻڌائو ته ان ايشور جو سروپ
ڇا آهي ڇو جو برهم چيتن يا ايشور جو چيتن لڏهين
ئي سگهندو جڏهن ان جو سروپ ڏنل هوندو آهي. چيتن
معني اڳ ۾ ڏنل سروپ کي سمرتيءَ ۾ آڻڻ ۽ ٻڌڻ ڪرڻ
پوءِ جي ان جي سروپ جي جڏهن خبر ئي ڪانهي ته.
پوءِ ان جي ٻڌڻ جو مطلب ڪهڙو ٿيندو؟ انهيءَ جو جواب
ملي ٿو ته اهو نراڪار آهي ان جي ڪا ڪايا يا شرير
ڪونه آهي ڪو ڪو هو پريڪش ڏسي سگهجي ٿو پر
هيءَ اندمع سرشٽي اسان ته ڪانه رچائي آهي پر ان
سرو سمرٿ ايشور ئي رچائي آهي سو سندس رچنا مان

جهڙي شروتيون جنهن لاءِ چون ٿيون سو ڪنهن ني سگهندو اها ان ڏيٺي ڳالهه آهي. اڄاڻو مونجهارو ايترو جو جو وجهي ايشور جي پڄاڻ ڪان ماڻهن کي روڪيو وڃي ٿو. ڪهڙو نه اهو انرٿ آهي جنهن ۾ اچو نه ايشور جو پڄاڻ ڪريون جنهن مان سرو سڌيءَ جي پراپتي ٿئي ٿي.

केनेषितं पतति प्रेषितं मनः केन प्राणः प्रथमः प्रैति युक्तः
केनेषितां वाचमिमां वदन्ति चक्षुः श्रोत्रं क उ देवो युनक्ति''

(ڪين پنشد)

ارٿات:- ڪنهن جي دوارا يا اڇا دوارا هي من چري ٿو يعني ڪم ڪري ٿو ڪير آهي جو هنن پراڻن جي چيشٽا ڪرائي ٿو ڪنهن جي اڇا سان ماڻهو ڳالهائين ٿا اهو ڪهڙو ديوتا آهي جو اکين ۽ ڪنن کي پنهنجي ڪم ۾ لڳائي ٿو ورِي ان ساڳئي ڪين اپنشد ۾ ساڳئي نمبر ٥ ۾ انهيءَ سوال جو جواب ڏنئي ٿو.

''श्रोत्रस्य श्रोत्र मनसो मनो यद् वाचो ह वांच स उ
प्राणस्य प्राणः चक्षुषश्चक्षुः''

ارٿات- اهو پرميشور ڪن جو ڪن، من جو به من آهي پراڻن جو به پراڻ آهي اکين جون به اکيون آهن. انهيءَ معني لاءِ سڀني جي شلوڪ موجب، "ڪري ڪرائي آهي آپ مالڪ ڪي ڪڄ ناهين هاٿ" يا "ڪري ڪرائي آپ آپ اوران ڪري بهانا" جو لاءِ.

گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان چوي ٿو ته-

नासतो विद्यते भावो नाभावे विद्यते सतः

ارٿات:- اسـت جو ڀاو ڪڏهن نه، نٿو ٿي سگهي ۽ ست جو ڪڏهن به اڀاو نٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته بنا پدارٿ جا فائدو ٿيندو يا جا شيءِ بني ڪانهي تنهن مان ڇا ٿيندو. تهڙي شيءِ ضرور ڪنهن اُن پدارٿ مان ٿي هوندي. جيئن ته انڊو ۾ جي ڪانئون هوندا هون ته انڊو نه ڪم ڪندي نه ته ڪيئن ڪندي. پوءِ هڪ قدرت گهڙيندڙ ايشور ڪيئن ٿي سگهيو هوندو. جي سرشٽي آهي ته ان کي رچيندو ڪنهن ڏنو ته ايشور سرشٽي ڪئي. سچ هڪ شاعر چيو آهي ته-

”خيال مهري ڪي تهي پلندي
ڪيا هئي پيدا خدا ڪو مٽي“

اهو ڪلپت خدا يا ايشور اسان ٿي ٿاهيو آهي ته ته ڪيو ٿو انهيءَ کي جاڻي پر جي ايشور سرشٽي پيدا ڪئي آهي ته ڪئي جو ڏلب يا قل نه ان کي لـــي ماڻ ڪيئي- قاعدو آهـي ته جو ڪريا آهي سو پوڻيتا نه ٿيندو قاعدو جو چگن ڪين لاءِ لـ. ٿهيو پر ڪيترائي پرا ڪم چوريون بدمعاشيون وغيره وغيره جي پرپرٽا پاڻ لـو ڪرائي جيئن مٿي سلوڪ ۾ جاڻايو اٿئون لـ.

”ڪري ڪرائي آئي آپ“

پوءِ ڏوهه ڏلب پاڻاربدار کي ماڻ ڪيئي جنهن صورت ۾

چٽي سمجهي ٿو تہ هر ڪهڙو مريادا رکندڙ ديالو ڪرپالو آهي. الهيءَ جي حڪم کان سواءِ هڪ پن بہ، چري نٿو سگهي.

چڱو هاڻي سوال آهي تہ جڏهين هيءَ سرشٽي ٿي رچيائين تڏهن پاڻ ڪٿي بيٺو هو. ضرور پنجن تتون جل وايو آڪاس اگني ۽ پرٿوي مان ڪنهن بہ پا ڪٿي تہ هوندو؟ پر اهي پنج تتو ڪائنس اڳ هئا تہ پاڻ ڇا پيدا ڪيائين اهڙي جا انيڪ سرشٽيءَ جي سامگري سا ڪهڙي هنڌ يا ڪهڙيءَ ڪرنيءَ بہ رکيائين جو بوءِ ڪڍيائين ۽ پاڻ ڪهڙي سروپ بہ هو جو ٿاهيائين جي پيدا جو سوال ٿا اٿاريو تہ انهن جواب بہ ضرور آهي تہ ان ايشور کي بہ ڪنهن تہ پيدا ڪيو هوندو. اهڙيءَ طرح ان کي اڳي، اڳي کي ٿئين، ٿئين کي چوٿين بوءِ ان جي ڪابہ حد نہ رهندي بوءِ تہ اچي ان اوستا دوش لڳندي پراپتي ٿي لڳن جو پار پوندو ئي ڪونہ. جي پڇن جو پاڻ مان پيدا ڪيائين تہ مڪبهس سوڳت پيت جي پراپتي ٿي ۽ آلم ڪرڻ دوش جي پراپتي ٿي سولي وري چوي ٿي تہ:-

असदेवे दम एवाग्र आसीत

ارٿات - پهرين ڪجهہ ڪونہ هو، نہ بوءِ اها سرشٽي ڪٿان آهي.

الهيءَ صورت ۾ چئبو تہ ايشور ۾ اسان جي ڪرمن جو محتاج آهي. جي اسان جا ڪرم چڱا آهن تہ سندس طاقت ڪانهي جو اسان کي ڏک ڏئي سگهي؛ جي برا آهن تہ ان ڦل ڀوڳڻ کان بچائي نٿو سگهي. هاڻي ڪٿي ٻيهن جا ڪرم سدائين باقي ايشور جي پوڄن ڪرڻ؛ ڪمس هٿ جوڙي ٻڌهن جو وقت وڃائڻ وغيره وغيره جي اسان کي ڪهڙي ضرورت آهي؟ چو تہ هو سرشٽي ڪرم سنسڪارن ڪري ٿي ناهي تہ جي ڪرم سنسڪار تہ هجن تہ سرشٽي بہ ڪري تہ ناهي سگهي لهن ڪري ڪرمن جو ئي محتاج آهي لهڪري جڏهن جو اسانجي ڪرم جو محتاج آهي ان مان ڇا وريو. وري ٻيا جيڪي مذهب ۽ مت جيڪي ڪرم نٿا مڃن سي ٿا چون تہ هو رحيم بہ آهي تہ قهار بہ آهي. جيئن هاري پنهنجي ٻني ٻوڪي ٻوءِ لٽي يا تہ لٽي اهو سندس مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. هو خود مختيار آهي. جيئن وٽس ٻيئن هلي چو جو سرو سمرٿ آهي تہ ٻوءِ ڪو نياءُ يا عدل رهيوئي ڪونہ ماريو سو ماريو. ڪنهن سو ڪنهن ۾ لهن هولدي بہ سندس استولي ڪرڻ کپي تہ هو سوريءَ مان ڪڍبو ڪري ڇڏي.

هڪ شاعر چيو آهي تہ:-

"سچ پڇيئي تہ خدا پيو خوشامد سي راضي هـوندا هئا"
ٻوءِ چئبو تہ خدا خوشامدن جـو نيو ٻوءِ جيڪڏهين ڪر

مٿين ۾ ڪين اپنشد جي شروعات ۾ ته ڏسندڙ ۽ ڪرتا وغيره ايشور آهي نه پوءِ هن قسم جا الفاظ چيو ٿين.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته. هڪ نوجوان سشيل ڇوڪريءَ جي پٽيءَ کي اڇي سلهه جي بيماري ٿي. الهيءَ ڇوڪري جو پيءُ به نوي سال جو پيرو هو جو هلڻ چلڻ کان رهت هو. اهڙيءَ حالت ۾ ان نوجوان سشيل ڇوڪريءَ جي رات ڏينهن ايشور کي پرارٿنا هئي ته، هي دين ديال منهن جي پٽيءَ کي بچاءِ. ته ته منهنجو ۽ منهنجي پيءُ سهري جو ڪهڙو حال ٿيندو. هن جي اهڙي حالت ڏسي پاڙي وارا به روئي رهيا هئا ۽ ايشور کي پرارٿنا ڪندا هئا ته سائين هن ڇوڪري کي بچاءِ پر ايشور جو ڏسندڙ سڻندڙ سمجهندڙ سروگيه سرووت ۽ سرو سمرٿ آهي جو سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو تنهن کي ڪوبه رحم نه آيو ۽ اهو ڇوڪرو گذاري ويو.

پاڙيوارا مٿ ملات سڀ روئي رهيا هئا پر الهيءَ کان به ڪيئن وڌيڪ دک ۽ دل ڏاريندڙ ڪم هن دنيا ۾ پيا ٿين ۽ ڏسجن. الهن کي اهو ايشور جاڻي ٿو به ٺيڪ طرح پيو ٿو تنهن هولدي به، ڪو رحم ڪونه ٿو اچيس جو انهن جي ڪٽي ساهمنا ڪري. الهيءَ جي جواب ۾ ودوان ٿا چون ته الهيءَ ۾ ايشور جو ڪهڙو ڏوهه. جهڙو جو ڪي اهو ڪرمن جو ڦل آهي. ان جو ڪيتو ٿو اوڙجي.

چڱن سان چڱايون   پيو ڪري ٿو ماڻهن جا
پيٽ ڀاون، دين ديال، رحمان رحيمن، ٻچڙن سان پيارون ٿون
ڪنديون ۽ پيار جو ڪم آهي ٻچڙن سان پيارون ڪرڻ
جو ۽. سرو شڪتيوان آهين فقط هٿ مٿي ڪٽي انهن
چوڻ ۽. سيڪو سگهي رهي ڪوئي دکي ۽ رهي پوءِ ۽
اڪا بيماري اڪو جنگ اڪو دک رهي سڀ ڪو جنڪر
سگهي رهي. دک جي اولهش عالم ۽ اي رهي سو ليون
سرو شڪتيوان آهين. انهن جو ڪهڙو حڪم مونائي پوءِ
چيو ٿو انهن ڪريون جا اڻهي ۾ انهن جي ڪڙي
ڪهڙائي ٿيندي ۽ پوءِ ڪيترا ليون. ماڻهو انهن جو سڪ
سان ٻچن ڪندا، لوڪي ديالو، ٻاجهارو، عادل، رحمان
چولدا پوءِ ڪهڙو ۽ مزو ٿيندو ٿون سرو شڪتوان آهين
جو ٿو انهن ڪٽي ڪريان. انهن هولدي ۽ الي دک ڏئي
رهيو آهين پوءِ چئبو ۽ ٿو ۾ ڪاڻ سامرٿي ڪانهي جو
دکين جا دک دور ڪريان. انهي، جو جواب ملي ٿو اها
سندس ليلا آهي. واهه سندس ليلا. "مروان مرت ملوڪان
شڪار."

(١) ٻر اين جو اپڪار ۽ درگذر ٻر پنهنجي اُپڪار ۾
۽ سمرٿ ڪونهي. سندس ٿالي جون پرڻڪ مند ۽ مسجدون
سندس شاستر واڻيون ڪلام شبد ساکيون مورتون پرتمائون
ان کي سازي ٻاري ڊاهي ڊوهي ٻچي ٻورئي انهن جي
هر طرح جي بي عزتي ڪئي. هزار دفعا وڌ من

خراب ڪيا ۽ بي پرواهه ڪاڻهي. خوشامد ڪنديسون ته
ابراڻي يار ۽ هاٿي ڪنڌاڻهن وٺي ايتي ڪنڌاڻهن وٺو
نياءُ لهن ڪري ڀلي خراب ڪم ڪجن. پوءِ به اهو
ايشور پاڻ کان پري ڪونهي. ٿوريءَ ئي خوشامد سان
اچي سلام ڀريندو. هاٿي اچون ٿا ڪرم ڪندڙ جي ڦل
تي. ٻالڪ اچا هاٿي جانو آهي ڪوڙ. هن جڳت ۾
خراب ڪم ۽ ڪيو انس اچي تو بيمار پئي رڙ پڻهان
رڙ پئي پويس ۽ دک پيو سهي. جي مت پر جنم ۾
ڪجهن تا سي چون ۽ ٻاهن جي ماءُ ٿيءُ جي آئيءَ ۾
تو لوڙي. واهه ٻائي واهه، انر ڪاڌو ڪوئي ته مار پئي
گاهي تي. يا سور پيو سانيءَ تي ۽ ڏنيڄي پيو گذهه.
واهه جو نياءُ ۽ مريادا. ٻر ڀيا ماڻهو پيا چون ته هو
پهن جو عدل ۽ انصاف ڪنهن ڇڏيندو ضرور چڱن لاءِ
چڱا ۽ ٻڇڙن لاءِ ٻڇڙا ڦل ڏيندو ته پوءِ پنت پاون سندس
ڏالو ڇا جو؟ جيڪڏهن اسين ٻڇڙا ڪم ڪري سندن شرن
ٿا اچون ته اسان کي ئي معافي ڏي. اسان
پنتن کي پاون ڪري ۽ الين ۽ هو ڪري تي ڪولهه
تو. پوءِ ۽ پنت پاون ان کي چوڻ ئي ڪوڙ. گهرجي ۽
وري چون ٿا ۽ قهار به آهي سو جي هرو پرو ظلم ڪرڻ
تو چاهي ۽ پوءِ ڪيئن رحيم چوڻ ئي ۽ گهرجي.

”چڱن سان چڱايون انهن هرڪو هوءِ
او جيڪن ڪري ۽ ڪوءِ ٻڇڙن سان ڀلايون“

ڪري عرض ڪندو هو ته گڏهه جا ساس سڀالا ڪر. هاڻ گڏهه ڏاڍي ڏکي ٿي آهي. پر عجب ٿيو ته سندس پالي گانءِ مري ويئي. ويچارو درويش ڏکي ٿي چوڻ لڳو ته گڏهه ته ڪاله مئي پر الهدو گانءِ مري ويئي ڪير لپ ڪان به ويس. ٻاهر نڪري هڪڙي انڌي فقير کي گهر وٺي آيو ۽ ڪجهه اُن نابين کي کارائي فقير کي چيائين ته هي ڏس ڇا آهي. فقير هٿ لاءِ وراڻيو ته هي درويش هيءَ گڏهه مرڻينگه حالت ۾ آهي هاڻي جلد مري ته چڱو. اُتي نابين فقير کان پڇيائين ته ڏس برابر گڏهه آهي مرڻينگه حالت ۾ آهي! فقير وراڻيو هائو درويش هيءَ گڏهه آهي مرڻينگه حالت ۾ آهي. وري درويش نابين فقير کي گانءِ وٽ وٺي آيو ۽ فقير کي چيائين ته ڏس هيءَ ڇا آهي اُن انڌي فقير هٿ لاءِ چيو ته هيءَ گانءِ آهي ۽ ڏاڍي ڀلوڙ آهي. وري فقير کي چيائين ته ڏس هيءَ جيئري آهي ڪين مئل. فقير هٿ لاءِ رڙ ڪري چيو ته هيءَ گانءِ مري ويئي آهي.

تڏهن ئي درويش ڪرم ٿي هٿ هڻي چوڻ لڳو ته انڌي فقير کي به خبر آهي ته هيءَ گانءِ آهي ۽ مئل آهي هيءَ گڏهه آهي مرڻينگه حالت ۾ آهي پر افسوس خدا صاحب کي اها به خبر ڪانه ٿي پوي ته هيءَ گانءِ آهي ڪين گڏهه. جو آءٌ عرض پيو ڪريانس گڏهه مار پر ماري پيو گانءِ.

دشمن ڪيون ٿا. پر، ڪا ڳالهه ڪٿي ڪري يا انهن ٻڌجي ۽ بي حرمتي وارن کي سزا ڏئي سو ته! اصل خير پر انڌو ”سٺي پيا سڏائن ۽ لنڊا پيا لاٽ ڪن“ جيڪي پاڻ ڪاهل، وشئي، خود مطلبي، وشوگهي، بي ايمان، حرام خور، لفنگا چور، بي رحم، بي دين، بي رحم، قسائي پيا موجون ماڻين. پر جي نرمي، سشيل، سچار، رحم دل چڱا ماڻهو، ايماندار، پرهيزگار، قياس سڀ تي هلندڙ سي الي دکي ٿي رهيا آهن مطلب ته سڀ جي چئي اچي ڪوڙ ڪاهي پيو آهي. ”بيڪي لائي اسڪي پيندس“ ”واهه جي سندس ليلا“

(٢) هاڻي هيءَ ڳالهه لاءِ ڳري ٿي پئي. وڏو انرٿ ٿي پيو. جو ماڻهن کي ايشور جو خوف لهي ويندو ٿو. انهن ڪري ڪين جو ڪو ڪيترو اوڙٽو آهي تنهن ڪري نرم، شرم، ڌرم، ڪرم، اچا ليت پت، سچائي، شانتي، چڱا لڇڻ سچي ڀڳتي، ڀاو، پرلم ديا، نيڪي وڏي جو لحاظ ۽ ادب اتڙت سڀ چڱا لڇڻ ۽ اخلاق لڏي ويندا تنهن ڪري بلڪل ضروري ٿيو جاڻائڻ ته ايشور ڇا آهي اهو سڀني کي ڀڳهجي ڪئي جو حساب ڏيندو.

(٣) اڄ هڪ ڳالهه ٿي ياد اچيم ٿي. ڪنهن سچي درويش ماڻهو کي ڪنهن ڪم پڙهڻ لاءِ ڏڌو. ڪئي گهمڻ ڦرڻ ۽ ڀلائي ڏوکر هٿ ڪرڻ لاءِ هئي قضا الله جي سندس گذر اچي ماڻهو حالت ۾ هئي. هي درويش به خدا صاحب جي هر روز عبادت

دِڪشانڪ ٣

برهم ۽ ايشور جي بابت جيڪي ماڻهو ڪيترڪ وچن ٿا سي اسان ڏيکاريا. انهن ۾ پيا ڪئين جيوَ ۽ ٻين جي بابت ٻـ . سوال آهن پر انهن کي ڇـڏي اسين هاڻي پرڪرتيءَ جو سوال کڻون ٿا. ڇو جـو هو ان سان لاڳاپو رکندڙ آهي.

پهريون پرتيڪش پرماڻ جو سڃاڻي ڪـان اوچي ۾ اوچو آهي ڇو جو اها شرشٽي اکين سان ڏسجي ٿي من وغيره سان جاڻي سگهجي ٿي ۽ سڃي ٻه اها ڇئي سگهجي ٿي ٻيو انومان پرماڻ اهو پرماڻ آهي جو جڏهين ڪا اڳـ ۾ شيءِ ڏٺل آهي الهيءَ لئي انومـان ٻڌي ڪوبه پدارٿ ثابت ڪري سگهجي ٿو. ٽيون شبد پرماڻ اهو آهي جو شاسترن ۾ لکيل آهي يا ست پرش کان ٻڌجي ٿو ان لئي ويساهه ڪري مڃجي ٿو. هاڻي الي پـرڪرتي وادي چون ٿا. جڏهن برهم ڪنهن به پرماڻ جي وشيه ڪانهي ۽ ان کي ڇو مڃجي. ڇو ته پرتيڪش پرماڻ اهو آهي جو ڪاشي اکين من ۽ اندرين سان استول روپ، باهريان سوکيم روپ يعني آنترڪ ڀاو سـان سمجهي سگهي ٿي. جهڙيءَ طرح گيان اندرين سان ستول روپ سڃاڻجي ٿو ۽ هي ڏلو آهي اهڙيءَ طرح سوکيم روپ يعني آنترڪ ڀاو سان ٻه اچ ٻڌ ٻڌ سور لڪ جهڙڪي باهرين ستول روب

(٤) هــي نه تمام ٿورا سوال آهن پر انيشور وادي يعني ناستڪ ڪيترن سوال وجهن ٿا جنهن جـو جواب ڏيڻ مشڪل ٿيو پوي. انهيءَ مان ڪيترو نه نقصان ٿيندو ايشور جو خوف لهي ويندو ماڻهو ڪونن ڪمن ۾ پرورت ٿي ويندا ۽ جيڪي آستڪ آهن سي چوندا نه اسان جا شاستر وغيره سڀ سچا آهن انڌ شرڌا رکي ٻـ چوندا نه اسان جـو ايشور پتت پاون رحمان رحيم آهـي وغيره وغيره پر ناستڪ نـه ڪونـه مڃيندا جـو هو چوندا نـه ايشور آهي ئي ڪونـه پوءِ او اسان کي ڪري ڇا سگهندو ڪهڙي اڇي دکـه سکـه ۾ مدد ڪندو ۽ سوڙهيءَ ۾ سهاءِ ٿيندو. هاڻي اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهـي نـه ايشور تتو جي پوري ڄاڻ نـه آهي جي پوري ڄاڻ هجي نـه اهي سوال نـه ڇا پر انهن کان به وڌيڪ ڏکيا سوال اٿين پڇي وڃن جيترن ڪاريءَ هيٺان ڪانءُ پڄو. اميد نـه اڳتي هلي ايشور تتو جي سمجهاڻ جو ۽ انهن ڪتر کن جو جواب ڏيـو نـــه ايشور جـــو ســـروپ ڇا آهي ۽ ايشور جا ڌرم ڪهڙا آهن ۽ ڪٿي جو ڪيتو ڪيترن ٿو لوڙجـــي پا نـــه تـــن لاءِ ديڪشائون پـــڙهـــو ۽ سچ کي ڄاڻو.

ڇهو انسان پرتيڪيه، انومان ۽ شبد پرماڻ نہ ٻيا ٻئي پرماڻ جهڙوڪ ان اپلبڌي، ارٿاپتي وغيره بہ ان سان لڳائي ٿا سگهجن ڇو جو ٻيا سڀ پرماڻ پرتيڪيه انومان ۽ شبد پرماڻ جي اندر گت آهن. جنهن صورت ۾ اصل اهي ٽيئي لڳي ٿا سگهن تہ پوءِ ٻيا پرماڻ ڪيئن لڳي سگهندا. تنهن ڪان سواءِ ويد شاستر اپنشد اهو ٿي سو ٿا آلاپين تہ برهم يا ايشور ڪنهن پرماڻ جي وشيہ ڪونهي تڪو ڪو انتهہ ڪرڻ جي وشيہ الهيءَ مان ثابت آهي تہ برهم يا ايشور آهي ٿي ڪونہ.

هاڻي هيءَ دنيا جهان يا سرشٽي جنهن ڪري سانکيہ شاستر ۾ پرڪرتي ۽ ويدانت ۾ مايا چيو ويو ٿا جا ترگڻ آتمڪا يعني ستي، رجي ۽ تمي گڻ واري جنهن پنهنجي انهن ٽن گڻن دواران ساري رچنا رچي آهي اها تہ پرتيڪيه آهي. استول ڏسڻي سوکيم يعني ٻاهيہ توڙي آنترڪ روپ ۾ سڀڪو ان کي جاڻي سگهي ٿو. رشين منين، يوگين، پنڊتن، سنتن، سادن سڀني جي گيان پالو آهي تہ هن سرشٽيءَ مان ٿي ٻاڙو تڪو ڪو ٻيو پدارٿ سرشٽيءَ ڪان سواءِ ٻيو آهي جنان وچي پالائون. پوءِ اسان کي ان پرڪرتيءَ جي ليمن سان ٿي هلڻ گهرجي ڇو تہ پرڪرتيءَ جي قاعدن سان هلڻ آهي ڌرم ۽ انجي خلاف هلڻ آهي اڌرم. پوءِ اسان کي ان پرڪرتي جي قاعدن سان ٿي هلڻ گهرجي جو هن جهان ۾ پکڙي يعني

ڪونهي پر سنڌس (انترڪ) سوکم روپ ۾ اندرين، من،
ٻڌي اهنڪار ۽ چت سان جاڻون ٿا. پر هتي ته پر برهم ۽
توڙي ايشور پرتيڪش اسٿول توڙي سوکم روپ ۾ ڪڏهن
ڪونه ڏٺا آهن ڇاڪاڻ ته اهي اندريون پرا انتي، ڪري
ڏسي يا سمجهي نٿا سگهون. انهڪري برهم يا ايشور
سان پرتيڪش پرماڻ لڳي ئي ڪونه. ته پوءِ جنهن صورت
۾ پرتيڪش پرماڻ لڳي ڪونه ٿو سگهي ته وري انومان
پرماڻ ڪيئن لڳي سگهندو. انومان پرماڻ تڏهين ٿو
لڳي جڏهين ڪا اڳ ۾ شيءِ ڏٺل آهي ته پوءِ انهي
انومان لڳائجي. جيئن ته جبل تي پري کان دونهون ۽
روشني ڏٺي پوءِ باهه ٺهرائجي پر هتي ته ڪڏهن به
برهم ڏٺو ئي ڪونهي. پوءِ انهيءَ جو ڪيئن انومان
لڳائي سگهبو. شبد پرماڻ به نٿو لڳائي سگهجي ڇو
جو جا شيءِ اڻ ته ڏٺي آهي نه ڪڏهن ڏٺي آهي. اهو
ٻيو جڻ سهي جي سڱن برابر جهڙي سڱ. ليڪن ئي
ڪونه. ساڳيو انهيءَ وانگر هيءُ به ايشور ۽ برهم جو
سوال اهڙو آهي. ڇو ته ڪڏهن به اسٿول توڙي سوکم
پدارٿ جو گيان ته پنجن گيان اندرين ۽ ڇهين چتشڪت
انهڪرڻ يعني من، ٻڌي، چت ۽ اهنڪار سان ٿئي ٿو
انهيءَ کان مٿي گيان جو ٻيو ڪو به حواس آهي ئي
ڪونهي انهڪري برهم يا ايشور جهڙي ٿا چون سو
آهي يا ڪونه.

سائي شريمد ڀڳوت گيتا جي ١٣ ادياءِ جي ٢٨ شلوڪ ۾ شري ڪرشڻ ڀڳوان چوي ٿو ته:-

तत्त्व वित्तु महाबाहो गुणकर्मविभागयोः।
गुणा गुणेषु वर्तन्त इति मत्वा न सज्जते ॥

ارٿ:- هي مهاٻاهو ارجن گڻ، ڪرم ۽ وڀاڳ جي تتو ڄاڻڻ وارو گياني پرش سڀني گڻ گڻن ۾ ورتي رهيا آهن اهو ڄاڻي ڪري هو ڪڏهن به ٻنڌن ۾ ڦاسي ڪونه ٿا سگهن تنهن ڪري اهي مڪت ٿي آهن. انهن ٽنهي شلوڪن جي ڄاڻڻ سان مٿين ڳالهين کي پشٽي ملي ٿي ته هو انادي اجنما، سرشٽي رچنا ڪندڙ سرو وياپي هيءُ پرڪرتي يا مايا ٿي آهي اهي ودوانن کي خار لڳن ٿا سوال ٿا وجهن ته هيءُ پرڪرتي يعني مايا ته جڙ آهي سا سرشٽي ڪيئن پيدا ڪندي ته انهن کان وري اسين پڇون ٿا ته اوهين برهم کي اڪرتا چئون ٿا جو ڪريا ڪرڻ کان رهت آهي مايا ۽ پرڪرتيءَ کي جڙ چئون ٿا اها ٻنهجي جـڙ هئڻ ڪري ڪجهه نٿي ڪري سگهي. باقي ٻيون رهيو اوهان جو چدا آڀاس سو به. اوهين مٿيا يعني ڪوڙو چئو ٿا سو به ته ڪجهه نٿو ڪري سگهي ٻنهجي مٿيا ۽ ڪوڙي هئڻ ڪري ته پوءِ هيءُ وهنواري ڪال ۾ سرشٽي ڪيئن پيدا ٿي هاڻي ودوانن صاحب جي ٿوم هجيو ته ڏيو انهيءَ جو جواب ته سچ ڇا آهي ته خبر پوي.

سڀ پراپت ٿئي ۽ سمدس لنون کي ڇاڻجي شري مهرشي ڪپل منيءَ جي چوڻ موجب مڪتي حاصل ڪري گهرجي ڇو ته جنهن مان ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکش پراپت ٿئي تنهن کي ڇو نه مڃجي جيئن ته ويد جي شويتا شوتر اپنشد جي چوٿين اڌياءَ جي پنجين منتر ۾ چيل آهي ته:

अजामेकां लोहितशुक्ल कृष्णां बह्वी :
प्रजाः सृजमानां सरूपा :।

ارٿات:- اها اجما اناديءَ ڄاڻڻ ــي، اڇي ۽ ڪاري رنگ واري يعني رجـــ ستي، تمي گـــڻ واري جنهن پنهنجي سروپ جي سدرشه هيءَ ساري پوت پراڻـن ۽ سموري سمداءَ جي رچانمديءَ ســا پرڪرتي آهي. اهـو آهي ويد جو سرشٽي جي رچـــڻ بابت پرماڻ. تنهن کان سواءِ شري ڪرشـــڻ ڀڳوان ارڙهين اڌياءَ جــي چاليهين شلوڪ ۾ چيو آهي ته:-

न तदस्ति पृथिव्यां वा दिवि देवेषु वा पुन :।
सत्त्वदं प्रक्रति जेमुक्तं यदेभिः स्यात्त्रिभिगुणोः।।

ارٿات:- هي ارجن پرٿوي، سرڳ اٿوا ديوتائن ۾ اهڙو ڪو به پراڻي نه آهي جو انهن پرڪرتيءَ جي ٽـن گڻن کان رهت هجي. يعني ساريءَ سرشٽي انهن ٽن گڻن جي رچيل آهي جا انهن پرلڪه سمجهي ٽسي سگهون ٿا.

ڪندڙ آهي تنهن جو ڪريا روپ آهي پنهنجي ڪرڻ جو گيان اڳيان ڪريا دواران سنڌس ڪرڻ ڪرم سڀاءُ سان هڻن سرشٽيءَ جي انهن ٽن گڻن دواران اُپتي ڪئي آهي.

مثلاً ٻج ڌرتيءَ ۾ پوکجي ٿو انڪي ٻاڦ ڏجي ٿو اهو ٻهڪجي گڻ ڪرم سنسڪارن ۽ سڀاءُ دواران وڌي وڏو وڻ ٿئي ٿو اِن ۾ اِهو نه ڪهڙي برهم يا ايشور اچي ان کي وڌائي وڏو ڪيو. اهو ته پنهنجي سڀاءَ يا پرڪرتيءَ جنهن کي قدرت ڪوٺيو ويندو آهي تنهن سان ٿي پيدا ٿيو برهم يا ايشور جو ته ان ۾ واسطو ئي ڪونهي.

مثال ٻيو:- جڏهين ڪو ٻار جمي ٿو ته انهيءَ کي ٿوري سمجهه آهي پر پوءِ پرڪرتيءَ جي نيم جي آڌار تي پنهنجي پرتڻ سان وڏو هوشيار قابل سائنسدان مهاتما ٻولي گياني ٿي سگهي ٿو. ان ۾ به ته برهم يا ايشور نه اچي ان کي اهڙي سمجهه ڪانه ڏني.

مثال ٽيون:- انهيءَ ڪان سواءِ ڪنهن ٽڪر جي ٽيءِ ۾ مينهن جو ڇنڊو ۽ گندهه جو پيشاب ١٠-١٥ ڏينهن بعد ڪري ڪنڊا نه مڇڙ کير اُٿي وڃن پيدا ٿيندا ۽ انسان جي پگهر مان ليکون، جوئون، چمڙيون ۾ ٻيا ڪنهن برهم يا ايشور جي مدد سان پيدا ٿيو وڃن. مطلب ته اِن ٻج ڌرتيءَ مان پيدا ٿيندڙ سوڀاج ٻاڦيءَ ۽ پگهر مان پيدا ٿيندا، انڊج آنڊي مان پيدا ٿيندڙ، جيرج، گرڀ مان پيدا ٿيندڙ سڀ پرڪرتي جي ئي اُتپتي آهي

دستور موجب الي ٻنڙ ۾ پير هٽي جواب ڏيندا ته هيءَ سڀ مايا جا رچايا ڪلپت سوال آهن برهم کان سواءِ ٻيو ڪجهه، ٻيو ڪونهي جنهن ڪري اهي مڙس مايا کان پري آهن پر ڏسجي ائين پيو جو پرڪرتيءَ پيرن ۾ اڙجي قابو پيا آهن اهڙا جو ماڻهپڻ سگهن.

تنهن کان سواءِ توهين پرڪرتيءَ کي ستيه، استيه لي ولکشڻ جو لکشڻ ڏنئي اوهين انروچني چئون ٿا انروچني معني جنهن بابت ڪجهه، نه چئي سگهجي. هاڻي جڏهن ان پرڪرتيءَ يا مايا جي اوهان کي خبر ئي ڪانهي ته پوءِ جڙ ڇو ٿا چئو س. پر جي توهان هرو ڀرو هٺ رکي چئو ٿا ته مايا ٽنهي ڪالن ۾ ٻي ڪانهي ته اها اوهان جي ڪهڙي گيانيءَ کي ٽنهي ڪالن ۾ ڪانه ٿي ڏسڻ ۾ اچي جي ان کي نٿي ڏسڻ ۾ اچي ته اهو گياني هن جڳتر ۾ ڪيئن هلي سگهندو ڇو ته اهو ڪوه ڪارڻ، وهنوار ڪري نٿو سگهي. پوءِ چئبو ته هيڪا Hydrocephalus جنهن ۾ مغز ۾ پاڻي پيرلو پيو هوندو آهي اها بيماري الس جنهن ۾ ڪيس ڪانه خبر نه پوندي آهي ته پوءِ ان گياليءَ کي پڪ ان بيماريءَ اچي ورتو آهي يا لال جا (چوها) جنهن کي انگريزيءَ ۾ (Idiot) چئبو آهي سي ان جي سمان ٿيا يا الهل ڇريا جن کي دنيا دليا جي جي خبر ڪانه پوندي آهي سي ٿيا. افسوس! پر واسطو ۾ سٺو گسڻ جنهن ۾ گيان آهي رجو جو پرٽا يا اڇه

يعني پرڪاش ڏيڻ واري گيان ڏيڻ واري اها ديوي پرڪرتي آهي. اهو ڏيکاري ٿو ته چر اچر استاور جنگم سڀ ساهه وارا ننڍا وڏا سڀ ساهه وارا پنهنجن ٽن گڻن ڪري پرڪرتيءَ اڳي رچيا آهن انهيءَ کي ٽوڙيءَ ڇڏيءَ وارا ماڻهو قدرت ڪري ڇون ٿا اها اهڙي بلوان آهي جو ڪوبه ان جي حڪم کـي ٽاري نٿو سگهي جيئن ته شري ڪرشن ڀڳوان گيتا جي ١٨ ادياءَ جي ٦٠ شلوڪ ۾ چيو آهي ته :-

स्वभावजेन कौन्तेय निबद्धः स्वेन कर्मणा ।
कर्तुं नेच्छसि यन्मोहात करिष्यस्य वशोऽपि तत् ॥

ارٿات:- هي ارجن جنهن ڪم کي تون موهه جـي ڪري نٿو ڪرڻ چاهين تنهن کي به پنهنجي سڀاوڪ سان بڌل ٿي ڪري بيوس ٿي ڪم ڪندين.

اهڙي طرح شري ڪرشڻ ڀڳوان گيتا جـي ادياءَ ٣ جي ٣ شلوڪ ۾ چيو آهي ته.

नहि का श्चत्क्षणमपि जातु तिष्ठत्य कर्म कृत ।
कार्यते ह्यवशः कर्म सर्वः प्रकृति जैर्गुणैः ॥

ارٿات- هي ارجن! ڪوبه پرش بنا ڪرم جي هڪ گهڙي به رهي نٿو سگهي. ڇو ته سڀئي ماڻهو پرڪرتيءَ جي گڻن جي دٻاءَ ۾ بيوس ٿي ڪرم ڪن ٿا. انهيءَ

اُنهيءَ ڪال ۾ نڪو برهم نڪو ايشور آهي جو انهن جي رچنا ڪري يا ناهي. پر ڪي ويدانتي ٿا سوال وجهن ته ڀلا ڪيئن پيدا ٿي يا آئي. انهن کي اهو جواب ڏجي ٿو ته سرشٽيءَ جا سڀ پدارٿ آهستي آهستي پنهنجي ٽن گڻن جي سنسڪارن يعني ڳڻ ڪرم سڀاءَ جي ڪري اٿو اٿن سان گڏجي ڪن ايامن کان پوءِ هيءَ سرشٽي پيدا ٿي ٿان جو وچي ڪرم سان ماڻهو پيدا ٿيا. (سر ايڊون آرنولڊ جي موجب.)

ڀڄي ريت آني مان مان ڪڪڙ ۽ ڪڪڙ پيدا ٿي پوءِ جيئن سرشٽيءَ جي ليمن موجب (جن جا مٿي مثال ڏنل آيا آهيون) پيدا ٿيندا ويا.

جيئن شريمد ديوي ڀاڳوت جي ڀرلن اڌياءَ جي لائين پرڪرٽ جي پنجين شلوڪ ۾ لکيل آهي:-

प्रकृष्ट वाचकः प्रपच क्रृतिश्च सृष्टि वाचकः।
सृष्टौ प्रकृष्टा या देवी प्रकृतिः सा प्रकीर्तिता ॥

ارٿات:- پر اکر جي معني آهي اتيت يا الوڪڪ ڪرتي جي معني آهي جڳت جي رچنا ڪرڻ. شلوڪن جي معني آهي ته سرشٽي رچنا ڪندڙ جيڪا الوڪڪ ۽ اتيت ديوي آهي تنهن کي پرڪرتي چون ٿا. هن شلوڪ ۾ ديوي اکر نڪل آهي جنهن جي معنيٰ آهي

दीव्यते इति देवी । द्योतनाद् देवी

جو ٻار ٻيا سڀ ٻوء. آسوارٿي ٺهي ۽ ڀاڄ ڪي سگهي رکو مطلب ته جيترا آهن وات اوتريون آهن ڳالهيون. هاڻي ٻڌايو ته اهڙن نرالن خيالن ڪري مت متانترن جي ڏاڍي ۾ ٻت لڳي پيئي آهي اهڙي حالت ۾ اهو ٻوم لنئو ڪيئن جاڻي سگهبو.

اڃي هڪڙي ڳالهه ٿي ياد اچيم هڪڙا ٻه زال مڙس هئا اچي ڪهڻ ڳالهه تان وڙهيا وڙهي ڏاڍا ٿي پيا تان جو منزل اچي پهتي جو هڪ ٻئي سان ڌار ٿيا. سندن ملڪيت هئي گهر جي جاءِ، هڪ ٻڪري، هڪ ڳانءِ ۽ هڪ ڏڳو. ٿهن ۾ ٻڌي ڪئين مڙس ۽ گهر جي جاءِ ڪئين زال. ۽ وري مڙس ورهاست ۾ ڪئين ڳانءِ انهيءَ لاءِ ته ڀلي سندس زال ڏکي ٿئي جو ڪيس ٻارن لاءِ کير جي کپتي ٿيندي ته پوءِ پاڻهي ڏکي ٿي اچي مون کي منٿون ڪندي ۽ زال وري ورهاست ۾ ڪيو ڏڳو انهيءَ خيال سان ته جڏهين ٻڌي کيڙيندو ڪيس ڏڳي جي ضرورت ٿيندي ته پوءِ اچي مون کي رام رام ڪندو.

هڪڙي ڏينهن ٻڌي ته ان سندس ڳانءِ کو چور چورائي اچي سندس گهر وٽان لنگهيو ٿهن ٿي ڳانءِ سندس زال سڃاڻي چور کي هڪل ڪئي ته هيءَ ڳانءِ ڪٿان آندءِ چور جواب ڏنس ته ٿهن جي مڙس ڏني آهي ته وڃي ڏهيس ۽ چاريس. ان تي زال کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ٿهن وري مڙس کي خار ڏيڻ لاءِ انهيءَ چور کي چيو

مان ثابت آهي ته جنهن پرڪرتيءَ انسان کي پڻن ۾ ورتو آهي ان مان ڇڏائيندي ته، اها ۽ نروان پد ته اها ڏياريندي.

پر اڄ ڪلهه فلمي دنيا ۽ چوراو زمانو ٿي پيو آهي جو نڪو ڪو ديو ديوتا کي مڃي ٿو نڪو ٻوڇي ٿو ۽ ڪنهن کي به ڪونه ٿا مڃين ۽ چون ٿا ته.

यावज्जीवं सुखं जीवेन्नास्ति मृत्योर गोचरः ।
भस्मी भूतस्य देहस्य पुनरागमनं कुतः ॥

ارٿات- جيستائين جيئو تيستائين سک سان جيئو. مٿي کان پوءِ ڪجهه به ناهي. پنهنجي نڪو نرڳ نڪو سرڳ نڪو پنر جنم. جڏهن ديهه ڀي سڙي سڙي خاڪ ٿي ويئي ته پوءِ ان جو وري ڪهڙو پنر جنم ٿيندو. اهي چون ٿا ته اهو گيان آهي گپ جو ڪهڙو جو الڙندو پيو پر نڪرندو ڪونه. اڄاڻو مٿو هٽڪو آهي پاڻي ولوڙڻو آهي يا وقت وڃائڻو آهي. ڪٿان نرڪ آيو ۽ ڪٿان سرڳ اهو ڪير ڏسي آيو، سو ڪرڻي ڪونه ڏسي آيو. اهي رڳو فقيرن ۽ سادن جا گپوڙا ۽ پٽ آهن رڳو پرم ۽ سڌا وڃهي سڌن پيٽ پرڻا آهن مٿي کان پوءِ نڪو سرڳ نڪو نرڪ نڪو پنر جنم ٿي آهي. انهن ڪري خوب کائو پيئو موجون ماڻيو. انهن لاءِ گهرجي ٿن سو خوب نياءَ يا ڪنياءَ سان ڪمائڻ کي لڳي وڃو. پهرين پيٽ پوڄو

مون کي ٻه سيکاريندي ته، ته مان ڇو ٻيڻو انعام ڏيانس ها. الي مڙس چيس ته ٻيڙي لڙهندي هيو ڪو چور ٿو ڏسجي گانءِ ۽ ٻڪري ٽان چورائي آيو هو انهن کي وري لو ٻيڻو ۽ ڪٽي ڏنو لو ته مون کي قري ڇڏيو. زال چيس ته چا جو هن چيو ته مون کي گانءِ انعام ۾ ڏنسي اٿس انهن جي خاطر ۾ مون کي ٻيڻو ڪٽي ڏنوءانس ته ته جيڪر ڇو ڏيانس ها. ماريا اڃهو اٿئي اهو جهيڙي جو قل جو گانءِ ٻه ويئي ۽ ٻيڻو ٻه ويو. انهيجي روز جي ڪل ڪل سموري جهڳوئي اجڙ ڪري ڇڏيو آهي ڏايون اوڇنگارون ڏيندي اچي روئڻ لڳي. انهن تي مڙس پڇيس ته پلا ڪو نالو پڇيس ته چيائين ها. ته پلا اهو ته ٻڌاءِ ته نالو ڇا هوس الي وراڻي ڏنائين ته. نالو چڱو هوس ڪنهن پکيءَ جهڙو هوس دل ۾ هرکم ٻيو ٻر ٻاهر اٿو اچي هاٿي لون پکن جا نالا وٺ ته. من ياد اچي، متان چيهو، وهيو، هيڙو قوسي، ڪاٺ ڪٽو، ٽيڪ ٺٺياٽي زال چيس ته انهن پکن مان ڪونهي ته مڙس نندين پکين کي ڇڏي وڃي وڏن پکن جا نالا وٺڻ ته متان ٿتر ڪانءَ ٻاز، اليهر، سرڻ، شڪرو، شهباز عقاب، الاسي زال رڙ ڪري چيس ته. چور جو نالو آهي نندين پکن ۾ متا هاٿي لون وڃين ٻيو آهين وڏن پکن ۾ هاٿي اهو چور نڪو ليئي نڪو ڪري. "سوڙهي يار جهان وڃي ٻيو آهي ڀڙهيل ٻولن واد ووادي وڏن پکين ۾. ڪريا اپاسي ۽

ته هن ترڪي هيءَ ڳالهه العام ڏني آهي ته مان ترڪــي
هيءُ پيڙو ٿي ڏيان ته وڃي پنهن جي هرلي ۾ واهيندس
پر ايترو ڪيائين جو ڇور کان نالو پڇيائين جنهن چيس ته
منهن جو نالو "ميٺر" آهي (جـو هڪ اندو پکي لتر
جي ٻچي جيڏو ٿيندو آهي) ڇور به پنهن جو نالو ٻڌائي
پيڙو ۽ ڳالهه ڪاهي ٿيو راهي.

پوءِ مڙس ڏٺو تـه ڳالهه پنهي ۾ پتل ٿي ڪانهي
الائي گهر ته ڪانه هلي وئي پيا ڪير ڪاهي ويو. سو
لڪڙو لڪڙو سندس گهر آيو اچي ڏسي تـه گهر ۾ ڳالهه
ته آهي ئي ڪانه. زال کان پڇيائين ته ڳالهه ته تون ڪانه
ڪاهي آئي آهين. زال چيس ته پنهن جي هٿن سان دان
ڪري پوءِ پيو مون کي ڏوهاري ٺاهين. تنهن تي مڙس
چيس ته هيڙي لهڙي مونـ وري ڪنهن کــي ڳالهه دان
ڏني آهي. زال چيس ته هو جو تنهن جو سنگتي اٿئي
ڪير اٿئي ڳالهه ڪاهي اچي هتان لنگهيو تنهن تي مون
پاڻ پڇيو ماڻس ته هيءَ ڳالهه ڪٿان آندءِ اٿئي تــه تنهن
جو نالو وٺي چيائين تـه هن ڪير پيڙ لاءِ ڏنـي اٿم پوءِ
تــه مون کي بـ آيو خار سو مون بــ پنهن جو ڏاند
ڏئي چيو ماڻس تــه وڃي پنهن جي ڪم آڻ. سو پڻ
ڪاهي هليو ويو. بس الي مڙس مڇي ويو ۽ چيائين تـه
تو ته منهن جو جهڳوئي اونڌو ڪري ڇڏيو. الــي زال
چيس ته هون ڪهڙو جهڳو اونڌو ڪيو، اهـو تو ڪيو ۽

پرڪرتيءَ ڀڳوتيءَ جي وڌيڪ ٻانتر جي ڄاڻڻ لاءِ هيٺيون احوال ڏجي ٿو.

پرڪرتيءَ جي سرشٽيءَ رچنا بابت ويد جي شرتيءَ ان جي پرم اديت شڪتيءَ لاءِ شريمد ڀڳوت گيتا جا اوهان پرماڻ پڙهيا. پر پرڪرتي وادي پنهن جا دليل اهڙيءَ سهڻائيءَ سان سمجهائين ٿا جو انهن سان ڪوبه درشن يا فلاسافي وسي نه سگهندو انهن جي چنبي جي پڪڙ کان پنهن جا پاؤ آجا ڪرائڻ ڪا مشڪريءَ جي ڳالهه ڪانه آهي چون ٿا. جيڪي ايشور جا ڌرم آهن سي هو پرڪرتيءَ ۾ ڏيکارين ٿا. انهن ڪري برهم لوڙي ايشور آتما يا جيؤ سڀ پرڪرتيءَ جي انتر گت آهن ۽ اهي چون ٿا ته برهم ايشور آهي ئي ڪونه رڳي پرڪرتي سنئين آهي.

هي مٿيون سڌانت شري ڪپل مهامنيءَ جي انيشور وادي سانکيه جو آهي. اهي ئي ٻوڌ جين ٻيا پرڪرتي وادي مڃين ٿا اهي چون ٿا ته پرڪرتي ترگڻ آتمڪا ستي، رجي، تمي روپ آهي. ستو گڻ ۾ گيان آهي. رجي ۾ اڇا پرورتا آهي. تمي گڻ ۾ ڪريا آهي. انهن اڇا گيان ۽ ڪريا سان سرشٽي رچي ويئي آهي. انهن ۾ ستي ۾ گيان جي هئڻ ڪري ساري سرشٽي پرڪاش کان ونئي پيدا ٿيا جنهي سمشٽي سنسار کان ونئي پرم اتو ٿائين گيان روپ يا چيتن يا چت سروپ ٿي گيان اڇا ۽ ڪريا ٽنهي اهڙي طرح سرشٽي رچي ويئي

صبوري وارا ننڍڙا پکي لڏي ويا آهن هاڻي اننڌر وارو ماڪڻ چور انهيءَ حالت ۾ نڪو ليپي نڪر ڪري.”

انهن ڪري اهو پرم آنند انڀو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿـي پيو آهي. الهي ڪري اُنتي هلي ڏسون من ڪا اهڙي سهڻي ۽ سولي واٽ ملي جو اهـي ڪترڪ ۽ سـڻي جهيڙا نورت ٿي وڃن ۽ پرم آنند جو به پرڪاش ٿئي. ٿـ. انهيءَ ڪان مٿي چا گهرجي. هاڻي هلي اڳتي ڏسون ته اهو برهم ايشور پرم آنند ڪهڙي طريقي سـو حاصل ٿئي. پهريائين اهو آهي چا-

ٿو ڪري ته انکي اڄڻ سڌارڻ لاءِ گوشمالي يعني ڪن مهٽ به ڪري ٿي ۽ ماستر به رکي ڏئي ٿي ته ڇگيطرح پاڙهيس ڪنهن وقت خرچي به ٿي ڏنيس ته انهي ڪري ته سڌري اچڻ سڌاري پڙهي ته ڪيس اوءِ ان جو ڦل ڪتب ايندو.

ٽيون ڇوڪرو تنهن کي اچي سنڌس ڪرمن الوسار مدي جو لب ٿيو آهي ته ان کي دوا درمل ڊاڪٽر کان وٺي ڏيئي ۽ کيس ڳوڙ ڪاڌو سواءِ ڪير جي نٿي ڏئي. پوءِ ڇوڪرو تمام دانهون ٿو ڪري تہ کيس ڪاڌو ڪپڙي پر ماءُ نٿي ڏيس جي ڏيس ٿي ته چاڪ ڪڏهن ٿيندو ۽ وڃي اوجهڙ ۾ پوندو.

چوٿون ڇوڪرو تنهن کي سوري آهي ته ان لاءِ سڀ سڀ بندوبست رکي ٿي ۽ ڪري يعني ڪاڌو پيتو پرهيز ڪرائي ٿي ته ڪيئن به ڪري چاڪ ٿئي. تنهن ڪري انهيءَ پوڪرليءَ ڏهويءَ جي سنڌس ٻاران ڏيا ۽ ليا جيون جي ڪرم الوسار پٽي سنڌس اٿل نيم هڪ ٿي وقت پورا ٿي ڪري.

جيڪي ڪريا وارا ۽ ايپاسي آهن تن کي پنهن جي لئون جو وگيان ڏئي ٿي ته پنهنجي لاءِ سک حاصل ڪن ۽ ٻين لاءِ پنهن جي ڏوُ وگيان جي دواران سک جو ڪارڻ ٿين. تنهن ڪري ا ي سمت پنهن جي لئو وگيان جي ڪري ٻيا ماڻهو جن کي ڪجهه سرشٽيءَ ۾ دک ٿيڻو

يعني الي ڳمان اچا ڪرڻا روپ اُپٽي اسٽي ۽ ليءِ روپ ايشور جا ڌرم سي پرڪرتيءَ جا ڌرم ڇپيا اٿن ۽ ايشور يا برهم جو انهن نالو ئي ڪيئي ڇڏيو آهي تنهن ڪري ڇوٽ ۾ اچي تو انهن پرڪرتي وارن جــي ڏاڍن کان پلو آجا ئي ڪرائڻ سواءِ ٽنو درشٽيءَ ۽ ڪرڻا اڀياس وگيان وارن کان سواءِ ٻئي جي ڏال ڪالـــ ڳالهي تنهن ڪري ان جو هيٺ ڪجهه نرٽـــو ڪيو. جو وهنوار ۾ پيگٽيءَ ۽ پرمارٿ ۾ مڪتيءَ جي اپلپڌي ٿئي.

وڌيڪ هو اهو به سچ چون ٿا ته اها پرڪرتي ديوي مهان ڏياوان ۽ مهان لياڪاري آهـــي. ڏيا اُن پرڪرتي ديوي کان ئي حاصل ٿئي ٿي ۽ لياءَ جيون جــي ڪرم جو ڦل ڏنــي تو ٻئي ڳالهيون پرڪرتي ديويءَ جا ڌرم آهن. هن جي سيني لي هڪ جهڙي ڏيا آهــي ۽ نياءَ آهي جهڙي طرح ڪنهن ماتا کي سمجهو تـ، چار ڇوڪرا آهن- اولاد جي ڪري انهي ماتا جي سيني يعني ڇاتي ڇوڪرن لاءِ هڪ جهڙي نظر سم درشٽي آهي ۽ وهنوار ۾ بـــ، ماتا جهڙو تهه سوارٿ ڪنهن جـو پيار ڪونهي. تنهن ۾ هڪڙو وڏو ڇوڪر چڱن لڇڻن وارو پڙهـــڻ ۾ هوشيار طاقت وارو آهي ته ان کي سٺي سکيا ڏني ٿي ڇو جو سدس چڱي ۾ آهي ۽ خرچي به چڱي ڏني ٿي ۽ ڏسي ته خوش ٿئي ٿي ڪارائي پياري به چڱي طـــرح ٿي. ٻيو ننڍو ڇوڪر اڙٻنگ، ۽ لچو آهي پڙهڻ جي به ڪوله

يعني (Unit) جڏهن هڪ ٿي ويندو ٻـوءِ سڀئي سمسا نورت ٿي ويندا ۽ سڀئي فلاسافن يعني درشنن سڌانت جي انتم ٻچاڙي ٿي ويندي، ٻوءِ ڪوبه سمسو يا سوال ڪونه رهندو جيڪي جاڻڻ گهرجي سو جاڻجي ويندو ۽ ٻچاڙيءَ جو مڪتي نرواڻ حاصل ٿيندو وري جنم مرڻ جي ڦيري ۾ ماڻهو ڪين ڪونه ايندو.

“ य एतस्मिन्नु दरमंतरं कुरुते अथ तस्य भयं भवति द्वितीयाद्वै भयं भवति ”

ارٿات:- جو ايڪتو ۾ تفاوت سمجهي ٿو ۽ دويت يا ناتا سمجهي ٿو تنهنجو سمسو ڪڏهن به نورت ڪونه ٿيندو، دويت جي ڪري ٻه ايڪ سمسو ۽ ڀؤ رهندو ايندو تنهن ڪري جن تتو وگيان ۽ ڪريا ابياس وگيان ۽ گيان دواران ايڪتو ڪئي حاصل ڪيو آهي تن ئي مڪتي نيشارو يا نرواڻ پد ڪونه ملندو، اها وديا جاڻڻ ويد جو آرڻڪيه ڀاڱي ۽ مشهور اپنشد ڀاڱو آهي جو نه جاڻڻ گهرجي نه ڇهئي درشن لياءِ وشيشڪ سانکيه يوگ پورو ميمانسا ۽ ويدانت يعني اتر ميمانسا سڀ هڪ ٻئي جا ابيوگي آهن پر انهن ماڻهو ڪونه سمجهن ٿا. پهرين درجي جي تتو سمجهائڻ لاءِ اٿن ۽ ٻئي جي رستي جڳت جو سمجهائين ٿا. ٻئي درجي ۾ پرش پرڪرتي لاءِ ٻچاڙي ڪجي ٽئين درجي لاءِ انتم ويدانت جي منزل ۽ پرمڪا مڪتي ڏيکارين ٿا. تنهن ڪري سلسليوار يعني ڪرم سان هڪ ٻئي جا مددگار سڪيا ڏيندڙ ۽ تتو گيان

آهي تن جي ڪرمن جو ڦل ٻنهن جي وگهان جهڙي ٻل سان ملائي سگهه ڏيارڻ پر اهڙا ڀوڳي هميشه ورلي ڪي آ ن.

(٣) جيڪي سڪامي پرش هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ سک چاهڻ وارا پرڪرتيءَ پگواپيءَ جي اهم جي الڪول هاڻ وارا جن کي ترمي چئجي ٿو. سي سڪرت جا ڪم غريبن ني ديا ٻڪيه ياگيه پراڻن جي سک لاءِ اسپتال سڪول دان پنج ٻيا اهيڪ سڪرت ڪري وهنواري جڳت ۾ سک ۽ پرلوڪ يعني سرڳ ۾ سک حاصل ڪن ٿا. جنهن کي ڪرم اپاسنا چئجي ٿو جنهن جا احوال ويدڪ برهمڻا ۽ سهتا ۾ ملن ٿا. پر وري به اهي ٻنهن جي سڪرتن جو ڦل هن لوڪ لوڙي پرلوڪ سرڳ ۾ سندن ڪرمن جي ڦل ڀوڳي جي ڪيڻ هوڻ لئي موني مرت لوڪ ۾ جنم وٺن ٿا. تنهن سيني لٽون جهڙي چاڙهڻ وارو سيني درشن ۽ فلاسافن جي وديا جو پتا ڪپل رشي الهي به ايشور مڃيو آهي. جنهن کي سانکيه درشن ايشور وادي چئجي ٿو ۽ ٻين سيني درشنن نياءِ، ولشيشڪ، پورو ميمانسا، سانکيه درشن، يوگ درشن ته ايشور به آهي پرڪرتي به آهي ۽ جيو به آهي ۽ جيو نانا آهن يعني گهڻا آهن. اهي ٽيئي سنتن آهن انادي ڪال کان هليا ٿا اچن. پر ويدانت يعني ادويت سڌانت وارا چون ٿا ته جي ٽيئي اهي سڀ آهن ته پوءِ ڪوبه سچو لورت ڪون ٿي سگهندو جي مارڻ

ديکشانک ۴

اپنشدن ۽ مهرشن جي اپديش ۽ سمجهاڻي جي دواران مٿيان ترڪ وترڪ ايشور ۽ پرهم جدا جدا جيڪي ڏيکاري آيا آهيون سي سڀ ناس ٿي وڃن ٿا ۽ گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. تنهن کان اڳ هن ادياءَ ۾ اوائلي ڪجهه بيان لکڻ ۾ اچي ٿو سو ضروري آهي انهيءَ کان پوءِ پڇي ادياءَ ۾ انهن رشين جو ۽ پنهنجن مهاپرشن جو پڌايل گيان لکيو ويندو جو پڙهي اوهان جي دل خوش ٿيندي.

هي ساري سرشٽي نام ۽ روپ واري آهي انهيءَ ڪري درشيه واري آهي ڇو جو هي سڀ پدارٿ هڪ جهڙو هجي نه پوءِ ڪير نه ڪنهن کي نه سڃاڻي نڪو ڳالهائي نڪو ٻولهائي جڳتر جو سڀ وهنوار ٿئي وڃي ها جيئن نه (برهم) آءُ ۽ آدم هي جڳت به آهي درشٽا ڏسندڙ به آهي نه درشيه (ڏسڻ جوڳيه) پدارٿ يعني جڳت نه آهي برهم آءُ آهيان نه تون نه آهين. رات آهي نه ڏينهن به آهي. انهيءَ دوند (ٻٽي) پدارٿ جاڻڻ ڪري سڀ ڪنهن شيءِ جو مله ڪٿي سگهون ٿا انهيءَ پٽاندڙ ڪم ڪار هلت چلت ٿي سگهي ٿي. مثال ڇگو اگر ڏهين سمجهه ۾ اچي ٿو جڏهين ان جي اپيڪشيا (اسپيڪ) خراب يا ٻڇڙو اگر به آهي. تڏهين اهين چڱائيءَ ٻڇڙائيءَ کي جاڻي خرابيءَ يا ٻڇڙائيءَ کي ڇڏي

۽ ان جو ڪريا ابياس وگيان ۽ گيان ڏيڻ وارا آهن. ورودي ڪون آهن پر پورڻ ابيوگي آهن. هاڻي جو اپاڌيءَ رهت تتو آهي تنهن کي برهم چئجي ٿو جو سرو وياپڪ سرواڌشٽان روپ آهي. پر جيڪو اپاڌي سهت تتو آهي تنهن کي جيو آتما ڪوٺجي ٿو. برهم ۽ آتما اپاڌي رهت ساڳيو سچدانند تتو آهي تنهن لاءِ شرتي ڀڳوتي چيو آهي.

ब्रह्मैवेदं सर्वम्-सर्वं वेदम् ब्रह्म

ارٿات:- برهم ئي جڳت آهي- جڳت ئي برهم آهي تنهن ۾ ديهي اپاڌي واري آتما کي آتم وديا جي دواران جاڻڻ تنهن کي شاڪتو اپاءِ يوگ چئجي ٿو. يعني شڪتيءَ سان لاڳاپو رکندڙ يوگ ۽ نراڪار برهم يعني اپاڌيِ رهت برهم جنهن وديا سان جاڻو وڃي ٿو. انهن کي شانڀو وپاءِ يوگ چئجي ٿو يعني شيو تتا شو سان لاڳاپو رکندڙ. اهڙيءَ طرح ساڪار نراڪار- اما مهاديو- گوري شنڪر- لڇمي نارائڻ سيتارام- راڌا ڪرشڻ يوگ کي شاڪتوپاءِ يا شانڀووپاءِ يوگ چئجي ٿو ٻه ٿيندڙ آهي. انهن ٻنهين يوگن جي اپلبڌي مڪتي يعني نرواڻ پد آهي. هن ڪان پوءِ ان شاڪتوپاءِ ۽ شانڀووپاءِ يوگن جو تتو ڪريا ابياس وگيان ۽ گيان دواران ڏيکاريو ويندو اهان آتمڪ پرمارٿ يا روحاني وديا جو گيان حاصل ڪيو تنهن لاءِ اڳتي پڙهو "Excelsior"

(اي انتي چاهيندڙ اڳتي وڌ)

وڌيڪ پرڪرتي ۽ ايشور تتو جو نرڻو ٻڌايو ويو، ديڪشائن پرڪبو

ڇڏجي ٿو تتو گيان. اِهو گيان ڀا وويڪ اسان جي سٽن سنسڪارن سڀني سان سنگت اوچي آچرڻ آدرش ۽ ابياس مان پيدا ٿئي ٿو. اهو تتو گيان برهم ايشور جو جڳت واسطو ۽ هڪ ئي وستو آهي. جنهن وِيد جي ڇاندوگيه اپنشد فرمائين ٿا ته:—

“ सदेव सोम्येदमग्र आसीदेक मेवाद्वितीयम्

ارٿات:- او پيارا هو هڪڙو ئي پدارٿ ست آهي ٻيو ڪوئي پدارٿ ڪونهي.

(ڪٺ اپنشد)

नेह नानास्ति किञ्च न

ارٿات. ڪوبہ نانا روپ گهڻا علحدا علحدا روپ ڪونه آهي.

برهدارڻيڪ اپنشد جي شروتي آهي.

द्वितीयाद्वै भयं भवति

ارٿات. انهيءَ ۾ جيڪو تفاوت يا ڀيد سمجهي ٿو تہ انهيءَ کي تحقيق دويت جي ڪري ڀوءِ سنسو ٿئي ٿو هاڻي ظاهر ظهور دويت ٻيو نسڻ ۾ اچي تنهن کي هڪڙو سروپ پالڻ يا انيو ڪرڻ سو ڪيئن ٿي سگهندو تنهن ڪري اهو جڏهن ايڪ ڪري نڪارڻو يا انيو ڪاڻو ونڊو تڏهن تتو گيان جي سماپتي ٿيندي.

هاڻي انهيءَ گيان جي پراپت ٿيڻ لاءِ ڀڳوان اسان کي

چڱو ڪاربہ ڪريون ٿا جي بڇڙو يا خراب اکر نہ هجي
هجي ها تہ چڱو اکر نهي ٿيي ڪونہ ها. انهي دويت
هٽڻ ڪري اسين چڱائيءَ يا بڇڙائيءَ کي جاڻي سگهون
ٿا پارليامينٽ، ڪورٽ ميونسپالٽي، پنچايت، صلاح مصلحت
۾ جي مخالف پارٽي يعني دوئي مدوئي. وادي ووادي
جي خيالن جي خبر پوي ٿي. ان سڀ کي جاڻڻ لنهکي
وويڪ چئبو آهي.

وويڪ معني ايشوري گيان يا اندر جو آواز يا اسان
جي سمجهہ عقل ذاهب انهيءَ ڪري سڀ ڪنهن وديا
يا ڪنهن پسہ ڪرائڻ ۾ وويڪ سمجهہ يا سوجهہ بوجهہ
واريءَ بڌيءَ سان جيڪو ڪم ڪبو انهن جو نتيجو سٺو ۽
لاڀدائڪ نڪرندو چاڪاڻ تہ جنهن کي وويڪ يا سمجهہ
نہ آهي تنهن کي شاستر چئا ٿا چون:-

अविवेको हि सर्वेषामापदा परमं पदम् ।
विवेक रहितो लोके पशुरेव न संशयः ॥

ارٿات:- اگيان يا بي سمجهائي آپدائن جو مکيہ ڪارڻ
آهي. وويڪ رهت يعني سمجهہ عقل يا ذاهب کان سواءِ
ماڻهون هڪ پسون جي سمان آهي انهن ديڪشائن بر برهم
ايشور ۽ پرڪرايءَ پاهت ڪئين ڪترڪ وڌا ويا آهن.

هاڻي وري اهو برهم-ايشور- جنهن جڳت چا آهي.
انهيءَ جي وويڪ سان پوري چهد چاڻ ڪرڻ لنهن کي

ٻاروٽي ڪٿا ڪا ڳالهه آهي ڇا بلڪل سچي ۽ سچو آهي ڇو جو ٻه ڪتن پرماڻ ۽ دليلن جي زور تي خبر پوي ٿي ته سڀ ڪجهه ايڪ آهي ۽ دويت ڇو ٿو پاسڻ ۾ اچي ۽ اهو دويت ڪيئن نورت ٿيندو ؟ ان جو ڪهڙو اپاءُ آهي سنت سنگ شرو ترڻ گرو ويد شاستر اڀترو ٿي ٻڌائي سگهن ٿا جهڙو تيرٿي لي هردوار يا ڪاشي وغيره ڏسڻ جو جڏهن اکين سان ڏيکو وڃي ڏسجي پوءِ پوري پوري ڄاڻ پوي. انهن ڪري شري شنڪر ڀڳوان وويڪ چوڙامڻيءَ ۾ چيو آهي-

नगच्छति विना पानं व्याधि रौषधशब्दतः
विनाऽ अपरोक्षानुभवं ब्रह्मशब्दैर्न मुच्यते ।

ارٿات :- رڳو دوائن جي نالن وٺڻ سان ڪا بيماري ڪانه لهندي جيستائين دوا پيٽ ۾ نه آئي آهي تهڙيءَ طرح برهم برهم جي اکر اچارڻ سان مڪتي يا ڇوٽڪي ڪانه ملندي جيستائين برهم يا برهم تتو ساڪيات ڪار نه ڪيو ويو آهي اهو برهم تتو ساڪيات ڪار برهم نشٺ اهو گرو ڪرائي سگهي ٿو جنهن برهم جي يا پرم تتو جي جهلڪ پاتي آهي.

مثل " مان ڊاڪٽر آهيان تنهن چالهين ورهين جي مشاهدت سان ڪيئن ڪتاب پڙهي سوين مريضن لاءِ دوا آزمائي ڪنهن مرض جي دوا ڳولي ڪڍي جنهن مان

پڙهڻ ۽ ويڪ گهر جي جو سڄ ڪوڙ جي ڇنڊڇاڻ ڪري
۽ اهڙيءَ وديا لاءِ گرو ۽ اهڙوئي گهر جي ڇو نه ويڪ ڀڳوان
ڇوڙي ٿو نه -

तद्विज्ञानार्थं स गुरु मेवाभिगच्छेत
समित्पाणि श्रोत्रियं ब्रह्मनिष्ठम्" इति श्रुतेः ।

ارٿات - ان پرم تتو جي پرڪاش ڪرائيندي ڪرڻ لاءِ
اهو جگياسو هٿ ۾ ڀڳي لاءِ ڪاٺيون يا ڪجهه دڪشنا
کڻي برهم گيان جي وياکيا ڏيڻ يا سمجهائڻ واري برهم
شروتري يا برهم نشٺ گروءَ وٽ وڃي برهم شروتري گرو انهيءَ
کي چئجي ٿو جو ويدن جي وياکيا سان شش کي
سمجهائي ۽ برهم نشٺ ان کي ئي چئجي ٿو جنهن پرم تتو
جي سڌوري پائي آهي ان ۾ استٿتي ڪئي آهي.
اهو نه . تمام چڱو پر شاسترن انهيءَ لاءِ به آئين
ڇيو آهي-

कुशला ब्रह्म वार्तायां वृति हीनाः सुरागिणः ।
तेऽप्यज्ञानतया नूनं पुनरायाति यांति च ।

ارٿات - برهم وارتا جي ڪٿا ۾ بلڪل هوشيار پر
انهن جي وارتي پرم تتو ۾ آهي نه ڪاڻ ۽ سنساري
پدارٿن ۾ ڀڙا پيا آهن سي به . انهيءَ پدارٿن جي اگيان
ڪري جنم مرڻ جي ڦيري ۾ پيا ايندا ۽ ويندا مطلب
نه پائيندي ڪٿا ۾ ڀلي ڀلي ڀاڳي [illegible]

ناس ٿيندو ويندو ۽ رفته رفته وڃي ان پرم تتو جي سڌي حاصل ڪندو هاڻي اهي ممن کي ضرور ميمانسا ڪرڻي پوي ٿي ته اهو ماڻهو ڪيئن بنا ڪنهن گرو يا ستسنگه، جي پرم تتو جي پراپتي ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڳالهه کي خلاصو ڪرڻ لاءِ هيٺ لکيو وڃي ٿو.

جيئن ته هن مها آڪاش ۾ روشن مڻين لوڪن ٽين سمتن ساٿن جون پيٽن ڪرڻ جـون واشدائون سوکيم سنسڪار روپ رجي ستن لمي گـرڻ جي ڀاو ۾ انادي ڪال کان وٺي سمايون پيون آهن. هاڻي ڪوبه منش سک پرام جي ۽ من جـي لاڙي يعني انڪدت ڀاو سان چت ايڪاگر ڪري ان پرم تتو جي جاڻڻ جي اڇا ڪري ٿو. تڏهن ان منش جي هردي آڪاش ۾ جنهن کي ٻڌي آڪاش چت آڪاش ۽ انته. ڪرڻ آڪاش چئجي ٿو تنهن چت آڪاش يعني انته. ڪرڻ آڪاش ۾ اهـي انهن مهان انيو ڪرڻ وارن ستن شاٿن، روشن منين جـون سوکيم سنسڪار روپ ست ڀاو وارئون ورتيون ان پراڻيءَ جـي انته. ڪرڻ آڪاش ۾ پرڪاش ڪن ٿيون هـوبـهـو اهڙيءَ طرح جهڙيءَ ريت آڪاشي لهرون آڪاش مان اڇي ريڊيءَ ۾ پرويش ڪن ٿيون ۽ انهن لهرن جي الروپ اهڙيءَ طرح داخل ٿين ٿيون جو ڪنن جا راڳـ، الاڪ لٽرون جهت پت رڳو ريڊيءَ جـي سڻي ڦيرائڻ سان ٻڌي سگهون ٿا ساڳيءَ ريت الم ڀاو رکندڙ منش ۾

ماڻهن کي پورو پورو فائدو حاصل ٿيو. جيئن ته برابر
چاليهن سالن جي ڪشالي کان پوءِ اها دوا حاصل ڪئي
پر مهيني ڪمپائونڊر ته فقط ذهن مٿن ۾ سمجهي سگهي
۽ ناهي ورتي جيئن ته فقط ان کي دوا جا تاثير سمجهائي
۽ ڪم آڻڻ سيکاري.

اهڙيءَ طرح جو گرو برهم شروتر ۽ برهم نشٺ آهي
سوئي هن ودّيا کي جلد سيکاري سگهندو ۽ برهم تتوَ جي
جهلڪ ۽ ديدار ڪرائي سگهندو. هاڻي ضرور ٿي ماڻهو
سوال وجهندا جن کي ايترو وقت ڪٿو ملي جو اهڙو برهم
شروتر ۽ برهم نشٺ گرو هٿ ڪن ڇو ته اهڙو گرو ڪو
ملڻ سولو ڪونهي يا جيڪي گرو جي ڏلي پڙڻ سان ٿي
ٿڪجي رهيا آهن پوءِ برهم تتوَ جي گيان حاصل ڪرڻ
کان صفا ڇڏيا؟ پر انهن کي ڀراس اصل ۾ ڏيڻ گهرجي ڇو
جو ويد ڀڳوان سڀني ويدن ۽ اپنشدن ۾ صفا کليءَ طرح
ڄاڻايو آهي ته انهن کي به تتوَ جو گيان ضرور ٿيڻو آهي
پر ٿورو دير سان جنهن کي ڪرم مڪتي چئجي ٿو جيئن
مٿين مثال ۾ چئي آيا آهيون ته ڊاڪٽر جيئن پنهنجي
ٻارهن سان چاليهن ورهين دوا ڳولڻي ڪئي پر سندس
شش ڪمپائونڊر ته فقط ذهن مٿن ۾ سگهي. هتي به اهو
سمجهڻو آهي ته اهو ماڻهو پنهنجي ٻارهن ۽ وڌيڪ
سان پنهنجو آتمڪ پاڻ يعني دل جو لاڙو الهيءَ ٻارهن
ڌانهن ڪري ته پنهنجو ڀاڱو ان جي اندر جيئن اڳيان

नैते सृती पार्थ जानन्योगी मुहयति कश्चन ।
तस्मात्सर्वेषु कालेषु योग युक्तो भवार्जुन ॥

ارٿ:- ڇاڪاڻ ته جڳت جا هي ٻه قسم شڪل ۽ ڪرشن ارٿات ديويان ۽ پترييان مارڳ سدائين (اصل کان) هليا وا آهن پنهنجي نشڪام ڪرم، ڪرم ڪرڻ ڪري هڪڙي رستي يعني ديويان مارڳ رستي دوارا منش برهم لوڪ ۾ وڃي برهم سان گڏ برهم آنند ڀوڳي جيئن پرلي ڪال کان پوءِ برهما مڪت پد حاصل ڪري تو ليئن هو به هن سان گڏ مڪت پد حاصل ڪري ٿو وري موٽي هن جڳت ۾ ڪونه ٿو اچي ۽ ٻيو ڪرشڻ يعني پترييان مارڳ جنهن دوارا پنهن جي سڪامي شڀ ڪرمن جي ڪري سرڳ لوڪ ۾ وڃي سرڳ جا آنند ڀوڳي وري مرت لوڪ ۾ جنم وٺي جنم مرڻ جي ڦيري ۾ اچي ٿو. هاڻي جڻ ته انهن ٻنهي ڏسڻ ۾ اچي ته هن منش لاءِ ديويان پترييان مارڳ ڪرم مڪتيءَ جي جي دوارا ڪيترن جنمن کان پوءِ آهستي پراپت ٿئي ٿو هاڻي اهو سوال ٿو اٿي ته، انادي ڪال کان اهي ديويان ۽ پترييان هليا ٿا اچن ته، ڪو ٻيو رستو ڪونهي ڇا جو منش هن ئي جنم ۾ مڪت ٿي وڃي انهي ڳالهه کي سپشٽ ڪرڻ لاءِ شري ڪرشڻ ڀڳوان ٢٧ شلوڪ ۾ چوي ٿو:—

اهي سنتن ساڌن جون ورتيون يعني ڀرون سندس من ۾ پرڪاش جاڳائي ڪيس الٽيءَ ڏانهن وٺي هلن ٿيون. مان اڳتي جاڻائي آيو آهيان تہ. خود ايشوري اڇا وارئون جڳت جي پرلڀتا ڪرڻ وارئون سوڪم ورتيون رشين مڻن جي سماڌي ڪال ۾ انهن جي هردي آڪاش ۾ آئيون جنهن کي ويديا گيان چئجي ٿو. ڀيريون گيان ايشور ۾ پيو گيان رشين جي هردي ۾ ٿيون گيان ويدن پستڪن ۾ ٿيو.

اهڙيءَ طرح هيءَ وهنواري مڻش ۽ پيا گروهه پنهنجي الم يارا جي ڪري وٽندو اڳتي هلي ٿو تان جيو هيو وڃي پرم پد کي حاصل ڪري ٿو. انهيءَ کي ٿي شاسترن ويد اپنشد ۾ ڪرم مڪتي ڪري ڪوٺين ٿا جنهن جا ٻہ روپ ڏيکاريا ويا آهن جن کي ديوان ۽ پترياڻ مارگ ڪري ڪوٺڻ ۾ اچي ٿو. ڇاندوگيہ، ورهيہ دارڻڪيہ ايشاواسيہ ۽ ٻين ۽ اپنشدن ۾ انهن ديوان ۽ پترياڻ مارڳ جو احوال چڱيءَ طرح سان ڏنل آهي ۽ مان انهن کي ڇڏي گيتا جي ۸ اڌياءِ جي ۲۴ کان ۲۸ شلوڪن لائين انهن پنجن شلوڪن ۾ جيڪو ڪرم مڪتيءَ بابت احوال آيل آهي تنهن بابت ٿورو لکان ٿو ڇو جو اهو ويدانت سڌانت جي بلڪل سمت آهي (متي موجب)

शुक्ल कृष्णो गती ह्येते जगतः शाश्वते माते ।
एकया यात्यना वृत्ति मन्ययावर्तते पुनः ॥

نشڪام ڀڳتي ڪرڻ وارن پرشن لاءِ شڪل مارڳ ڏيکاريو ويو آهي ۽ سڪامي پرشن لاءِ پترياڻ يا ڪرشن مارڳ، ۽ موڪش وارن لاءِ جنم مرڻ جي ڦيري ۾ نه اچڻ وارو پڻ، ڏيکاريو ويو آهي تنهن سان گڏ اترائڻ ۽ دڪشائڻ يوگ ٻه ڪري ڏيکاريو ويو آهي. جن جـــي ابياس ڪرڻ سان اهو يوگي ڪڏهن موهت ٿـــي يا ڀڄي نٿو سگهي اها شري ڪرشڻ ڀڳوان جي ابياس جي پروليءَ جـــو شري شنڪر آچاريه ڀڳوان ۽ ٻين مهاتمائـــن شريمد ڀاڳوت گيتا جي ڀاشيه ۾ ٿورو گهڻو اشارو ڏنو آهـي پر چڱيءَ طرح سپشٽ روپ ۾ اهڙو الم يوگ، جو ابياس ڪونه ڏيکاريو آهي پر اهو الم يوگ اسان جي گهرائي جـي مهان اپاءُ يوگيشور شري سد لعلن لعل ڀڳوان پنهن جي امرت ڪلا يوگ ۾ انهي يوگ جي ابياس سهت جهلڪ ڏيکاري آهي. انهيءَ امرت ڪلا يوگ ڪـــي مون دويه. درشن نالو ڏنو آهي. ان ۾ اهڙي دويه درشٽي ۽ آنترڪ پرڪاش اتپن ڪرڻ واري X Ray روپ ڌارا جنهن جي ابياس دواران سڀ مج پرڪاش اتپن ٿئي ٿو جـو يوگن جو مکيه ۾ مکيه. ساڌن آهي. اهو امرت ڪلا يوگ درشن (دويــه درشن) جنهن جو ورڻن گرو صاحب جنهن نموني سمجهايو سو هن دويه ديڪشا شاستر جي سماپت بعد لکي پرڪاشت ڪندس مون کي نه انهن سمجهه ۾ ٿو اچي تـه پنڊت ۽ ابياسي جن، جن جي پڙهي اچڻ مان ڪجهه ٻه نه آهيان ســـي

ارٿات:- اهي ٻئي شاڪتوپايہ شالپو وپايہ يوگ جا رستا يا مارگ جا جو يوگي آهي سو جاڻي ٿو سو ان کي جاڻي ڪڏهن به اگيان کي پراپت نٿو ٿئي تنهن ڪري هي ارجن تون سڀ ڪنهن وقت انهيءَ يوگ ۾ سماهت رهه. انهن ٻن ٢٦ ۽ ٢٧ شلوڪن ۾ ڀڳوان ٻه وچن ۾ ڳنڍي ۽ سرلي اکر چيا آهن جن جي معني آهي ته رستا ارٿات اهي ٻه شاڪتوپايہ شاڀوويايہ مارگ يوگي جن پرش پنهنجي يوگ دواران ان جي تتون کي جاڻي ٿو سو اگيان کي پراپت نٿو ٿئي ۽ شري اوجن کي اپديش ڪري ٿو ته تون ته انهيءَ يوگ ۾ ايڪت سماہت رهه. انهيءَ يوگ جي ساراهه شري ڪرشن ڀڳوان ٨ ادياءِ جي ٢٨ شلوڪ ۾ ۾ اهتري قدر ڪئي آهي جو اهڙي ساراهه ڪئي — ٻئي ڪنهن يوگ لاءِ نه ڪئي آهي ڀڳوان ائين چئو چوي:

वेदेषु यज्ञेषु तपःसु चैव दानेषु यत्पुण्यफलं प्रदिष्टम् ।
अत्येति तत्सर्वमिदं विदित्वा योगी परं स्थान मुपैति चाद्यम्

ارٿات:— يوگي پرش هن رهسيہ کي تتو سان جاڻي ڪري ويدن جي پڙهڻ ۾ تتا يگين اپن ۽ دان جي ڪرڻ ، جو پڻيہ ڦل ٻڌايل ويو آهي ان سڀني کي ڇڏي اڳتي وڃي ٿو ان سدائين پد کي پراپت ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ

سوکيم سنسڪارن جو آسرو وٺي چڱائي ڀرائي کي پرايت ڪن ٿا. انگريزيءَ جي پهاڪي موجب:

Where there is will, there is way.

(وهه ڊسر از ول ڊيئر از وي)

مطلب ته جتي جي جهڙي ڀاونا آهي. تنهن کي اهڙي ملي ٿي.

اسان جي شاسترن تنهن ڪري انهن چيو آهي ته خود ايشور نه هيءَ سرشٽي انهن سنسڪارن جي انادي آڌار تي ٺاهي ته ٻيو جيڪر هيءَ سرشٽي نه ڪانه هجي ها. انهيءَ رهسيه جي ڏيکارڻ لاءِ خود شري ڪرشن ڀڳوان گيتا جي ٢ اڌياءِ جي ١٦ شلوڪ ۾ چيو آهي:

नासतो विद्यते भावो ना भावो विद्यते सतः
अभयो रपि दृष्टो उन्तस्त्वनयो स्तत्त्व दर्शिभिः

ارٿات: است وستو جو استو ڪڏهن نه هئڻ ڪونهي ۽ ست وستوءَ جو ڪڏهن نه. ايئاو ڪونهي انهن ٻنهي هئڻ ۽ نه هئڻ جو رهسيه تتو درشن ٻنهي گياني پرشن جاڻو آهي. ٻيو اسان جي ڪن انيڪ ڀڳتن انيڪن چيو آهي ته:-

व्याचष्टे तारकं ज्ञानं स्वयं देवो महेश्वरः
तदेव ब्रह्म विज्ञेयं न च कारण कार्य्यताः

ارٿات:- اهو ٻاڻ ايشور اهو تارڻ وارو گيان ڏئي ٿو

اهو شاستر پڙهي وري ڪن ويدن جي شلوڪن لاءِ لکين سر پاڻ ڪن نه شڪ ڪندي. هاڻي هن مٿين ڳالهه کي ڇڏي پنهنجي اڳوڻي ڳالهه کي شروع ڪريون ٿا يعني جن کي گرو ڪرڻ مليو آهي سي ڪا پرام سڪ؛ من جي اتم ڀاو سان پرم تتو جو انڀو ڪري سگهن ٿا. سائنس اوهڙيءَ طرح وهنوار ۾ جن سائنسدانن هيڏا اچرج ۾ وجهڻ واريون ايجادون جهڙوڪ هائيڊروجن، ائٽم بم، گاڏيون جهاز، راڪيٽ وغيره جي تيار ڪيا آهن. انهن ۾ سائنسدانن ايڪاگر چت سان پنهنجي ڪم ۾ مشغول ٿيا. تنهن هوندي به هردم آڪاش ۾ انهن سوکم آڪاشي لهرن، سوکم سنسڪارن يا ورتن پرڪاش ڪيو جي اڳيئي هن مها آڪاش ۾ ايامن کان پهرين سائنسدانن به، اها سوکم واسنا ڪئي هئي. جي اهي سوکم سنسڪار اڳي نه هجن ها ته اڄ ڪلهه جي سائنسدانن جي اندر ۾ انهن ايجادن يا آوشڪارن جو پرڪاش نه ٿئي ها. اهڙيءَ طرح دهرتي، هوا، پاڻي جا سوکم سنسڪار هن جڳت ۾ وياپڪ آهن اهي وري اهڙن پاڻن جي هردي ۾ اچو واسو ڪن جو اهي به اهڙا ڪرڻي ۽ پاڻي ٿا ٿيو پون.

دنيا ۾ ڪا به شيءِ لکين يا اوچتي آيل ڪانهي انادي ڪال جي سرشٽي ۾ اهي گيان، اگيان، ڌرم ادرم، چڱن ۽ خراب ڪمن جو واسنائون سدائين موجود آهن انهن

اڳيان وڪان ٿو جنهن جي پڙهڻ ۽ ابياس ڪرڻ ڪري ٿوري جهلڪ پرايڪيه انڀو ڪرڻ ۾ ايندي جي انين آهي نه کهڙو نه چڱو ٿيندو.

هاڻي اهو ثابت ڪرڻو پوندو ته نه شاستر جي لکڻ جو ضرور ٿي ڪونه هو. ويد جـــي شرتي ايشور جا واڪيه آهن ان ڪي ڪير ميٽي نٿو سگهي.

هاڻي مطلب اهو آهي ته شرتن جي جپڻ ۽ ويدن جي پڙهڻ مان اهو ٻــــه اهڙو گيان آهـــي جهڙو لقشي ٿي هردوار ڏيکارڻ. تنهن ڪان سواء شاستر الهن ته چون ٿا ته:-

पुस्तके लिखिता विद्यायेन सौद्रि जाप्यते
सिद्धिर्नजायते तस्य कल्प कोटि शतैरपि ॥

ارٿات:- پستڪ ۽ شاستر ۾ جيڪي لکيو ويو آهـــي تنهن جپ ۽ پاٺ ڪرڻ سان ان پرم تتو جـــي ڪروڙن ڪلپن تائين سڌي ڪانه ٿيندي جو نه اهو ويڳو ٿيو شروع ڪرڻ تنهن جو اهو ٻـــه ٿيو آدريه گيان پر ان ڪان مٿي مدن ڪرڻ پهدي ايڪتن ۽ دليان سان سمجهڻ اهو ٻه نه سواء ابياس جي آدريه گيان ٿيو. انهيءَ ڪان مٿي ندڌياسن (ابياس) ان ٿي جذهن گروءَ جي پوريءَ سکيا سان ابياس ڪبو نه پوءِ پرم تتو جي جهلڪ نظر ايندي نه نه نه.

هاڻي مون ڪي تتو ۽ يوگ جي سمجهڻ لاءِ اهـــڙي طرح لکڻ گهرجي جيڪي تمام سولائيءَ سان اهي ٿي ڳالهيون

انهيءَ ڪري اهو پرم برهم جاڻي سگهجي ٿو ته ڪي
ڪي ڪارڻ ۽ ڪاريه جي سمبنڌ ڪري. مطلب ته،
پڇاڙيءَ جو ڦاپرو اهو نڪتو ته جن جي سچي شرڌا آهي
سي نشڪام ڪرم جي (ايشور ارپڻ بُڌي) دوارا آهستي
آهستي انهيءَ پرم پد کي پائيندا. انهن ڪري شرڌالو
سڌ گڻن وارن کي به نراش نه ٿيڻ گهرجي ڇو جو هي
منش جنم ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي انهيءَ منش ديهه ۾ ئي
گيان ٿي سگهي ٿو انهن ڪري هن حياتيءَ ۾ اهو
موقعو نه وڃائڻ گهرجي. جيئن ته چيو ويو آهي:-

लब्ध्वा कथंचिन्नर जन्म दुर्लभं
तत्रापि पुंस्तवं श्रुति पार दर्शनम् ।
यस्त्वात्म मुत्कयै न यतेत मूढधी
स ह्यात्महा स्वं विनि हंत्य सद्ग्रहात ॥

ارٿات - مس مس ڪري ماڻهوءَ (منش) جو دُرلڀ
پاتو آهي انهن ۾ به منش جو جنم وڏيءَ سمجهه جو
جنم آهي ۽ ويدن شاسترن کي پڻ سمجهي سگهي ٿو
اهڙي دشا ۾ جو مورک پنهن جي مڪتي واسطي يتن
نٿو ڪري سو آپگهاتي ڪرڻ وشيه. واشنائن ۾ ڦاسي
پنهنجو ناس پاڻ آڻي ٿو. هاڻي وڌيڪ وستار کي ڇڏي
آخر ايترو لکان ٿو ته پرم تتو يا ايشور جي پائڻ جا رستا
ته گهڻيئي آهن جو سگر ۾ سگم ويد ڪمارگ، پاتڪن جي

دپڪشانڪ ٥

(تتو گيان)

اسان جا ڪرپالو ديالو مهارشي جي ايشور پراپتي پڌيءَ دواران ايشور آتما هئا ان پرڪال درشي سڌ پرشن کي هيءَ سرشٽي اهڙيءَ طرح ٿي ڏسڻ ۾ آئي جهڙيءَ طرح ڪو ڪتاب اسين ٻدا ڪڏهن تڪليف جي پڙهي وٺون. ان ڪري انهن ڏسڻ ۾ آيو ته گهڻو ڪري ڪلجڳ جي سمي ۾ ويدانت سدانت جا اڻ ادڪاري ٿي اڻي پاڻ کي.

अहं ब्रह्म अस्मि ब्रह्मैवाहँ।

ارٿات - آءٌ برهم آهيان، يا سچ پچ آءٌ ئي برهم آهيان، ٻدا ٻڌهن جي سروپ جي لکيارت ڪري والوٽي ڇوڻ شروع ڪندا. ادڪاري نه هئڻ جي ڪري نتيجو سٺو ڪونه نڪرندو. مهـا انياءُ پاڳه واڪيه رشيءَ چيو آهي ته -

सर्वं ब्रह्म वदिष्यन्ति संप्राप्ते तु कलौ युगे।
नानुतिष्टन्ति मैत्रेयशिश्नोदर परायणाः॥

ارٿات - پاڳه واڪيه رشي چوي ٿو ته هـن ڪلجڳ جي سمي ۾ سڀ ڪو چوندو ته آءٌ برهم آهيان آءٌ برهم آهيان پر هو ڪو انهيءَ پد لاءِ آهن ئي ڪونه، پر انهن

سمجهڻ ۾ اچن. جهڙيءَ طرح حسابي ڪمن لاءِ انگي زباني
يا خيالي ڪهڙا ۽ حساب هجن انهن سڀني جي ڄاڻڻ
لاءِ چار مول منتا يا ٽنڊيا آهن جهڙوڪ- جوڙ ڪٽ ضرب
۽ ونڊ انهن چئن جي دوارا ڪيترا ۽ ڪيا حساب ڪري
سگهون ٿا وڌيڪ ٻئي ڪنهن منتي يا ٽنڊي جي گهرج
ڪانهي. ٺهڙيءَ طرح لتون ۽ اپياس لاءِ آءٌ چار مول منتا
ٽنڊيا منزلون يا اوستائون يا پوڪائون ڏيکاريندس.
انهن جي ڄاڻڻ سان ڪهڙو ۽ ڪيترو سوال ويدانت فلاسافي
يا ٻئي پرمارٿڪ يعني روحاني لتون اپياس وغيره جو
پاڻهين خيال ۾ اچي ويندو ٻئي ڪنهن کان هرو ڀرو پڇڻ
جي اميد نه گهٽجي گهرج ڪانه رهندي گهڻو ڪري انهن
وديائن جون ۽ چار چاڙهيون آهن. جيتوڻيڪ الڙن لاءِ
ڪم البت ڏکيو ٿيندو پر ٽڌهن ۽ جي خيال سان ٿورو
اونهون وڃي هڪ ۽ ٻيو شاستر کي ڏٺئي پڙهبو نه بلڪل
سهنجائي ٿي پوندي ۽ ڏکيائي ڪانه ٿيندي تنهن ۾ هيءَ
پرمارٿڪ يعني روحاني وديا اڳتي پڙهندا نه چڱي ڦلدائڪ
ٿيندي. تنهن کان اڳتي وڌو پڙهو. واٽ لاءِ وهي نه رهجو
اها شري سرسوتي ماتا ويدن ۽ وديائن جي ادشٽاتري
ديوي توهان کي مدد ڪندي جو جو اها ماتا وڏي
دياوان آهي.

ارٿات- جنهن کي اپان کو گيان پراپت نہ آهي ۽ اتو ڳابرو جاڳرت ٿيو آهي يعني کيس جاڳو ٿيو آهي تنهن کي جيڪو چوي تہ هي سڀ برهم آهي سو ان کي مها نرڪ جي جار ۾ ڦاسائي ٿو ڇڏي. ڪرم نہ اپاسنا يڪدم. آلو الله بولو برهم مان آهيان چئو ۽ هرو پرو سچ پچ ست پرش يا مها گيانيءَ لاءِ جنهن کي ڪرڻ نہ ڪرم ۾ اهم پڻو ڏسڻ ۾ ئي ڪري ٿو اچي تنهن جيون مڪت پرش لاءِ گيان ۽ ڪرم جو وروڌ آهي پر نڪي ڪي اگيانن يا اڌ پڙهيلن لاءِ چئو تہ ويد ڀڳوان چوي ٿو تہ ڦل پائڻ نشڪام ڪرم ۽ ايشور اپاسنا ضرور ڪرڻي آهي تنهن کان پوءِ هو سچي گيان جا اڌڪاري آهن.

مون کي هڪ مثال ياد آهي تہ اسان جي سنڌ ۾ هڪ سنڌي آهي جنهن ۾ بلڪل ڪتا ويدانتي هئا اهي چوندا هئا تہ. اسين آتم سروپ برهم سروپ آهيون، نرليپ آهيون اسان لاءِ ڪوبہ پڌتي ڪونهي" ڪرم ڪرڻ لاءِ ڪهڙي جو ڪم آهي. اسين آتم روپ انهيءَ کان پري ۽ نيارا آهيون. انهيءَ ڪري پائي ڪري ابتا سبتا ڪرم بہ ڪندا هئا ڪاب پرواهہ ڪانہ ڪندا هئا تہ اسان کي ڪو انهن ڪرڻ جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو پڌهين شبدن ۾ ساڪن ۾ چوندا هئا تہ. "مورک ڪرم اپاسنا ۾ ڦسندا، اسين پڌ پرش ڦهڻ پڌندا."

ڪريا يا اڀياس سان برهم جي لکيارت ڪانه ڪئي آهي
پر اهي انڌي جي لذت ۽ پيٽ جا پوڄاري آهن.
هاڻي پنج آڱريون برابر ڪونه آهن ايئن ٻه ساڌو سڌمت
گهٽي ٿي پيا آهن پر گهڻو ڪري ته ڏسڻ ۾ پيو اچي
ته ڪيترا وشين ۾ ڦاٿا پيا آهن. جيڪي ويدانت جي
سچي سدانت لاءِ واروٽي واکياڻون ڪن ٿا پر انهن
ويدانت جي چئن ساڌن (١) وويڪ (٢) ويراڳ (٣)
ڪٽ سمپتي (۴) مموکشتا لهڻ جي اجان ڀرڻ ساڌن
جا ٿي اڌڪاري ڪونه آهن ڇو جو ويدانت ۾ وويڪ
جو اڌڪاري ان کي چئجي ٿو جيڪو اڳي ايشور نام
جپڻ سان ڪرم ڪرڻ پڪتين ۽ دليلن ۽ اڀياس سان
اپوق ڪري اهو وويڪ حاصل ڪيو آهي لــ برابر.

सर्वं मिदमाहं च ब्रह्म

ارٿاس. آءٌ ۽ هيءُ سارو جڳتر بــرهم روپ آهي
اڌهن هو ويدانت جي پورلن ساڌن جو اڌڪاري چئجي
ٿــو پر اهــڙا اڌڪاري ٿورا ايشور ڀڳت آهــن پر ان
اڌڪاري نه گهٽيتي آهــن انهن اڻ اڌڪارن لاءِ خــود
مهو اپنشد سنڌس ١٠٥ شلوڪي واري شــروتــيءَ ۾
چا ٿو چوي،

अज्ञस्य अप्रबुद्धस्य सर्वं ब्रह्मेतियो वदेत।
महा नरक जालेषु स तेन विनि योजितः

٣ شلوڪ جي شرح:-

ते ध्यान योगानुगता अपश्यन्
देवात्मकशक्तिम् स्वगुणैर्निगूढाम् ।
यः कारणनि निखिलानि तानि
कालात्म युक्तान्यधितिष्ठत्येक ः॥

ارٿ:- انهن رشين ڌيان يوگ پراپت ٿي سمندس گڏجي ڪري پرڪيل پرماتما ديو سروپ واري اڇڻت شڪتيءَ جو ساکيا ڪار ڪيو. انهيءَ ڪري پرميشور پوڪرلي سمند ڪري اڪيلوئي ڪال ڪان وٺي آتما تائين سمپورن ڪمن لي راڄ ڪري ٿو.

هاڻي شڪتيءَ جي سروپ جي چڱيءَ طرح وياکيا ڪرڻ لاءِ ضرور لکڻو ٿو پوي جو انهيءَ جي سروپ جاڻڻ سان ٿي اسين اڳتي وڌي سگهون ٿا. وياڪرڻ جي پرماڻ موجب شڪتي اکر جي व्युत्पति معني بعيان، پاڙ يا اشتقاق هي آهي.

शकलृप शक्तौ शक् आमर्षणे

ارٿ:- شڪلپ ساهرٿي جي معني ڏيکارڻ آهي لڌهن ڪي پرلمبه اڳاڻڻ ڪانپوءِ اکر ڳنڍڻ سان شڪتي شبد त्तिन् ڀرشي پاڻي جي وياڪرڻ دوارا سمندس ارٿ ظاهر ٿيڻو انهيءَ الوسار شڪتي شبد جو ارٿ آهي ساهرٿيه بل ولوه پراڪرم

اوتار- اهي مورک، آهن جي ڪرم اپاسنا ۾ ڦسن ٿا اسين آتم روپ سڀ کان نيارا ۽ پري آهيون. اسان کي ڪوبه ڪرم بڌن ۾ وجهي نٿو سگهي ڪرم اپاسنا لاء اٿين چوندا هئا ته "ورت نيم ڪاٺ کي گهوڙي عزل رسي نه ڪرءِ." يعني- ڪاٺ جي گهوڙن مثل ورت نيم آهن جي ڪڏهن به ڪنهن پرمارٿ پد تي پهچائي نٿا سگهن انهن جي ڪرڻ مان ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيندو. پر يار جي انهيءَ وقت جن اندرين انهن سان اهي ڪم ٿي ڪيا تن کي سمڌن ڏوهي ڪرمن لاء ڪيچي ها ته ڪاڪن کي خبر پئجي ته، ڪيتري وڏهن سو آهي.

اسان جي مها اڀياو مهرشن کي ته اڳ ۾ ئي خبر هئي تن ديالو سڌ پرشن اهو خيال ڪيو ته، اهڙي حالت ۾ اهڙو منتر انهن کي ڏجي جنهن کي ڪوبه، مذهب مت متانتر سائنس کنڊن نه ڪري سگهي- پار ڪان بيدي ڏائين پڙهيل ٿوڙي اڻ پڙهيل سمجهو يا اڻ سمجهوءَ کي رڳو منتر جي پڙهڻ سان ئي اهو گيان ٿئي ته هيءَ ساري سرشٽي اٿوءَ ڪانوني جيءُ ديو ديوتائن ايشور ۽ برهم ڏائين هڪ ئي برم تتو آهي ۽ انهيءَ جي وڏيڪ ويچن ڪرڻ سان وهيوارڪ پڳتي ۽ پرمارٿ مڪتي ملي سگهن ٿا.

هائو بيشڪ انهن هڪ ئي سچ جو اڪر: ڳولي ڪيو اهي سڀ اسان جون ڪامنائون سڌ ڪري سگهي ٿو. ٿهن لاء پڌو شروتا شوکر ايمشڌ جي پهرين اڌياءَ جي

ھڻڻ گرڀ ۽ سنھارڻ واري ڪالڪي = شوڀا واري ۽
ان کي شوڀا ڏيڻ واري گڻيءَ جا گيان سروپ ۽ جڳت
کي هلائڻ چلائڻ واري. هتي مون کي شڪتي ۽ ديوي
جو روپ پرمارٿ سنا ۽ وھنوارڪ سنا ٻنهي ۾ ڏيکارڻو
آهي ڇوته ٻنهي ۾ ڀيد آهي ڪجھ. وياکيا سندس پرمارٿ سنا
موجب ڪريان ٿو. انهيءَ جو فقط دڳ درشن ڏيان ٿو وڌيڪ
سندس اڀياس جي اڌيائن ۾ ڏنو ويندو. وھنوارڪ سنا جو
ٻنار ڄڳي ڪجي جيئن سڀ ڪڄھن کي ووڌڪ پيدا ٿئي.

या ज्ञान बलेन सामर्थ्येन च सर्वं चराचरं
जगत् कर्तुम् शक्नोति सा शक्तिः

ارٿات - جا ٻنهي جي گيان، ٻل ۽ شڪتيءَ سان
سارو جڳت جڙ ۽ چيتن پيدا ڪري ٿي سا آهي شڪتي

या श्चराचरं जगतद्योतयति इति देवी

ارٿات - جا ساري جڳت کي پرڪاش ڏئي ٿي سا
آهي = ديوي.

اسان جي گرو صاحب جي گهرائي جو مول منتر آهي
سام ويد جا ٽي اکر -

शक्ति वै ज्योतिःस्वरूपा

ارٿات:- شڪتي سچ پچ جوتي سروپ آهي.
پرڪاش تنا گيان سروپا چيتنيا تنا چداننڊ سروپ آهي.

پرڪاش لچ پاڻيان ڏيڻ واري پر ديوي پاڻوت ۾ آ، منگل واچڪ
يعني آنند ڏيندڙ ۽ तिः پراڪرم واچڪ يعني پراڪرم
واچڪ يعني پراڪرم ڏيندڙ آهي. پر هتي ٻيو ديوي اکر
جو شڪتي اکر جو يعني पर्याय ساڳي معني ڏيکاريندڙ آهي
تنهن ديوي اکر جي هن وقت تي وياڪرڻ موجب
وڃتي بنياد مصدر ڌاتو پاڙ اشتقاق (Etimology)
هتي ئي ڏيکاريان ٿو. ڇو جو اهي ٻئي اکر ديوي استو
روپ ۽ شڪتي سوکيم روپ ساڳي معني ۾ ڏيکاريندڙ
آهن جي اپياس جي وقت ۾ ڪم اچن ٿا ۽ گهڻي پيار
نه ٿئي تنهن لاءِ ضرور ديوي جي ارٿ ڏي لکيا ورت ڏيکاري
وڃي ٿي. ديوي حساب موجب ڪٿ ڇئي وڃي ٿي
۽ شڪتي جڙ روپ آهي.

दिव क्रीड़ाविजिज्ञीषा व्यवार द्युति स्तुति मोदमद
स्वपन कान्तिगतिषु ।

ارٿات دو = جا سڀني کي پرڪاش ڪرڻ واري،
ڪريڙا = جا ساري جڳت کي راند وانگر هلائڻ واري.
وجگيشا = جا ساري جڳت کي سوڀ ۽ جيت ڏيڻ واري
ويو هار = جڳت کي فائدي موجب هلائڻ واري، ديوتي
= جا پاڻ پرڪاش روپ ۽ ٻين کي آنند ڏيڻ واري.
مد = سدا شوڪ رهت ۽ ٻين جو شوڪ، دک دور ڪرڻ
واري. سوپن = جا پرليه ڪال ۾ سڀني کي مهه يعني

جهڙيءَ طرح سپن اوستا ۾ ٽڪو سورج ٽڪو چندر ٽاراگڻ ڀلي اگني آدي آهن تہ بہ ماڻهوءَ جو من انهيءَ جوتيءَ جي پرڪاش ۾ گهوڙا ڦرڻ ڪاڳر پهڻ وغيره جا پوڻ پوڻي ٿو تہ پوءِ سمجهڻ گهرجي تہ اها جوتي ڪٿان آئي. اها جوتي مهان پرڪاش جي ڪنهن انش دواران ٿي آئي اسين انهيءَ اوستا ۾ سپن آدي جي ڀوڳن ۾ لمپٽ رهون ٿا جنهن ڪري انهيءَ جوتيءَ جي اسان کي ڪا پروجهہ نٿي پئجي سگهي اهڙيءَ طرح سان جاڳرت اوستا ۾ بہ سورج چندر اگني آدي جي ان پرم جوتي دواران پرڪاش ڪري رهيا آهن ٽن جي بہ اسين ان سورج چندر ۽ اگني آديءَ جي پرڪاش سبب انهيءَ پرم جوتيءَ جي لکيارٿ نٿا ڪري سگهون اهڙيءَ طرح سکوپتي اوستا ۾ بہ اهو جوتي پرڪاش سدائين قائم آهي پر من ۾ لمبي گڻ پرڌان هجڻ سبب اسان کي ان گيان سروپ پرڪاش واري مهان جوتيءَ جو انڀو نٿو رهي ڇو جو من ڪنهن نہ اٿان يا ورتيءَ يا خيال کي ڇڏي وڃي لمي گڻ ۾ لين ٿيو آهي پر جيڪڏهن انهي جاءِ تي لمي گڻ جي بدران ستي گڻ ۾ اٿان بعدي ورتي هجي تہ پوءِ ماڻهو سماڌيءَ کي وڃي پراپت ٿئي ٿو. اتي ماڻهو پرم برهم چد آنند سروپ کي پراپت ٿئي ٿو.

اهڙيءَ ريت شرمد ڀاڳوت گيتا جي ۱۳ ادڌياءَ جي

جيڪي ٻيون شيون ناسڪي پاوڻ برهم ۽ ايشور وغيره
جو ڪٿان ڪيو آهي سي سڀئي ڪٿان شيون تن اکين جي
اڳيئو ڪرڻسان مرجهائجي ويندا. جيئن سورج جي نڪرڻ
ڪري چنڊ ۽ تارا ڏسڻ اڳهامي ويندا آهن. اها ڳالهه ڪٿي
ٻون ٻڌاڪ هٿئي پر انهن آهي يا ناهي سو ثابت ڪرڻو
پوندو. جنهن ۾ ڏيئي مالڪ به پرم ڳالهه پوندو ٿيون لکڻ
سچو سمجهو ڳالهه. تنهن ڪري ٿورو ڌيان ڏيئي پڙهو.
تنهن جي لکيارت ڪرڻ لاءِ ويد جي ڪٿو اپنشد جي،
شروتي فرمائي ٿي.

न तत्र सूर्यो भाति न चन्द्र तारकं
नेमो विद्युतो भान्ति कुतोऽयमग्नि
तमेव भान्तमनु भाति सर्वं तस्य भासा सर्वमिदं विभाति

ارٿات:- اتي نڪي سورج پرڪاش ڪري ٿو نه
چنڊ تارا پرڪاش ڪن ٿا نه ڪي بجليون ئي پرڪاش
ڪن ٿيون وري اڳني اتي ڪيئن پرڪاش ڪندي هن
جي پرڪاش ڪري سڀئي سورج آدي پرڪاش ڪن ٿا
انهيءَ جولي پرڪاش ڪري هيءُ سارو جڳتر پرڪاش
ٿئي ٿو ۽ گيان وگيان ۽ چيتن سروپ پاسڻ ۾ اچي ٿو.
انهيءَ شلوڪي جو هيءُ ئي ارٿ آهي جوليءَ جي لکيارت
ڪرڻ لاءِ.

يعني آنند يا پرم روحاني جوڀ جو. سو جسو سچي اڀياس ويراڳ ۽ وچار سان ڄاڻجي ٿو. هاڻي اهو سگهه به سگهه اڀياس ڪيترو آهي جنهن مان آتم شڪتي، برهم شڪتي، ديو شڪتي يا جوڳي شڪتي ڄاڻي سگهجي ٿي. اهو احوال ٻين انڪن ۾ ڏنا شڪتيءَ ورنن ڪيو. پر جنهن ڪري وهنوارڪ يعني لوڪڪ يا دنيوي سڌي نه حاصل ٿي آهي تنهن کي پرمارٿڪ يعني آتمڪ روحاني سڌي نه حاصل ٿي سگهندي، تنهن ڪري هاڻي ان ڄوڀ جو شڪتي جو ورنن ڪبو. جيئن هي وهنوارڪ ۽ پرمارٿڪ جيوون ٻئي ايڪ سروپ ٿي وڃن. تنهن ايڪتو وحدانيت جو آنند ٿئي ٿو. شاشڪتي پرم تتو برهم ۾ سچدانند روپا آهي جو شاستر ۾ چيو ويو آهي تہ:-

सर्वाद्या तु भवेच्छक्ति रानन्द घनगोचरा ।
ईश रूपा चिदानन्दा पर ब्रह्मैव केवलम् ॥

ارٿات:- سڀني جي آديا پرم تتو برهم روپا شڪتي آهي اها آنند گهڻا روپا ٿئي وڃي ٿي چدانند ايش روپي به اهائي آهي ۽ سرو وياپڪ روپ به اهائي آهي اها چدانند شڪتي جنهن برهم ۾ نه هجي تہ پوءِ برهم جو ڪو ملهه ئي ڪونہ ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح ايشور جو ساري جڳت جي اپتي استي ۽ لئه ڪرڻ وارو آهي

۱۷ شلوڪ ۾ شري ڪرشن ڀڳوان چوي ٿو ته:—

ज्योतिषामपि तज्ज्योति स्तमसः परमुच्यते ।
ज्ञानं ज्ञेयं ज्ञानगम्यं हृदि सर्वस्य विष्ठितम् ॥

ارٿات:- جوتين جي جوتي مايا کان بلڪل پري چئي وڃي ٿي. ٻوڌ روپ سروپ ڄاڻڻ يوڳ، ۽ تتو گيان سان پراپت ٿيڻ واري سڀ ڪنهن جي هردي ۾ اسٿت آهي انهيءَ جوتيءَ جي اڀياس واسطي هٿين ڇڙو وڻو آهي.

एष स्वयं ज्योति रनन्त शक्ति रात्मा ऽप्रमेयः सकलानुभूतिः ।
यमेव विज्ञाय विमुक्त बन्धो जयत्ययं ब्रह्म विदुत्तमः॥

ارٿات:- ته اها جوتي ٻئي ڪنهن جي آڌار کان سواءِ پنهنجو پاڻ پرڪاش ڪرڻ واري اننت شڪتي سروپ آهي جنهن جي شڪتيءَ جو ڪوبه پار ڪونهي ۽ اُتي اننت آتما جنهن جي سيما يعني حد ڪانهي يعني برهم روپ وياپڪ سروپ آهي. اها ئي ساري جڳت ۾ سڀ ڪنهن پدارٿ جي ٻوڌ سروپ يعني چيتن روپ آهي. جنهن کي برهم تتو جي ڄاڻڻ وارو سرو اتم کان اتم ان جوتي روپ شڪتيءَ کي ڄاڻي ڪري جو اوچي ۾ اوچو پدارٿ يعني پرم تتو آهي تنهن کي جڏهن پائي ٿو يعني ان جوتي شڪتي جو ساکيات ڪار ڪري ٿو. اهوئي پرم پد آهي اهو اصول آهي پرمارٿ جوتي

ٻوءِ رام، رادي شيام، ڳوري شنڪر، اما مهاديو، لڪشمي نارايڻ چيائون. انهيءَ ڏيکارڻ واسطي تہ سيتا شڪتي جيڪڏهن رام ۾ نہ هجي تہ هو ڪجهہ ڪري نہ سگهندو. ٿهڙيءَ طرح ٻين ۾ بہ ڳوري شنڪر ۾ اما مهاديو ۾ رادا شيام ۾ ۽ لڪشمي نارايڻ ۾ اهي شڪتيون نہ هجن ها تہ هو ٻنهن جو پراڪرم ڏيکاري نہ سگهن ها ۽ شو پاربتيءَ ۽ برهما ساوتري جگت جي وهنوار روپي شڪتي ڏيکارڻ لاءِ چيا ويا آهن ڇو جو شو ڀڳوان خود ماتا پاربتيءَ کي سمبوڌن ڪري چوي ٿو تہ :-

शक्ति विना महेशानि सदाऽहं शव रूपकः ।

शक्ति युक्तो यदा देवि शिवोऽहं सर्व कामद ॥

ارٿات:- اي ماهيشوري ديوي، ديوي شڪتيءَ ٻنان مان مڙدي (شو) جي سمان آهيان پر جڏهن شڪتيءَ سان ڪٺو آهيان ٻئي لوسان ڪٺو آهيان تڏهين آءٌ شو روپ معني ڪلياڻ وارو ۽ سڀني جون ڪامنائون پجائيندڙ آهيان.

هاڻي ٻوهم ڪان وٺي ٿوري پرينت مهرشي ڪپل جي شاستر سانکيہ موجب تتون جو واکاڻ ڪجي ٿو صرف انهيءَ تفاوت سان تہ هڪ پرڪرتي آهي ۽ پرش نانا آهن پر اسان وٽ پرش هڪڙوئي آهي جنهن کي شو يا برهم ڪوٺيو وڃي ٿو ست چت آنند روپا شڪتي سا ئي

تنهن ۾ جي اها شڪتي نه هجي ته ايشور جو ۽ ڪرڻي
ملهه نٿو ٿي سگهي ڇاڪاڻ ته شاستر چئي رهيا آهن ته:-

न विष्णूर्न हरः शक्तो न ब्रह्मा न च पावकः।
न सूर्यो वरूणाः शक्ता स्वे स्वे कार्ये कथञ्चन
तया युक्ता हि कुर्वन्ति स्वानि कार्यानि ते सुराः॥

ارٿات:- نه وشنو شو برهما اگني سورج ورڻ پنهنجن
پنهنجن ڪمن ۾ شڪتوان ٿي سگهن ٿا فقط تنهن جي
شڪتيءَ کي پائي ڪري اهي سڀ ديو ديوتا پنهنجن جو
پنهنجو سونپيل ڪم ڪن ٿا. انهي ڪري سوال وجهن ٿا
ته اها ته ايشور جي شڪتي ٿي گويا ايشور جي آڌان
آهي.

शक्ति शक्ति मतोर भेदात।

ارٿات:- شڪتي ۽ شڪتي مان ۾ ڪوبه ڀيد ڪونهي
جيئن سورج ۾ پرڪاش ۽ چندرمان ۾ سهائي پر ٿڌهين
نه سمجهائڻ جي خيال کان هيءَ ايشور شڪتيءَ
۾ شڪتي آهي خود ايشور ۾ اها چدانند روپا
سمايل آهي تنهن ڪري ايشور نه ان اڌيشٽان برهم روپا
ست چت آنند شڪتيءَ جي انترگت آهي ڇو جو اها
چدانند شڪتي سڀني جي آديا يعني اڌشٽان يا آڌار يا
آسرو آهي انهيءَ ڪري انهيءَ شڪتيءَ کي ايشوريءَ جي
پريتو ۽ پراڪرم ڏيکارڻ لاءِ ديوتائن ۽ اوتار ۾ پهرين سمنا

۾ ٻہ شڪتي آهي جا ڏليءَ ڏانيءَ کي ۽ ٻوٽين وغيره کي سنڌس شڪتيءَ سان پيدا ڪيو آهي انهيءَ ڪري اسين جيئون ٿا ۽ ونسپتيون ٻوٽيون اسان جي دوائن وغيره ۾ ڏيئي اسان جا روڳ دور ڪن ٿيون. پاڻيءَ ۾ ٻہ شڪتي آهي جو اسان جي جماڻي جو آڌار آهي. اگنيءَ ۾ شڪتي آهي جا اسان جا کاڌا وغيره پچائي اسان کي وڏائي واڌهائي رشت پشت ڪري ٿي نہ تہ هوند اسين مرجهائجي وڃون. وايو ۾ شڪتي آهي جنهن جي آڌار تي اسين جيئون ۽ ساهہ کڻون ٿا. آڪاش ۾ شبد شڪتي آهي جنهن ڪري اسين ڳالهائي ٻولهائي ٻڌي سڻي سگهون ٿا.

اهڙيءَ طرح اسان جون گيان اندريون ٻڌڻ، ڇهڻ، ڏسڻ، سواد وٺڻ ۽ سنگهڻ جون شڪتيون ڏيکارين ٿيون ۽ اسان جون ڪرم اندريون ڳالهائڻ، پڪڙڻ، هلڻ، چلڻ، مل موتر تياڳ ڪرڻ، اُتپتي ڪرڻ جون شڪتيون ڏيکارين ٿيون.

انهيءَ ريت چت انتهڪرڻ ٻڌي من ۾ سنڪلپ وڪلپ شڪتي اهنڪار ۾ اهم پڻي جي شڪتي ٻڌيءَ ۾ نشچي ڪرڻ جي شڪتي ۽ چت ۾ سوکيم سنسڪار ڌارڻ جي شڪتي آهي. تمو گڻ تهن ۾ موهہ يا راڳ شڪتي. رجو گڻ ۾ دوويش يا وکيپ شڪتي- ستو گڻ ۾ گيان شڪتي. ان ڪان مٿي مهد لڳو جنهن ۾ گيان اڇا ڪريا شڪتي ۽ ستي، رجو تمو گڻ ڪيون واري

برهم جي اچنتيه شڪتي ۽ پرم انتو آهي اها گيان ڪريا
شڪتي سا ايشور جي انت شڪتي آهي انهن سان گڏ مول
پرڪرتي ساميه اوستا واري ستي، رجي، تمي گڻ واري
جنهن مان پوءِ هيءَ سرشٽي ۽ ٽن گڻن جي کيوڀ ڪري
پيدا ٿي انهن ڪري ايشور انت
سروگيه شڪتيءَ وارو آهي انهن کان پوءِ هرڻيه گرڀ يا
سوتر آتما شڪتي جا سمشٽي سرشٽيءَ جا سوکيم سنسڪار
ستي، رجي، تمي گڻ وارا ڌارڻ ڪرڻ واري جنهن مان
گڻن ۾ کيوڀ هئڻ ڪري سرشٽيءَ جي آديءِ وچندا
ٿيندي ٿي. انهن کان پوءِ ورات شڪتيءَ ۾ اها مول
پرڪرتي جي تمي ستي گڻ واري وڪرتن جو روپ
ڌارڻ ڪري هي ساري برهمانڊ سرشٽي استول روپ يا
ورات سروپ ۾ پيدا ڪري ٿي جنهن ڪي ورات شڪتي
چئجي ٿو ان پرڪرتي جي اهنڪار واري، ستي گڻ
واري شڪتيءَ مان چنتت انتهه ڪرڻ يعني چت
بدي اهنڪار من ۽ پنج گيان اندريون يعني ڪن، کل
اکيون جڀ ۽ نڪ پيدا ٿيا. اهنڪار جي رجي گڻ مان
پنج ڪرم اندريون يعني هٿ، پير، وات، گديا ۽ اندري
پيدا ٿيا. اهنڪار جي تمي گڻ مان پنج
تن ماترائون يعني سوکيم ڀوت، شبد، سپرش روپ،
رس ۽ گنڌ پيدا ٿيا. انهيءَ مان وري پنج استول ڀوت آڪاش وايو
اگني جل ۽ پرٿوي پيدا ٿيا. انهيءَ مان ڏسبو ته پرٿويءَ

किं तत्कार्थं जदत्यास्मिन् यस्तु शक्तयान सिद्धयति ॥

ارٿات:- اهو ڪهڙو ڪم آهي جو جڳت ۾ شڪتيءَ کان سواءِ سڌ ٿئي ٿو؟ يعني جڳت ۾ هرڪو ڪار، شڪتيءَ دوارا ئي سڌ ٿئي ٿو.

سڀئي مت متانتر مذهب پنهنجي اشٽ موجب الهن جي اپاسنا جي آگيا ڏين ٿا. جهڙي طرح برهم، ايشور الله، گاڊ "God" رام، ڪرشن، پرڪرتي "Nature" انهن جي پوڄن لاءِ چون ٿا. (پنهنجي سمپردا جي اشٽ موجب) پوڄڻ سان موڪش سک سمجهي ڪونہ ملندا ڇا ڏٺو شڪتيءَ جي پوڄن ڪرڻ مان ئي ملندا ڇا انهن جنهنڪي ڇهو آهي سو سڀ نہ ڇهو آهي ڇا. ڏٺو شڪتيءَ جي اپاسنا مان ملندو انهن جي اپاسنا مان ڪونہ ملندو ڇا؟

انهيءَ لئي اسان ڪي اهو چوڻ آهي تہ بيشڪ سڀڪو پنهنجي اشٽ موجب اپاسنا ڪري پر شڪتيءَ جي سروپ ۾ ڇو تہ شڪتي ئي وشيش(خاص)گيان ڏئي ٿي.

शक्ति ज्ञानं विना देविमोक्ष हास्याय कम्पत ।

ارٿات- شو ڀڳوان ماتا پاربتيءَ کي ٿو چوي تہ، شڪتيءَ جي گيان کان سواءِ موڪش ئي حاصل ڪرڻ. کل جهڙي ڳالهہ آهي. هاڻي جاڻائڻو پيو تہ وشيش گيان ڇا آهي. جهڙي طرح ننڍو بالڪ روئندو اچي ۽ سهڻو ڏسي ڪٿي ٿو پر الهيءَ روئڻي جو مطلب تہ جاڻي ڪري وقت

شڪتي آهي. اڇا گيان ڪريا ايشور جي شڪتي آهي ۽ برهم ۾ سچدانند مئي شڪتي آهي. تنهن کان سواءِ ايشور اننت شڪتي ۽ برهم اچنتيه شڪتي آهي جنهن جو ڪوبه ٿاڻو نه آهي ۽ اها سروتر وياپي آهي ۽ اها ويد جي شروتيءَ موجب:

सर्वं खल्विदम् ब्रह्म–नेह नानास्ति किञ्चन

ارٿات :- هي سارو جڳت برهم سروپ آهي. پر ان برهم جي پرڪاش، گيان، تيج بل، پراڪرم، ويريه وڀوتيءَ ۽ اچنتيه شڪتيءَ جي ڄاڻڻ لاءِ برهم جي بدران شڪتي ئي اکر ڪر آندو وڃي ته ساڌڪ جي گيان حاصل ڪرڻ لاءِ هن ريت چوڻ گهرجي ته چڱو ٿيندو.

सर्वं खल्विदम् शक्तिः नेह नानास्ति किञ्चन

ارٿات:- شڪتي ئي سڀني هنڌ وياپڪ آهي ٻيو ڪجهه به ڪونهي ڇاڪاڻ ته:-

एवं सर्व गता शक्तिः सा ब्रह्मेतिविविच्यते ।

ارٿات - اها شڪتي جوتيءَ سروپ سرو وياپڪ آهي. اها ئي برهم آهي. تنهن ڪري اها شڪتي ساري جڳت ۾ وياپڪ آهي جو هوبهو من اندران انڀو ڪرڻ سان سمجهي سگهجي. تنهن جو ئي پوڄن ڪرڻ جڳائي ڇو ته:-



جَيَ شري ڀڳوتي اُما ديوي

شري اندر مهاراج کي اچنتيه شڪتي

ٻرم لنو ٻرهم وديا جو اپديش ڏيئي رهي آهي

ڪين اپنشد - کنڊ ۳ - ۴

ڪان پوءِ اچلي چڙهي ٿو اُهو ساڌڪ، ساڌارڻ عام گمان آهي پر وڏي ٿيڻ لئي جڏهن هن کي خبر پوي ٿي ته ان روپئي ۾ ٻه آڌيلا، چار پائليون، اٺ ٻيانيون، سورهه آنا، چوهٺ پئسا ۽ سو پائي پايون آهن ۽ اهي مون کي پنهنجن شين شڪلين وٺڻ کائڻ پيڻ ۾ ڪيتري قدر نه ڪارائتيون آهن ته پوءِ روپئي ۽ ريزگي کي ٿو چڙهي اهو آهي وشيش گيان ڇو ته هو روپئي جو ملهه ڄاڻائي ٿو ۽ ان جو رهسيه ڪرم ۽ گڻ سڀاءُ ڄاڻي ڪڍڻو نه ڄڻوش ٿئي ٿو. هاڻي روپيو ٿيو ساڌارڻ گيان ۽ ان جو ريزو ۽ ڪم اچڻ ٿيو وشيش گيان اهڙي طرح ڪنهن ديو ديوتا ايشور الله پنهنجي جي اشٽ جو ملهه گيان پرڪاش، تيج، ٻل، سامرٿيه، ويريه، ويڀوتي ونيو ڄاڻڻ سان ان مان ڪهڙو نه آنند ايندو. ڇو جو انهن جي ملهه جي خبر نه پئي ڪانه پر جي خبر ڪانه پئي ته انهن جي اپاسنا مان نه ڪهڙو آنند ايندو اهو هڪڙو اکر شڪتي ٿي آهي جو سڀني جو ملهه ڄاڻائي ٿي انهن ڪري شڪتيءَ جي سروپ ۾ انهن گيان پرڪاش تيج، ويريه، ٻل ويڀوتي جو پتن ڪبو ته آنند ايندو ۽ ماڻهو اپاسنا ۾ اڳتي وڌندو. انهن ڪري شڪتي اکر سڀني کان اتم آهي جو سرو لوڪ وياپڪ آهي. اهڙيءَ طرح وشيش گيان حاصل ڪرڻ سان اڳتي جو وشواس يا شردا پاڪل درپ پنهنجي پڪي ٿي وڃي ٿي

پوءِ ايشور يا ديوتا ۾ پوري وشواس رکڻ ۽ انڀو ڪرڻ سان بلڪل سچا ڀڳت ٿيو پون اهي اهڙا ڀڳت ان ايشور جي سچي جهلڪ پائي آنند ۾ گد گد ٿي وڃن ٿا ۽ جگت ۾ سڀ ڪنهن پدارٿ ۾ انهيءَ پرم تتو جو انڀو ڪري شوڪ موهه آديءَ کان رهت ٿي پراڻي ماتر جي سک ۽ آنند لاءِ ڪمر ڪشي بيهن ٿا. پڇاڙي جو ان پرم تتو ۾ سمائجي هڪ ٿي وڃن ٿا. انهيءَ لاءِ هڪ نديءَ جو درشٽانت ڪين اپنشد جي ٣-٤ ڪنڊ جي ڏنل ۾ اچي ٿو جو منهن جي هيٺين لکڻ جو مول منتر آهي:-

ديوتائن جي هيٺين ڏيئي ڏان جنگ. ڪٿي ڏهين اهنڪار ۾ پرجي وڃا انهن سمجهڻ لڳا ته هيءَ جنگ اسان پنهنجي شڪتي بل پراڪرم ۽ اُشوريه ڪري ڪئي آهي جيتوڻيڪ ديوتائون اڳي ئي پرڪاش روپ آهن.

(द्योत् नात् इति देवा)

ڏهين ته پنهنجي سروپ جي وسمرتيءَ ۽ اهنڪار ۾ پرجي پاڻ کي سرو شڪتيوان سمجهڻ لڳا ان جو اهو ڪهڙو مٽائڻ لاءِ انهن جا سرو شڪتي گيان پرڪاش پراڪرم بل ۽ ايشوريه جو مهان ڀنڊار مهان شڪتي يا پرم برهم پرم ايشور آهي جنهن کان انهن ديوتائن کي وشيو علو آهي ته کي سندن اهنڪار مٽائڻ ۽ سچيءَ شڪتيءَ جو انڀو ڪرائڻ لاءِ اهو ايشور ساڪار

ٿا جو سيڊي کي گتي ڏيڻ وارو آهي سو مان آهيان. انهن لئي هڪش پڇيس ته تو ۾ ڪهڙي شڪتي آهي. واهوءَ چيس ته مان هڪ کن ۾ ساري سرشٽي اڏائي سگهان ٿو. انهن لئي هڪش چيس ته هڪ گاهه جي پن کي ته اڏائي ڏيکار. واهو ديوتا پنهن جي پوري طاقت لڳائڻ سان به ان پن کي نه اڏائي سگهيو. تڏهن ڦڪو ٿي شهه ڪانئي اچي ديوتائن کي چيائين ته مون کي پتو ئي نه پيو ته اهو ديوهه هڪش ڪير آهي.

جڏهن اگني ۽ واهو ديوتا جهڙا ٻه پراجت ٿائي موٽي آيا تڏهن سڀئي ديوتائن گڏجي اندر ديوتا کي عرض ڪيو ته توهان سرو اشوريه سمپن آهيو توهان کي ئي خبر پئي سگهي ٿي ته اهو ديوهه هڪش ڪير آهي تنهنڪري توهان وڃي خبر لهي اچو باقي پئي ڪنهن ديوتا جي دال ڪانه ڳرندي. تڏهن لئي اندر ديوتا پنهن جي وڏي پراڪرم وارو جڏهن ان هڪش جي ويجهو پهتو تڏهن هڪش پنهن جي سروپ جي اندر مهراج کي توري جهلڪ ڏيئي پاڻ انتر ڌيان ٿي ويو ۽ ان جڳهه تي مهاپراڪرمي ليهموي ۽ ڪرانتيءَ ۽ مها شوڀا واري اما ديوي شو سروپا شڪتي ائي ڏٺي. جڏهن کي اندر ديوتا وڏي نمرتا سان عرض ڪيو او ماتا پڳولي لون هتي ڪيئن آئي آهين ۽ مان عجب ۾ آهيان ته اهو ديوهه هڪش ڪير هو جنهن جو اسين ڪه پار نه پائي سگهياسون تنهن جو

روپ ۾ مهان ليڇـوي يڪش جو روپ ڌارڻ ڪري اچي پرگهٽ ٿيو. جڏهن ڪـي ديوتائون ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون ته اها خبر لهڻ گهرجي تـه اهو ڪير آهي. ان لاءِ پهرين اگنيءَ ديوتا کي موڪليائون ته ڏسي اچ. اگني ديوتا پنهنجي گهمنڊ ۾ ڀرپور اچـي اتي پهتو جتي کان هن دوئه يڪش پڇيو تـه تون ڪير آهين جو هت آيو آهين. اگني ديوتا جواب ڏنس تـه مان اگني ديوتا آهيان ۽ منهن جـو نالـو جاتويد يعني سڀني جو ڄاڻندڙ. تنهن پنهنجي پرشنسا ڪئي ته تون ٿو سڃاڻين؟ تنهن تي يڪش پڇيس تـه تو ۾ ڪهڙي شڪتي آهي. اگنيءَ چيس ته مان پنهنجيءَ لي اچان ته سڄي سرشٽي هڪ پل ۾ ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيان. اهو ٻڌي هن يڪش اگنيءَ کي چيو ته هن هڪ گاهه جي پن کي ته ساڙي ڏيکار. تنهن تي اهو اگني ديوتا پنهنجي ساڌارڻ ڪوشش کان وڌيڪ زبردست ڪوشش ڪئي پر اهو ڪونه ساڙي سگهيو. لڄي ٿي واپس اچي ديوتائن کي چيائين ته مون کي خبر ئي ڪانه ٿي پوي تـه اهو دوئه يڪش ڪير آهي. پوءِ ديوتائن مها پراڪرمي وايـو ديوتا کي موڪليو پر وايو ديوتا به ساڳيءَ طـرح پنهنجي مغروريءَ ۾ ڀرجي اچي ان دوئه يڪش جي سامهون پهتو. تڏهن هن يڪش دلو پڇيو ته تون ڪير آهين. وايو ديوتا چيو ته مان وايو ديوتا آهيان جنهن کي ماترشوا پڻ چون

तस्यै तपो दमः कर्मेति प्रतिष्ठा वेदाः सर्वाङ्गानि सत्यायतनम् ।

ارٿات:- ان رهسيه مئي برهم وديا جو لپ معني = وچار ڪرڻ = اندرين جو نگرهہ يا وراڳ ۽ ڪريا = ابياس. اهي ٽي آڌار آهن جي انسان کي اُتي وٺي هلندا. ويد ان برهم وديا جا سمپورڻ انگ آهن ۽ ستيه = ست چت آنند سروپ ان سرو وياپي مها شڪتيءَ جو مهان مندر يعني رهڻ جي جاءِ آهي. تنهن ڪري وچار وراڳ ۽ ابياس جو آسرو وٺو وري پڙهڻ واري شلوڪ ۾ چوي ٿو ته:—

योवा एतामेवं वेदापहत्य पाप्मानानन्ते
स्वर्गे लोके ज्येये प्रतितिष्ठति प्रतितिष्ठति।

ارٿات:- جيڪو ان برهم وديا جو ڄاڻو طرح ڪرم سان انڀو ڪري ٿو اهو سڀني پاپن کي نشٽ ڪري ان انت سرو شرشٽ پرم لوڪ ۾ سدائين لاءِ استٿت ٿي وڃي ٿو. هاڻي پڙهڻ وارن طرح سان سڀڪو سمجهي سگهي ٿو ته اها شڪتي سرو وياپڪ آهي ۽ ڪوبه پدارٿ ڇڏي ڪونهي جو جو انهن وهنوار ۾ پرتيڪش انڀو ڪري سگهون ٿا ته سڀ ڪنهن پدارٿ ۾ شڪتي وياپڪ آهي پر اڻ ڏٺي شڪتي جو واستو سروپ جو سچدانند سروپ آهي سو انسان کي اچان انڀو نه ٿيو

توهان کان سواءِ ٻيو ڪير خبر ڏئي سگهندو جو لون
برما وديا مها ڪرتاڪاري ۽ ڀها سـ روڳيا آهين. انهي
سوروپ ڳالهه جي ڄاڻڻ ۾ سمرٿ آهين تنهن ڪري ڪريا
ڪري ٻڌايو ته اهو يڪش ڪير هو جنهن اسان ديوتائن
کي هت وٺڻ ڪري ڇڏيو.

ڀڳوتيءَ اما ديويءَ فرمايو ته اوهان کي گهمنڊ هو ته
اسين ديوتا بلڪل شڪتي شالي آهيون دئيتن تي اسان
پنهن جي پراڪرم سان وجئه پاتي آهي اوهان کي سچي
شڪتيءَ جي پيدار ۽ سرو انشورته سچين سروپ جي
جنهن جي دوارا توهان اهو ٻل حاصل ڪيو اهو اگيان
۽ موهه جي ڪري توهان ذان وسري ويو جنهنڪري اهو
اوهان جو اهنڪار مٽائڻ لاءِ آءُ برهم وديا جي سروپ
۾ اوهان کي پرم تتو ڄڻي ڄاڻڻ لاءِ آئي آهيان ته اهو
يڪش خود پر برهم سرو شڪتي جو پيدار هو جنهن
توهان کي شڪتي شالي ڪيو جو توهان دئيتن تي جيت
پاتي هاڻي تون انڪاري آهين انهيءَ برهم وديا جي
حاصل ڪرڻ جو سو تون اها مهان وديا پائي ٻين ديوتائن
کي پڻ انهيءَ وديا کان واقف ڪر ته واستو سروپ ان
جو ڪهڙو آهي- پوءِ اندر کي اپديش ڏنو ۽ ڪين اپنشد
جي پڇاڙي وارن ٻن شلوڪن ۾ ان جو تاپرج ڏنو ويو
آهي سو اوهان کي ٻڌايو وڃي ٿو.

ڪان پڇيو ويو ته ان مڙس ۾ ڪا شڪتي آهي يا نه؟ ٻڌل آهي ۽ منجهس ڪا به شڪتي ڪانهي ته ان جي پوڄا مان ڪو ڦل به نه نڪرندو جنهن تي چيو ته اسين هن مها شڪت جو پوڄن ڪريون ٿا ته ان کي ٻه اهو جواب ڏئي ٿو سگهجي ته اهو مها شڪت ٻه ان شڪتيءَ جي انترگت آهي ۽ ننڍي کي ان جي آڌين آهي ڇاڪاڻ جو شڪتي سڀني جي ساهرتيءَ ۾ آهي ڇو جو "بابا، بابا سڀ ڪو ڪهي، امان ڪهي نه ڪوءِ، ته بابا جي دربار ۾ جو امان ڪري سو هوءِ" شاستر ۽ گياني پرش ته اڳ ۾ ئي چئي چڪا آهن ته:-

शक्ति शक्तिमतोर भेदात् ।

ارٿات:- شڪت ۽ شڪتيءَ ۾ ڪوئي ڀيد ڪونهي ٻئي هڪ ئي پدارٿ آهن.

इष्ट शक्ति रिति ह्येके तत्त्वमाहुर्मनीषिणः ।

ارٿات :- گياني پنڊتن شو شڪتي هڪ ئي تتو ڪري سمجهن ٿا.

न शिवेन विना देवी न देव्या विना शिवः ।
नानयोरन्तरं किश्चच्चन्द्र चन्द्रिकयोरिव ॥

ارٿات- نه شو بنا شڪتي نه شڪتيءَ بنا شو آهي ڇو جو ٻنهي ۾ ڪوبه انتر ڪونهي جهڙيءَ طرح چنڊ ۽ چنڊ جي روشنائي.

آهي ڇو جو شاستر چون ٿا ته هو من اندرين جي اليو ڪرڻ جي وشيه ڪانهي پر اهو پرم تتو جو انتهه ڪرڻ جي وشيه ڪانهي تنهن ڪري جي اندرين جي انتهه ڪري جي وشيه ڪري ڏيکارجي جا ثابت ٿئي سو هن لنڊي پستڪ ۾ انتهه ڪرڻ جي وشيه ڪري ڏيکاريندا سون ڇو جو اسان جي وڏن جو اصل ڪان ونئي متو آهي پرتيڪش پرماڻ سو جي هاڻي هن پستڪ ۾ پرتيڪش ته ڪري ڏيکاريوسون ته. پوءِ هيءَ به پستڪ ٻين ڇاپو پستڪن وانگر هڪ ناول يا ڪهاڻي آهي ۽ حقيقت نه آهي. انهيءَ وچ ۾ جيڪو توهان کي پرغلائي چوي ته فلاڻو فلاڻو ديوتا پرش يا استريءَ جي يا ڪنهن پدارٿ جي آراڌنا ۽ سيوا ڪريو ته ان ڪان ٻيڙو ته جنهن جي پيٽن ڪرڻ لاءِ توهان اسان کي چئي رهيا آهيو ان ۾ ڪا شڪتي يا ته ته ضرور چوندو ته. ان ۾ فلاڻي شڪتي يا سرو سامرٿيا آهي. تنهن لي توهين ان کي اها وراڻي ڏيو ته اسين اڳ ۾ ئي ان شڪتي جي اراڌنا ڪري رهيا آهيون توهان جي چوڻ موجب هلي رهيا آهيون باقي ٻيو ڪو اڳتي جو رستو ٻڌايو. انتري چوڻ لي سب مات ۾ اچي ويندا.

هڪ دفعي ڪنهن جوان کي اچي ڪاوڙ لڳي ته اسين شڪتيءَ جي خود مڙس جي سيوا ڪريون ٿا اسان کي شڪتيءَ جي خود ضرورت ڪانهي ته انهيءَ

وشوءَ جي سرولو واري پرم تتو آهين.
اهڙيءَ طرح گيتا ۾ شري ڪرشن ڀڳوان چيو آهي ته-

पिता अहं सर्व जगतो धाता माता पितामः

ارٿات- مان هن جڳت جو پتا ماتا، ڏاڏو ۽ پالڻهار آهيان.

त्वमेव माता च पिता त्वमेव ।

ارٿات- تون ماتا پتا ٻئي تون ئي آهين.

جنهن صورت ۾ پرم پرش ڪان وٺي اڻو تتو تائين سرو شڪتي واري رهي آهي. تنهن ڪري توهان جيڪو به روپ ڏسو سو توهان جي دل لئي چڱو آهي پر انهن شڪتي جي روپ جي پرڌانتا انهيءَ ڪري ڏيکاري آهي ته ايشور، الله، گاڊ، ديو، ديوتا، پرڪرتي سائنس جيڪي به چئون انهيءَ ۾ اها شڪتي سمايل آهي اگر هڪڙو ٻي اهو انهن سڀني ديو ديوتائن جو گيان پرڪاش لهي، پل وارو، واءُ ۽ وڻڪاري جو تتو رهسيه، سڀاو، گڻ، ڪرم سڀ جي لکيارت ڪرائي ٿو. پر اگر اينتري اندڪي لکيارت رکي تتو سگهي. جاڪاڻ ته روپ جو ملهه، رنگ ڏسڻ سان ڪٿجي ٿو. اهڙيءَ طرح انهن سڀني جـو ملهه شڪتيءَ سان ئي جاڻي سگهجي ٿو ڇو ته شڪتي پرم تتو جو رهسيه پرڪاشيه جاڻائي ٿي. تنهڪري اسانکي ان شڪتيءَ جي ئي پوڄا ڪرڻ گهرجي جنهن مان اسين

شڪتيءَ کي استري روپ انهيءَ ڪري لکجي ٿو جو پرڪرتيءَ جي نيمن انوسار وهنوارڪ سنسار ۾ سڀڪو ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي نڪي پيءُ جي پيٽ مان آيو آهي. جيئن ورڻ ڳڻ ماديءَ وار مان نڪي نر وار مان پيدا ٿيا آهن.

انهن ڪري هن ساري جڳت جي پڻ ماتا آهي. جا ساري سرشٽيءَ کي پنهنجي گرڀ ۾ ڌارڻ ۽ پالڻ پوشڻ ڪرڻ واري آهي مان پنهنجي ماءُ جي گود ۾ رهي ماءُ جو امرت (کير) پان ڪري رهيو آهيان پوءِ مون کي پيءُ جي ڪهڙي آ. ضمتا جي نٿي رهي. پيءُ فقط سهڪاري آهي سو به هن جڳت ۾ واسطو ۾ اها شڪتي نڪي ماتا آهي نڪي پتا آهي پر اهو پرم تتو آهي جيئن ته:-

नाहं स्त्री न पुमांश्चाहं नक्लीवं सर्गं शंक्षये ।

ارٿات:- سرشٽيءَ جي لڳ ڪال ۾ نه ڪي آءٌ استري نه پرش نه نپنسڪ آهيان.

त्वं स्त्री त्वं पुमानसि त्वं कुमार उत वा कुमारी ।
त्वं जीर्णो दण्डेन वञ्चसि त्वं जातो भवसि विश्वतोमुखः॥
(श्वेताश्वतरोपनिषद्)

ارٿات :- تون استري، پرش، ڇوڪرو، ڇوڪري، ٻڍو ٻيمار، ڏنڊي ٽي هلندڙ سڀ تون ئي آهين. تون ساري

ٻوليءَ جي ٻڌڻ جي ٻنهن جي ٻنگ. سان انيويڻا آهي
جا ٽرالن ٽرالن شڪلن ۽ مورتن واري آهي انهن اصلي
شڪلن ۽ مورتن ۽ روپن کي ٻهرين اچار سان گڏ ٻالڪ
انهن شڪلن کي سڃاڻي ٻان ڪري ته پوءِ دفعو انهن
اکرن جي ماترائن يعني حرف علت يا ڏوئي روپ اچارڻ
سان ڪڪ ٻمدي سوکيم اچارڻ جا روپ سکي ٿو. تيئن
ٽنهن ڏان پوءِ هري هري اچارڻ ٿورو لکڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ
سکي ٿو. چوٿون- ان ڏان پوءِ ٻالڪل لڪڙو پڙهي وڃي
ٿو. انهيءَ کي پڙهي ان مان گيان ٻڌڻ جي ڪريا ۽
ابياس سان حاصل ڪري وڏو سمجهه ٿئي ٿو يا وڏو
ٻروڻ الهمير ڪاريگر وغيره ٿي خوب ڪمائي جڳت ۾
سڪرت جا ڪم ڪري ٿو. جهڙي طرح مٿي مون چار
ڳالهيون ڏيکاريون آهن تهڙيءَ طرح گڻت وديا حسابي
ڪم جا ٻين وديائن کان ٿورو خيال واري وديا گهاڻ ان
جا ٻهرين ٻنيادي چار سدانت، مت يعني اصول جوڙ،
ڪٽ، ضرب، ونڊ آهي چارئي حسابي وديا جا ٽڏيا
شاگرد يا چالر سکي وڃي ٿو ته پوءِ کهڙا به ڏکيا خيالي
حساب انهن چئن اصولن جا مٿن جي آڌار تي ڪري
سگهي ٿو ڇو ته سڀني حسابن ۾ اهي چار اصول لڳن
ٿا جن سان حساب ڪجن ٿا. انهن کان سواءِ ٻيو ڪو به
وڏو سدانت ڪونهي.

تهڙيءَ طرح هن برهم وديا يا شڪتي وديا جا چار

شڪتي ڀائي ان رهسيہ کي پائي سگهون. شڪتيءَ کان شڪتي
گهربي تہ شڪتي ملندي ۽ اُتي ڪنهن مان ڪانہ ملندي
تنهن ۾ ڪنهن جو بہ پوڄن ڪرڻو تہ اهو شڪتيءَ جي
ڀاءُ ۾ ڪيو تہ، ڦلدائڪ ٿيندو. يعني گيان پرڪاش
سامرٿيہ، ويرتہ، ٻل، پرڀاو، وڀوتي ان شڪتيءَ جا ئي سوچڪ
۽ پوتڪ آهن. مطلب تہ تاتپريہ هيءُ نڪتو.

अचिंत्यामिताकारशक्ति स्वरूपा प्रतिव्यक्त्याधिष्ठानसत्यैकमूर्तिः
गुणातीतनृद्वन्द्व वोधैकगम्यात्वमेका परब्रह्मरूपेण सिद्धा ॥

ارٿات - اچنتيہ امت شڪتي جا سڀ ڪنهن
پدارٿ جو ادشٺان يا سهارو آهي ستيہ سروپ مورتي
آهي سا هرهڪ پدارٿ ۾ وياپڪ هوندي پڻ جي
ستيہ سروپ ۾ استٿت ٿي گڻن يعني رجي، ستي، تمي ۽
دوند روپ دک سک شيت اوشڻ اپاڌيءَ کان پري آهي
جا پر برهم روپ هئڻ ڪري گيان وگيان سان جاڻي
سگهجي ٿي. ان پرم تتو (وديا) کي جاڻڻ لاءِ يا رڳو پڙهڻ
سمجهڻ يا وياکيا ڪرڻ سان ڪونہ حاصل ٿيندو پر ان جي
جاڻڻ لاءِ خاص ساڌن جي ضرورت آهي. سڀ ڪنهن
وديا جا شروعاتي يا ابتدائي ڪي متا آهن جن جي پالن
ڪرڻ سان اها وديا حاصل ڪئي وڃي ٿي. جيئن تہ
ٻالڪ کي جڏهين ٻهراڻ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو
وڃي ٿو تہ هو الف بي سڃاڻڻ سکي ٿو جا سڀ ڪنهن

ـال آهي.

दिव्यते अनया इति देवी ॥

ارٿات:- جنهن جي دوارا سڀ ڪنهن کي پرڪاش گيان جوتي ۽ چيتنا ملي ٿي اُنوا

या चराचरं जगत् दीव्यति अथवा द्योतयती सा देवी

ارٿات:- يعني جا ساري جڳت کي پرڪاشڻ يا وهنوارڪ ستا ۾ پرڪاش گيان، جوتي چيتنا ڏيڻ واري آهي. اهو ديوي اکر وياڪرڻ جي ويتپتي موجب اڳم ڏنو ويو آهي. هاڻي اڀياسي يا ڪريا ڪرم واري پرش کي ڏسڻو گيان جي ساڌن حاصل ڪرڻ لاءِ ڏسڻي ۽ شڪتي اکر ۾ تفاوت جاڻڻ لاءِ هيٺيون مثال ڏجي ٿو. جنهن مان معلوم ٿيندو ته ڪريا ۽ اڀياس ڪرڻ وقت ڪهڙو انهن ٻنهي اکرن ۾ تفاوت يا ڀيد آهي.

جيئن ته مصريءَ جو سنگ آهي انهن کي استول سروپ ۾ ظاهر پرگهٽ يا ٻاهرين روپ ۾ اسين ڏسون ٿا پر ان مصريءَ ۾ جو مٺاس ۽ مٺاڻ آهي انهن جو اسين استول سروپ اکين سان ڪونه ٿا ڏسون پر سنڌس سوکشم يعني اندروني ٻاطني يا ڳجهو سروپ اکين جي ڏسڻ کان سواءِ ٻين اندرين سان محسوس ڪري سگهون ٿا.

اهڙيءَ طرح سڀ ڪنهن کي پدارٿ کي ٻاهرواني معني استول ۽ اندروني معني سوکشم سڀ ڪنهن پدارٿ

مول سدانت آهن جن جي ڄاڻڻ يا انڀو ڪرڻ ڏانهن هوءَ
ڪوٺ نه ڪيو مسئلو يا سوال پرمارٿڪ يعني آتمڪ يا
روحاني ۽ وهنوارڪ يعني دنيوي يا پرپنچ جو سڀ حل
ٿي وڃي ٿو. سڀني ويدن شاستر جا انڪول يا پرتڪول
الر ۽ پرشن سڀ پورا ٿي وڃن ٿا. ماٿهو ٻنهن جي لکش
جو لدو گيان آهي تنهن کي پراپت ڪري ٿو. اهي چار
سدانت هي آهن. شڪتي، ديوي، پرڪرتي شڪتي يا
مايا شڪتي. ايشوري شڪتي سڀني حسابن جو جواب
چت شڪتي، اسين هن ديکيا پستڪ ۾ ڏيکاريندا سون.
اسان اڳ ۾ هڪ ديڪشا ۾ شڪتي تتو جو ورنن ڪري آيا
آهيون هاڻي ديويءَ بابت لکڻو آهي جو سمجهڻ گهرجي
اهو ديوي يا شڪتي تتو واستو ۾ ساڳيو تتو آهي پر
ساڌڪن ۽ جي ساڌن ابياس ۽ ڪريا ڪرڻ لاءِ ڪجهه
تفاوت يعني ڀيد رکن ٿا تنهن ۾ هي ديکشا شاستر جو
ابياس ۽ ڪريا جو شاستر آهي تنهن ۾ انهن جو تفاوت
۽ ڀيد ساڌڪن يعني ساڌنا ڪرڻ لاءِ ڄاڻائبو وڃي ٿو
جيئن جگياسوءَ کي ٻنهن جي ڀيٽ ڪرڻ ۾ وڌن نه پوي
۽ ڪرم سان اڳتي وڌي.

(.घोत् नात् इति देवी)

ارٿات- جا پرڪاش سروپ يا چيتن سروپ آهي-
اهي ڪري هي سارو جڳتر يا پرپنچ ان نام روپ جوني

ڀوڳڻ يعني روپ ڇهو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري ڀوڳڻ ٿيو
ستول روپ جنهن مان اسين آنند وٺڻ چاهيون ٿا سو
ٿيو ديوي ۽ ڀوڳ سوڪشم نام يا شبد ٿيو: سوکيم آنند جو
اسين ڀوڳڻ پدارٿ مان وٺون ٿا يعني (Meaning) هاڻ
اهو سوڪشم نام شبد (Meaning) ٿيو شڪتي. ۽ استول
ڀوڳ روپ پدارٿ ٿيو ديوي. انهيءَ ڪري سارو جڳت ٻه پرڪار نام
روپ ٿيو اهو نام روپ شبد ارٿ يوڳ يا ڀوڳڻ شڪتي يا ديوي
هڪ ٻئي کان وڇوڙ ڪال ۾ جدا نٿا ڪري سگهجن
جو ته سوکيم جي ڌيان ڪرڻ سان استول اڳيئي ڌيان ۾
اچي بيهي ٿو. اهڙيءَ طرح استول جي ڌيان ڪرڻ
سان سوکيم اسان جي اندر ۾ اچي ٿو. اهي ٻئي پدارٿ
يعني نام ۽ روپ ابياس ڪندڙ سڌت ڌيان ۾ هڪ ٻئي
کان جدا ڪري سگهي ٿو. جو جو ان جو ابياس اهڙي
نموني جو آهي. اسين جو جنهن سوکيم ٻج مان يعني
ٻرم لِنو مان پيدا ٿي وڏي ماڻهو وڻ ٿيا ۽ ٻيا جنگم
ستاور ٿي ويا آهيون تن کي وري ته سڌن ٻج ٻرم لِنو
(سوکيم) پدارٿ ۾ داخل ٿيڻو آهي. جنهن کي سچو پچو
ابياس پڄڻ ۽ ڪريا چئجي ٿو. يعني جنهن لئو يا ٻج مان
پدارٿ پيدا ٿيو آهي سو وري ان ٻج روپ ۾ وڃي
سمائجي.

स्थूला नाम सूक्ष्मे लय

۾ موجود آهي. انهي نموني ۾ خوشبوءِ، بدبوءِ، مٺاڻ، ڪناڻ، ٻڪ، ٿڌاڻ، ڪوساڻ، ڳيان اڳيان جو سروپ اهڙيءَ طرح اسم ذات ڪيترائي آهن جن جو سروپ اکين سان ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي پر سڌن سوکيم سروپ اندرين ۽ من سان جاڻي سگهون ٿا پر ان سان گڏ جي انهن سوکيم پدارٿن جو خيال ڪريون ٿا انهن جي لاءِ استول روپ ۾ سڌن پالر يعني وشڻ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جهڙيءَ طرح مٺاڻ لاءِ مصري، الب، مٺا فروٽ ۽ قسمين قسمين جون مٺايون سڌن استول وشڻ سروپ ۾ اچيو اکين جي اڳيان پرگهٽ ٿين. اهڙيءَ طرح ٻڪ اچ جي سروپ لاءِ ٻيٺ ۽ آنڊا، بدبوءِ، خوشبوءِ لاءِ نڪ پالر آهي ڏاهپ يا بيوقوفي لاءِ ماڻهو يا جانور. ٿڌاڻ ڪوساڻ لاءِ اگني يا برف پاسڻ ۾ اچن. اهڙي طرح سان ٻيا به.

هاڻي اهو سوکيم سروپ ڪهن کي شڪتي ڪونيو وڃي ٿو ۽ ان جي پالر وشڻ يعني استول سروپ ديوي ڪونيو وڃي ٿو. هاڻي ڪوبه سوکيم پدارٿ ٿيو ڪٿي ۽ ڪوبه استول پدارٿ ٿيو ديوي. اهو آهي شڪتيءَ ديويءَ اکرن ۾ ايياس جي وقت تفاوت جڏهن کي وڌاڻت ۾ نام ۽ روپ، يوگ شاستر ۾ شبد ۽ ارٿ.

اهڙيءَ حالت ۾ شبد يعني نام Meaning ٿيو سوکيم ۽ ارٿ يعني روپ يا (Word) ٿيو استول روپ.

اهڙيءَ طرح ايياس ڪرڻ وقت ان کي يوگ يعني نام

اهي ئي ڪري ڪن اپنشد جي پکش ۾ اما اندر آدي ديوتائن وارن ڪٿا پر ديت اما ڀڳوتيءَ اندر کي استول روپ پر درشن ڏيئي سوکشم تتو يعني پرم تتو، برهم تتو ۽ ايشور تتو جو گيان ڏنو ۽ انهن ديوتائن ڏانهن پڻ اپديش ڏيڻ لاءِ رستو ٻڌايائين. اٿر ويد جي شري ديوي اٿر وشيرش جنهن کي ڪهڙي پڻ. نموني وانگر جي سچائي وارن کي ضروري سمجهو آهي تنهن جي اٿر ويد جي ٢٦ سرٿن مان ٻه ٽي ۽ ٻه شلوڪ ڏيون ٿا.

१- ॐ सर्वे देवा देवीमुपतस्थुः कासि त्वं महादेवीति।

२- साब्रवीत्– अहं ब्रह्मस्वरूपिणी मत्तः

प्रकृति पुरुषात्मकं जगत्। शून्य चाशून्य च।

ارٿات. سڀئي ديوتائون ديوي ماتا جي اڳيان حاضر ٿي پڇڻ لڳا ته اي مها ديوي! تون ڪهڙو سروپ آهين؟ ڀڳوتي ديوي جواب ڏنو ته مان برهم سروپ آهيان مون مان ئي پرڪرتي پرش آتمڪ جڳت اتپن ٿيو آهي سو سوکشم ۽ استول سروپ مان ٿي آهيان اهڙيءَ طرح ڪيترن ڪتابن، استوترن، منترن ۽ ويدن کان وٺي سڀني شاسترن ۾ ديويءَ ۽ شڪتيءَ جو ورنن ڪيل آهي، انهن اسنکيه ڪتابن مان هڪ ڪتاب شري سپت شتي درگا به آهي. اها سپت شتي درگا جنهن ۾ سوکشم ۽ استول سروپ جو ڪتابن ۾ اهڙي روپ ۾ ٻڌايل آهي.

ارٿات:- ستول مان سوکشم روپ ۾ وڃڻ. ڌيان ڪري ٿو سنڌي ڪرڻ، ساڌنا، پڇن، اڀاسنا يا ابياس. سو ابياس ڪريا دوارا اندرو ۽ سوکشم ٿيو ٿو وڃي جو سماڌيءَ ۾ ان برهم يا پرم تتو يا مها شڪتيءَ لائين وڃيو پهچي. جنهن ڪان پوءِ ڪرڻ پدارٿ ڪونهي جو اچل اوناسي نرنجن نهه سنگ اڪرڻ سرو جوان جي جوتي ست چت آنند يا موکيه آهي يعني ديوي استول سروپ مان اسان کي شڪتي سوکشم سروپ ۾ وٺڻو آهي. ان جو ان برهم سروپ يا مهاشڪتيءَ ۾ استت ٿيڻو آهي.

سنتن جي چوڻ موجب:-

”روپ کي پيٽر اروپ نرنتر جو ڪهان آوي نه جاوي“

اها آهي پرم پد انهيءَ ڪري پوڳيءَ کي طاقت آهي تڏهن ابياس ۽ ڪريا وقت استول مان سوکشم پد کي جدا ڪندو وڃي پرم لکش کي پهچي جو ڪجهه لڳ چتن سان لاڳاپو رکي ٿو. جنهن جي حاصل ڪرڻ کان پوءِ جنم مرڻ جي قيد ۾ نٿو اچي يعني ديوي سروپ کان مهان ست چت آنند مئي سروپ ۾ وڃي سدائين لاءِ استٿي پائي ٿو. جو جيو جو سچو سروپ موکيه يا نرواڻ آهي.

مطلب ته سڀ ڪجهه وديا هنر، ڪريا يا ڪاريگريءَ جي ڪم ۾ ستول کان سوکشم ۾ ۽ سوکشم مان استول ۾ وڃڻو آهي ڇو جو سارو جهان نام روپ يا شبد ۽ ارٿ، لفظ يا معنيٰ آهي.

ڇڏي هڪل ڪري ديوي ڀڳواتيءَ کي چيائين ته هي ڪهڙو ليلا آهي جو هڪ جهڙي سان هيترين جوڌيون لڙي رهيون آهن. تون اڪيلي لڙ ته خبر پوي.
(انهن ڪوڙ ڏيکاريائين ته مان اسان جي لشڪر وٺي لڙي رهيو آهيان) اتي ديوي ڀڳواتيءَ انهن چيو:-

एकै वाहं जगत्यत्र द्वितीया का ममापरा ।
पश्यैता दुष्ट मय्येव विशन्त्यो मद्विभूतय :॥

ارٿات- هن جڳت ۾ مان هڪ ئي آهيان ٻيون ڪان ڪوئي ٻيو پدارٿ ڪونهي او دشٽ هاڻي ڏس ته اهي سڀ شڪتيون مون ۾ پرويش ڪن ٿيون.

تنهن کان پوءِ سڀ ديويون (جوڌيون) مها شڪتيءَ ۾ لئه ٿي ويون ۽ پوءِ ان شنڀ جو وڌ (موت) ٿيو ۽ وڃي موکه کي پراپت ٿيو.

ديوتائن ۽ جڳت کي راڪشن کان ڇڏايو ڪهڙو نه عمدو ۽ رهسيه پورو مثال آهي- ته ان سمت سروپ مها شڪتيءَ مان اُتپتي ڪال ۾ هي جڳت پيدا ٿئي ٿو ۽ پرلئه جي ڪال ۾ هي جڳت لئه ٿئي وڃي ٿو. وڌيڪ ٻيو آکيان تصوير ۾ ڏيکان ٿو.

تصوير يعني مورتن ۾ توهان ڏٺو هوندو ته شو بلڪل اگهو ڪريا ٿي رهت اکيون بند ڪري ليٽيو پيو آهي ۽ ڪالي ڀڳواتي ان جي ڇاتيءَ تي چڙهي خوب ناچ ڪري رهي آهي ۽ سارو جڳت چراچر الپن ڪري رهي آهي. يعني شو نرگڻ آڌار روپ ۽ شڪتي سگڻ آڌيه روپ يعني

جنهن جو ڀاو ۽ رهسيه جاڻي ڪري داناءَ کي پورو پورو
گيان اچي ٿو.

جنهن وقت رڪت بيج دئيت کي ديويءَ مارڻو ٿي
لڌو هن ان رڪت بيج جي رت جون جيتريون بوندون
نڪتيون ٿي اوترا رڪت بيج پيدا ٿي ٿي ويا ان جو
اسڪيه رڪت بيج پيدا ٿي ويا. تنهن تي ديوتائن ڏٺي
ڀڳوتيءَ کي عرض ڪيو ۽ استوتيون ڪري چيو ته هاڻي
سارو جهان ناس ٿيو ٿو وڃي تنهن ڪري توهين اچي
اسان کي بچايو. تنهن تي ڀڳوتيءَ مان ڪيترائون ئي
استول شڪتيون يعني جوڳڻيون پيدا ٿيون. جو جڏهن
رڪت بيج جي رت جون بوندون ٿي نڪتيون ته هو سڀ
اهي گرهڻ ڪري ٿي ويون. انهيءَ ڪري نڪو ٿوريءَ
ئي رت جي بوند ڪري ٿي نڪو ڪو ٻيو رڪت بيج
جهڙو پيدا ٿيو ٿي. باقي وڃي ٻچاڙي سڀو ٻچو رڪت بيج
رهيو جنهن جو ٻچاڙي سڀو رت ڪڍي ڇڏيو ۽ ناس ٿي
وڃي موکيه کي پاتائين.

ديوتائن ڏاڍيءَ خوشيءَ مان هرش ٿيون ۽
استوتيون ڪرڻ لڳا.

رڪت بيج جو شڀ ۽ نشڀ جو سپهه سالار هو.
انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ ديوي ڀڳوتيءَ وري انهن سان
يڌ ڪئي جنهن ۾ نشڀ هڪ پاءُ مارجي وڃي موکيه
گتيءَ کي پراپت ٿيو. تنهن تي اڪيلو پاءُ شڀ لڙائي

ارٿات:- جڏهن شؤ آڌار روپ آڌيه شڪتيءَ سان ڪٺو آهي تڏهن هن کي طاقت ٿئي ٿي جڳتر پيدا ڪرڻ جي.

شڪتي کان سواءِ شؤ رليءَ عاٽر نه چري ٿو سگهي. تڏهن ڪري آءٌ اهتري قدر لياقت ڪونه. ٿو رکان جو اوپڳولي خود برهما وشنو ۽ مهيش لوکي ڏيائين ٿا مان ڪهڙيءَ قدر استوائي ڪري يا ڳائي سگهان ٿو. سارا ڪيتريءَ نه ڪجهه نه آهي.

ان طرح بين ڏيوتائن جا به ڪيترا مثال آهن. جهڙن ته شري ڪرشن ڀڳوان جي راس ليلا جو شريمد ڀاڳوت جي ڪيترن عشقن ۾ ڏڪريل آهي اهو فقط هڪڙي پدي وارڻ موريءَ ۾ اليؤ ڪجي ٿو. هن کان پوءِ ڏهه ڏيوتائن منش روپ جهڙن ڪيتي چڙهي اڪر روپي موريءَ جو ورڻامت لکجي ٿو.

مورتن مان هڪ اکر روپي مورت جو ٿورو بيان ڪجي ٿو. جهڙن ته. اوم ٻاهو هڪ پد آهي جنهن جي وشيش مورتي هن روپ ۾ ڏني وئي آهي. ॐ (اوم) هاڻي اهڙيءَ اکر روپ موريءَ جي اهڙيءَ سيڌي وڌن ۽ شاسترن ۾ پراڻن ۾ لکي ويئي آهي ۽ مهاڪاڻي وهڻ آهي ۽ اهڙو رهسيه ڏنو ويو آهي جو اهڙيءَ رهسيه پڌرو سان ماڻهو عجب ۾ پئجو وڃي.

هي ويد جو مول منتر آهي جنهن کي ويد جو اڄ

نام ۽ روپ آهن. جنهن ڪري ساري جڳت جي اُتپتي اهڙي
نموني جي آهي. جهڙيءَ طرح سورج، آڌار روپ آهي
جو هڪ هنڌ بيٺو آهي ۽ سارو سورج منڊل چنڊ وغيره
تارا گرهه سڀ آڌيه روپ ٿي سڀ ان جي چوڌاري
ڦري رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح سائنس ۾ آڌار روپ پازيٽو اليڪٽرڪ
سٽي جنهن جي چوڌاري نگيٽو اليڪٽرڪ سٽيءَ جا
اليڪٽران تمام وڏي طاقت سان ڦري رهيا آهن يعني
آڌيه روپ اليڪٽرڪ سٽي جي ڪٿين ڪرشا
ڏيکارين ٿا.

انهن کان سواءِ ماتا جي گرڀ ۾ (Cii) اووا ۽ Sperm
سپرم آڌار آڌيه روپ ٿي ٻالڪ جي صورت وٺي پيدا
ٿين ٿا. اهڙي نموني جيو ڪوش ۾ آڌار روپ نيوڪليس
جنهن جي چوڌاري پروٽو پلازم جو هن شرير ۾ سڀني ڏسڻي
ڪي اُتپن ڪري رهيا آهن. وڌيڪ ڇا تڪان مطلب ته
ساري سرشٽيءَ ۾ اهو آڌار ۽ آڌيه جو (شو شڪتي روپ)
کيل هلي رهيو آهي. اهو سارو ورتانت سائنس جو
کهڙو نه رهسيه وارو شري ڀڳوان شنڪر آچاريه آنند لهريءَ
۾ فقط ان سٽن ۾ ڏنو آهي.

शिवः शक्तया युक्तो यदि भवति शक्तः प्रभवितुं
न चेदेवं देवो न खलु कुशलः स्पन्दि तु मपि।
अतस्त्वा माराध्यां हरि हर विरिञ्चयादि भिरपि।
प्रणन्तुं स्तोतुं वा कथमकृत पुण्यः प्रभवित।

سرشٽيءَ جي آرنڀ جي وقت ڌنيءَ روپ اٿيءَ مها
شڪتيءَ مان اٿيو آهي. هيءَ ڪو اکري آواز
ڪرڻهي جو اهين شاسترن ۾ لکيون. اهين ڪريب اکري
۽ هن اچار ۾ وڏو تفاوت آهي. هائي اهو جو ايشوريه
اوم جي ڌنيءَ جو اچار اسان کي اچي وڃي ۽ ٻوءِ
اسين جيڪي چاهيون سو ڪري سگهون ٿا ڇو جو اهو
ڌنيءَ روپ آواز خود مها شڪتي آهي جنهن هيءَ
سارو جڳت پيدا ڪيو. اهو جي آواز يا ڌني جو اچار
اسين صحيح ڪري سگهون ته اهڙي اکر جي اچارڻ سان
اسين ۽ وڏي پد کي پائي سگهون ٿا. اوم ٽِجو اکري اُچار
فقط اصول روپ آهي جو واسٽو ۾ اهو اُچار ناهي. جنهن
اُچار کي شبد يا ناد ڪوٺجي ٿو. اهڙي اهن شبد
يا ناد روپ شڪتيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ يوڳي جن
پرش ان آواز جي سادنا ڪري وڃي پرم پد پائين ٿا.
پيا ان اوم پد کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهائين ٿا. سي
ڪهڙا آهن جيئن ته اڪار، اُڪار، مڪار، ناد ۽ بندو.
۽ ڪي وري بندو ڀهرڻ ۽ ناد ٻوءِ ڇون ٿا. ناد ۽ بندو
۽ پرم پد آهي سو ڪڍڻ عام ٿئي ٿو سو هٿي ڏيڻ
جو ضرور ڪونهي. باقي اَڪار، اُڪار ۽ مڪار ان کي
شاڪت مت وارا مها شڪتي يا ڪالي مها لڪشمي ۽ مها
سرسوتي ڪري ڪوٺين ٿا ۽ ايشور اپاسڪ ايشور، هرٺه
گرب ۽ وراٽ ڪري سڏين ٿا ۽ براٽڪ انهيءَ کي برهما

منتر ڪري ڪونهو وڃي ٿو. انهن ڪري هندو ڌرم جي
سڀ ڪنهن ڪريا ڪرم ۾ پ-ڙ-ر-ڻ-ن هي (اوم) اکر
اچارڻ ڪيو ٿو وڃي.

ان اوم جي آڪار موراليءَ جو ٿوري ۾ ورڻن ڪجي
ٿو. اوم پد ٺهيل آهي ٽن اکرن مان म + उ + अ اَ + اُ + م انهن ۾
انهن ۾ سنسڪرت جي سنڌيءَ موجب ا + اُ جو ڳنڍيل
اوچارڻ ٿيو او. انهن کي انسوار (مڪار) لڳائڻ سان
ٿيو اوم. اهو پد ٽن اکرن جو ٺهيل آهي مڪار ناد ۽
بندو ۾ وڃو سو ٿيو انسوار. اهڙيءَ طرح اهو پد ٽن اکرن
جو جڙيل ٿيو وڃو آهي اهو اچارڻ جي نموني سان ٿيو
ٿو وڃي. اوم جي استول سروپ جو اکرن سان اچار
ڪري سگهجي ٿو پر ان جو جيڪو سوکشم سروپ آهي
انهن جو اسين اچار لکي نٿا ڪري سگهون جهڙيءَ طرح
چـ - چـ - چـ - چـ. ڪنهن چرڪ ڪرڻ سان
چار ڪريون ٿا. چچڪار اچار ڪريون ٿا. جو اسين
جيڪي گهوڙن سان لڳائڻ سان ڪندا آهيون سو اهڙو
اچار نه ٿيو. پر فقط سمجهڻ لاءِ چـ - چـ اکر لکندا آهيون
جو ان جو اصل اچار نه آهي يا ڪنهن جانور کي هڪل
ڏيڻ لاءِ اسين جيڪا ڏڏن جي لڳائڻ سان ڪندا آهيون
جنهن کي لکڻ ۾ ڏ - ڏ - ڏ لکندا آهيون پر ان جو اصل
اچار ٽچڪار جو ڪونه آهي فقط سمجهڻ لاءِ جڙيو اکر ڏنو
وڃي ٿو. ٺيڪ ائين هيءَ اوم نه هڪ قسم جو آواز آهي جو

رهي آهي. اهڙي نموني اسان جو جيئرو جڳهن ڪي ٿي ڏاڍا
اڪار آڪار ۽ مڪار روپ آهن انهن جي مٿان ناد روپ
مهد گرنٿي (ڳنڍ) ان مٿان بي ڳنڍ جڳهن ڪي بندو روپ
برهم گرنٿي چئجي ٿو. انهي کان پوءِ ٽيو اوم ڪا روپ
ڪيو پوئت (جيئرو). ڪي برهمڻ پڙهن جي مستڪ جي
شاستر ٿا ڏهجن ته به اُن جي مهما جو ڪوبه پار لٿو پائي
سگهي ته اهڙي پرم پتا جي شرڻ وڃڻ آسان جي
لاءِ سگهدائي آهي وڌيڪ ڇا لکجي. هيءَ اننت سرشٽي
اُن ۾ اهڙيءَ طرح وياپت آهي جهڙيءَ ريت شري ڀڳوان
ڪرشڻ گيتا ۾ چيو آهي.

यथाकाशस्थितो नित्यं वायुः सर्वत्रगोमहान् ।
तथा सर्वाणि भूतानि मत्स्थानीत्युपधारय ॥

ارٿات- جيئن آڪاش ۾ استٿت ٿيل سرولو هلڻ وارو
مهان وايو سدائين آڪاش ۾ استٿت آهي. تهڙيءَ ريت
سمپورڻ ڀوت پراڻي مون ۾ استٿت آهن اهڙيءَ طرح ڄاڻ.
هي ارجن ڪلپ جي انت ۾ هي سڀ ڀوت منهنجيءَ
مول پرڪرتيءَ ۾ لئه ٿيو ٿا وڃن. ڪلپ جي شروعات
۾ انهن سڀني کي آءٌ وري رچيان ٿو. اي ڀڳوان سروپ
ڀوت مول پرڪرتيءَ کي ٿي منهنجي پرڪرتي ڪري
چيو آهي جو سنڌس ٿي سروپ آهي- يعني هو ايڏو ته
اگهاڌ لٿو آهي جنهن ۾ ڳڻا ضرب Multiplication وري ڪجي ته

ڀڳوان چيو آهي :-

बीजं मां सर्व भूतानां विद्धि पार्थ सनातनम् ।
बुद्धिबुद्धिमतामस्मि तेजस्तेजस्विनामहम ॥

ارٿات :- هي ارجن مان سڀني ڀوتن پراڻين جو اڄ روپ اويناشي آهيان ۽ ٻڌيمانن جي ٻـڌي ۽ تيجسوين ۾ تيج آهيان. جنهن صورت ۾ هيءَ مٿيون ارٿ شاستر اڀياءَ ٻوڌ مان واسطو رکندڙ آهي ۽ شارڌڪ مهماس ڏيکارڻ وارو آهي تنهن ڪري شڪتيءَ جي روپ ۾ ان ڪـي ضرور ڏيکارڻو پوندو ڇو ته شروعاتي ٻوڌ اڀياس لاءِ اهو ئي ٻوڌ اڀياس ۾ اڳتو آهي.

شري درگاسپتشتيءَ ۾ ڪيترن شلوڪ اهڙا ارٿ ٻڌائين ٿا، تنهن مان فقط ٻن شلوڪن جو ارٿ لکجي ٿو. هيءَ شلوڪ چيتن روپ پرش جنهن کـي آتما يا ڪونسٽ چئجي ٿو، جو جيون جي اندر ۾ پراجمان آهي جو شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ڪيترن چيو ويو آهي .

(درگاسپتشتي)

या देवी सर्व भूतेषु चेतन्यइति अभिधियते ।
चितिरूपेण या कृत्सनमेतद्व्याप्य स्थिता जगत् ।
नमस्तस्यै–नमस्तस्यै–नमस्तस्यै नमो नमः॥
या देवी सर्व भूतेषु बुद्धिरूपेण संस्थिता ।
नमस्तस्यै–नमस्तस्यै–नमस्तस्यै नमो नमः॥

سي سڀ جيو آتما آهن، جي مايا جي پيدا اپاڌي اوديا
ڪري الڳ جيو ٿي پيا آهن. جهڙيءَ طرح ايشور
ڪرت سرشٽيءَ ۾ سڀني جو آڌشٽان يا آسرو اهو ايشور
يا برهم آتما آهي تهڙيءَ ريت جيون جو آڌشٽان پرش آهي
جنهن کي آتما چئجي ۽ جو جيون جي انترگت ساري
شرير ۾ وياپت آهي ان کي ڪُوٽسٿ آتما چئجي ٿو.
ڪوٽسٿ معنيٰ اَچل اوناشي، اکنڊ، گـنـڌرول ديڪشا ۾
اسين ان جو احوال ڏيئي آيا آهيون ۽ ان بابت هيٺي
ڪجهه وڌيڪ لکڻو آهي گيتا ۾ شـري ڀڳوان چيو
آهي ته:-

ममैवांशो जीव लोके जीव भूतः सनातन।
मनःषष्ठानीन्द्रियाणि प्रकृतिस्थानि कर्षति॥

ارٿات:- جيو لوڪ معنيٰ جيون ديهه ۾ (جهڙيءَ طرح
آڪاش يا ڳن ٿي رهي ٿي ڪري ڀـ دلي يا گهڙي ۾
جدا جدا رهڻ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تهڙي طرح آتما يا پرش
هڪ ئي پرماتما ئي ڪري جيون جي ديهن ۾ براجمان
آهي) تنهن ڪري هنن ديهن ۾ استٿت آتما کي ڀڳوان
پنهنجو سناتن انش ڪري ڪوٺيو آهي جو پرڪرتيءَ
جي وڪارين وارن رهڻ جو جيئر جي ڏيان جاڳڻ لاءِ
اندرين کي چڪي پرورت ڪرائي ٿو يعني گيان سروپ
آهي. اهڙيءَ ريت جيو جي ٻڌيءَ ۾ استٿت پوت سروپ
ئي پوت روپ آهي جنهن جو ورڻن گيتا ۾ هن ريت

جهڙيون جهڙيون هڪ ٻئي کان ڀڄي وڃن ٿيون ۽
هڪ ٻئي جي ورڻ جهڙيون اُهي هڪ ٻئي کي ڇڪين
ٿيون، مطلب ته-

Like Unlike Unlike Like

انهن کان سواءِ ٻيا بيجان پدارٿ نسو Inorganic
پدارٿ جي سائنسدانن اڪل سو کن ڳولي ڪڍيا آهن
جن کي (Elements) چون ٿا. انهن کان سواءِ آڪسيجن
نائٽروجن هائيڊروجن ڪيترن ئي هڪ ٻئي کي ڇڪين ٿيون
۽ ڌڪين ٿيون جن ته دولش ۽ راڳ وارو ليکو لڳو پيو
آهي ۽ ڪيترن ئي ماليڪيول معدني دوڙاڪ وغيره
ڪيميڪل (Affinity) جي ڪري پاڻ ۾ گڏجي وڃن
ٿا. جيڪڏهن انهن کي خوردبينيءَ يا مائڪراسڪوپ ۾
ڪٽي ڏسبو ته سڀني عجب عليحده روپ ڏسڻ ۾ اچن جن
مان سڀئي ڪجهه نه ته هي فلاڻو يا فلاڻو گروپ آهي D
اهي سڀ ڪنهن انهن کي سڃاڻيا آهي ته انهن پدارٿن
۾ سڀني گيان اچا ۽ ڪريا موجب ٻيا ڪم ڪن مطلب ته
سڀني ۾ اها گيان سروپا، چيتن يا چيتي شڪتي موجود
آهي جا سڀني جيون جي اندر ۾ رهي ٿي. انهيءَ ڪري ڀارتي
شاستر اهان لوڪ جي ڏاڍا اتم ڪرڻو آهي. انهن کان
پوءِ شاميو لوڪي ٿي ٻرم ٻڌ کي پاڻي ٿو اهو اسين ڏسندا هئا
۾ ديدار ڪرڻ ٿا جنهن کي شري ڪرشن ڀڳوان گيتا
۾ ڪيتر ۽ ان آتما ٻنهي ڪوشش کي ڪيترگيه ڪري چيو
آهي.

اُڀاس- جا ديوي معنيٰ پرڪاش مان ٿئو جو سڀني پراڻين ۾ چيتن چيو وڃي ٿو جا چٽي روپ ھيٺ ڪري ساري جڳت ۾ وياپڪ آھي تنھن کي نمسڪار آھي، نمسڪار آھي، نمسڪار آھي.

جا ديوي سڀني پراڻين جي بُڌيءَ ۾ بُڌ روپ ٿي اسٿت آھي تنھن کي نمسڪار آھي، نمسڪار آھي، نمسڪار آھي. الي سندس بُڌ سروپ يعني گيان سروپ جاڻايو ويو آھي ته ماڻھو بُڌيءَ ۾ انترگت اَن پُرش آتما يا ڪونسٽ اچل اوناشي سروپ ڌيان ڪري ان اچل اوناشي آتما کي پائين. مطلب ته جيون ۾ ان پُرش جي گيان اڇا ۽ ڪريا شڪتي موجود آھي. ماڻھن، پکين، ٻين ۾ بہ اھا گيان اڇا ۽ ڪريا واري شڪتي ٿوري گھڻي سندن ٿن ڪڻن وچ، سٽيل ٿئي، جي گھٽ وڌ ھيٺ واري اسين ڏسون ٿا ٿا ٻر وڻن نُڻن ۾ ته ڪيئن ھو وڌن ٿا ۽ ڪيئن ساھ کڻن ٿا ۽ ڪيئن الھن جون (Cells) اڻون ڪوٺڙيون تنھن جو مقرر ٿيل ڪم سمجھي سوچي پوري قاعدي موجب ڪن ٿيون. انھن کان سواءِ بيجان پدارٿن ۾ بہ ڏسو ته ڪيتري نہ سمجھ آھي. جھڙيءَ طرح چقمق سٽيءَ کي ڇڪي ٿو پر جڏھن اھا سٽي جنھن ۾ چقمق واري شڪتي داخل ٿئي ٿي ان وقت وري سٽي چقمق ڏي ٿئي وڃي چاڪار ٿئي. مطلب چقمق جھڙي ئي شڪتي پيدا ٿئي آھي يعني ھڪ

ديڪشاڪ ٨

ٻڙي (ٻندو = Zero or Point)

هيءُ اڌيائو ٻلڪل سمجهڻ لائق آهي چاڪاڻ تہ جيڪي اڳي ڪج چيو ويو آهي تنهن جي ٻيهرائي ڪري ٿو ۽ انوڪ جي جاڻڻ ۾ پڻ مدد ڪري ٿو تنهن کان سواءِ ابياس جو مول منتر آهي ۽ گهڻا سنسا دورت ڪري ٿو ۽ ڪيترن وديائن جو وهم آهي.

ٻڙيءَ يعني (ٻندو — Point) جو جيڪو ٺيڪ ملهہ ڪوبہ ڪونہ ٿو چيو وڃي صفا شونيہ يعني ڪجهہ بہ ڪانہ آهي اهين چيو وڃي ٿو، پر جڏهن ڪنهن بہ حسابي انگہ هڪ کان ڪيترن بہ انگن لاءِ انهن انگن کي هڪ يا انيڪ ٻڙين ڏيڻ سان تہ انترو تہ انهن انگن جو ملهہ يا روپ ٻٽيو چڙهي جو جيئن ڏهہ، سو، هزار، لک، ڪروڙ، ارب، وغيره ملهہ ڪريو چڙهن انهيءَ مان ثابت آهي تہ حسابي ڪم ۾ اها ٻڙي ڪهڙي نہ شڪتي رکندي آهي. حساب موجب ان ٻڙيءَ تہ ٿولهہ نہ ويڪرائي نہ ڊگهائي وغيره آهي فقط ڪيس ٻيهڪ (Position) يا استقامت آهي جنهن جي ماپ وغيره ٿي نہ ٿي سگهي. اهـا آهي وهنوارڪ ٻندو پر جيڪا روحاني يعني پرمارٿڪ ٻندو آهي جا يوڳين جي يوڳ سماڌيءَ لاءِ اپيوڳي آهي جنهن کي آتما چئجي ٿو تنهن کي تہ اها

هاڻي وري ٻنهن جي اصلوڪي ڳالهه تي اچون ٿا ته اها ننڍي لاءِ اپت يعني (G·C·M) موجب ان ڏيهه ۾ هيءَ آتم روپ شڪتي استت آهي جنهن ۾ ڏٺهيءَ جون سمورئون شڪتيون سمائجي وڃن ٿيون ۽ سنڌس پاڇي ٻچي ٿي (0) Zero يعني اڙي معنيٰ ٻندو هن کان پوءِ اسان کي ان ٻندوءَ بابت خلاصو ڪرڻو آهي.

ڇو ته، اها يوڳين کي سماڌيءَ ۾ اچڻ لاءِ وڏو سنڪيت يعني اشارو ڪيل آهي.

شري ڀڳوان ڪرشن گيتا جي تيرهين ادياءَ جي ٽيويهين شلوڪ ۾ کڙو ته سنڌر اپديش ڏنو آهي.

य एवं वेति पुरुषं प्रकृतिं च गुणैः सह ।

सर्वथा वर्तमानोऽपि, न स भूयोऽभिजायते ॥

ارٿات:- اهڙيءَ طرح پُرش ۽ گڻن سميت پرڪرتيءَ کي جو منش ٺيڪ سان ڄاڻي ٿو اهو سڀ ڪنهن طرح جڳت ۾ ورتاءَ ڪندي به وري نه ٺيڪ جنم ڪونه وٺي ٿو يعني پرم ٺيڪ يا ٻند کي پائي لنگ روپ ٿي وڃي ٿو.

تمام لڪڙي هلي ٿي ٻيءَ ٻيڙيءَ کي وڏي طاقت ملي
وڃي ٿو جا هوا چوڌاري ڦري پئي آهي انهيءَ کي
ڪاڻ هاڻي ڪالهه. انهيءَ ريت هوائي چرخي
(Wind Mill) جنهن جي چرخن ۾ هوا جهلي ٻين گهڻن
ڪمن لاءِ اها هوا لڳڻ سان پيدا ٿيل جي طاقت سان
ڪوهن مان پاڻي ڪڍي ٻاهر ڪڍي. انهيءَ طرح
پاڻين ۾ آگ ۽ اليڪٽرڪ سٽي وغيره گهڻن ڪمن ۾
اڄ انهن مشينن کان ڪم وٺون ٿا. انهن کي اها هاڃي
آهي جو ڪم وٺندي اهي گهٽ نظر وڃن ٿا پر عارضي
طرح شڪتي اڪٽ ۽ اوشي آهي انهن کي نه ڪابه
هاڃي ڪانهي پر فقط سدس هڪ ٻئي (Ir sence)
ٻئي استني اهائي بس آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ جي
هٿان ڪان سواءِ ڪوبه ڪم نه ٿي سگهندو ڇو ته اها
سڀني جو آسرو آڌار ٻئي اڌشٽان آهي. جيئن سوريه
ڀڳوان جي روشني آهي ته اسين جڳت ۾ سڀ ڪم
ڪارڻون ڪري سگهون ٿا پر جيڪڏهن سوريه جي روشني
نه هجي ته جيڪر جڳت ۾ ڪوبه ڪم نه ڪري سگهون.
اهي شڪتيون نه ڪڏهن ڪڏهن گهٽ وڌ ٿي
سگهن ٿيون پر اها پرمارٿڪ برهم شڪتي اهڙي گهڻ
ايڪ رس، اهڙي سوڪيم آهي جو سڀ پدارٿن ۾ سمائجي
پئي آهي جو انهيءَ جي آڌار تي ٻيا پدارٿ سڀ ڪ
ڏين ٿا ٿا پر اها پاڻ ڪا چري نڪا ڪٿي نه ڪو ڪم

ٻڌڪ (Position) يعني سٿا - ۽ ڪاٿي به ٻوءِ اهي
ڪيئن سمجهون ته اهي ڇا آهي ان ڏي ڌيان ڇڪائڻ لڳ
هيءُ مثال ڏجي ٿو. پڪو ليا اڙي ڪنهن ڪاغذ اڪو
وڙي ان کي ڌاڳي چڙهيو ته سندس پيهڪ نه ڪهڙي ڪري
سڙؤ ويائي ٿي پٺي ڇو جو ڪاغذ ٿي ان ٿڙيءَ کان
سواءِ نه ٿيو ڪجهه هو نه ويو ۽ اها ڇڪي ڪنج پٺي
سا سڙو ويائي ۽ اندت ٿي پٺي انهن ٻرارت سٿا ڪي
ٻرهم چڙهجي ٿو. ٻرهم معني ويائڪ. هاڻي ٻرارڪ يعني
روحاني سٿا ڇا آهي؟ هيءُ اها سٿا يا هستي آهي
جنهن ۾ اندت شڪتيون جن جو پارا وارو ڪونهي سي
ايڪ رس يعني (Homogeneous) ۽ گهڻن روپ يعني
گڏيل جمل ته ٻرابل شڪتي تي پٺي جنهن جي ڪا
حد ئي ڪانهي انهن کان سوءِ اجل، اولاحي، اکند،
امرت، گيان روپ آهي جنهن کي ڪوڙي ٻه دنيا جي
شڪتي قبراني نٿي سگهي. جنهن کي شاستڙن اچنتيه
شڪتي ڪري ڪوٺيو آهي ۽ ان کي لوڪن جي سمجهڻ
لاءِ سندس سروپ چت آنند کهن يعني جميل ڪري
چيو آهي. هاڻي ڏسجي ته اهو ڪهن ٻدارت ڇا آهي
انهن لاءِ هڪ ٻه مثال ڏجي ٿو. جيئوتيڪ اهي مثل
اعڙا ٿهڪندڙ اهن ٻر آفي باقي ٿهڪندڙ ڪونه آهن ڇو
جو اها ٻرم شڪتي لا مثال ۽ لاشريڪ اهي.

جهڙيءَ طرح ڪنهن ٻيڙيءَ ٿي سڙهه چاڙهي هوا کي
جهلي ۽ گڏيل ڪري رکون ٿا جنهن اڳ کان ٻيڙي

ته اهو ٻنهي جو ڪارڻ شروع ڪيو ڇڏي، الي فقط برهم سنا ڄاڻڻ ضروري آهي. پر برهم کي نڪا لهر نڪو لوڏو اهو آهي برهم جو سروپ لکشڻ (Definatio) ڏاڍي ان جي ايشور سرشٽيءَ سان لاڳاپو رکندڙ ٻجو وديا اپنشا واسنا اپنشد جي شرشٽيءَ سان لاڳاپو رکندڙ اپنشد جي شرلي انهيءَ ورلات کي پورو سڌ ڪرڻ لاءِ ڏنون ٿا. ڀاشڪارن انهيءَ شرليءَ کي ٻنهجي منن کي ڦهلائڻ لاءِ گهڻي ئي ارٿ ڪيا آهن پر اسان جي ڌيان موجب هيٺيون ارٿ پورو ۽ ٺهڪندڙ آهي اهو ارٿ وياڪرڻ جا انگ لڳائي پوريءَ طرح سان سڌ ڪري سگهجي ٿو پر هتي انهيءَ وستار ڪرڻ جي ڪا خاص ضرورت نٿي ڏسجي.

स पर्यगाच्छुक्रमकायमव्रणमस्नाविरं शुद्धमपापविद्धम् ।
कविर्मनीषी परिभूः स्वयम्भूर्याथातथ्यतोऽर्थान्
व्यदधाच्छाश्वतीभ्यः समाभ्यः ॥

ٻهراڻ ٿوون اکرن ۾ هن شرليءَ جو لاڳاپو ڏجي ٿو ته اهو جو سرو وياپڪ ڪٿاليت اڪرڻ سچدانند گهن روپ ايڪرس اچل، اوناسي اڻهن برهم سروپ کي ايشور سگڻ ئي ٻڌي ايشور روپ مول پرڪرتيءَ جي انادي ڪنو هيٺڻ ڪري ان الست روپ ۾ جتي ڪٿي سرو آچا دن ڪيو برهم [illegible] سروپ اچل اوناسي پٽي ۾ ئي

ڪري ٻنهن جي ٿي مهما ۾ آهي. انهيءَ لاءِ هيٺ مثال
ڪجهه ٿهڪندڙ ڏجي ٿو.

جيئن ته بجلي يعني (وديت) اليڪٽري سٽيءَ جي
پيدا ڪرڻ لاءِ اسين ڄاڻون ٿا، اگر، ٽوڪيو ۽ ڪي ٻيا پدارٿ
ڪم آڻيون ٿا پر جيستائين انهن ۾ جست جي ڏنڊي
يعني (Zinc Rod) نه وجهي ويندي آهي تيستائين
اليڪٽرڪ سٽي پنهن جو ڪوبه ڪم ڪري نٿي سگهي
انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته جست جي ڏنڊيءَ جو هئڻ
ضروري آهي اليڪٽرڪ سٽيءَ جي پيدا ڪرڻ لاءِ پر اها
جست جي ڏنڊي ڏٺي نڪا ڪٿي ڪو وجهي جهڙي
جي ٿوڙي رهي ٿي تنهن ڪري شائنسدان ان کي
(Catalytic Agent) جو نالو ڏنو آهي يعني اهو جو
اليڪٽرڪ سٽي پيدا ڪري ٿو تنهن ڪري ان جو هئڻ
تمام ضروري آهي ته ته اليڪٽرڪ سٽي کان پيدا ٿيندي پر اها
جست جي ڏنڊي نڪا ڪٿي وڃي جهڙيءَ جي ٿوڙي
رهندي آهي يعني اداسين وت آهي تنهن ۾ اهي مثال
ان پرم تتو جي انڀو ڪرڻ لاءِ بلڪل ڪارائتا آهن ۽
ان پرم تتو جو گيان يا تصور ڏين ٿا.

دشٽانت ته وڪم آهي پر انهن ۾ ٿورو ٻوڌ ان پرم
جي سمجهائي لاءِ چڪائي ٿو ته اهو جو اوناشي، اڪرته
اڇل، نرگڻ، ايڪ رس، چيتن يعني پرڪاش روپ آنند
گهن آهي تنهن سان ڪهڙي نه پدارٿ جو ميلاپ ٿئي ٿو

ڄڳت جي شڪتين کي ورھائي ٻڌاري ٿو. معني ساري
سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي تنھن ڪري ايشور سروگيه،
سروَوت، سرو شڪتيمان ۽ سرو وياپڪ آھي. ايشور ٻه
سدائين آھي جنھن سرشٽيءَ کي راڄ ڪري ٿو سا ٻه
سدائين آھي، جيتوڻيڪ پرلي ڪال ۾ اھا ٻه سدائين
انتشان ايشور ۾ ھڪ ٿي پاڻ ۾ رھي ٿي ۽ وري ايشور
جي اڀا دئاران ٺھنتي اھو چڪر اُڀري، اسٿتي ۽ لئه جو
ھليو اچي. اھڙو احوال اُپنشن ائنياءِ ۾ لکيون سميت ڏنو
ويو آھي ورتي لکڻ جو ضرور ڪونھي ھاڻي جيوڪرت
سرشٽيءَ جو احوال ڏيڻ ضروري آھي. ان ڪونسٽ، اڇل
اوناشي آتما يا برھم جو ٻه مائڪ پرڪرتيءَ جي وڪرتين
روپن آڪار يا اپاڌيءَ يا ٻڌن ڪري اھو سرو وياپڪ
آتما يا نرگڻ چد ڏيھن آپادن ڪيو ويو آھي. تنھنڪري
ماڻھن جي ھرديءَ جي ان آڳرين ماپ ھڻڻ ڪري جيو
آتما ڪونسٽ مالر ماپ وارو جونين کي ھرديءَ ۾ ڏاريڻا
وکڻ لاءِ اھو انگشٽ مالر چيو ويو آھي. اھڙي طرح اڻن
۾ اڻن جي مقدار موجب وار جي چوٽيءَ جي ڏھ
ھزار ڀڱيءَ جي ماپ جيترو جيو آتما چيو ويو آھي.
جنھن کي ٻڌڻ ڪري ڪونين ٽا برھم ۽ آتما لاءِ ڪوا.
مثال ڏنو آ. تھڪندڙ ڪوا ٿيندو پر تنھن ٻه ماڻھو جي
ڏيان ڇڪائڻ لاءِ يا تصور لاءِ مثال ڏنو پوي ٿو. جيئن
۽ جڏھن گھڙيال بند ٿي وڃي ۽ سندس اسپرنگ ڪلي وڃي

رهيو پر ايشور پنهنجي سرشٽيءَ سان ساڳئيءَ روپ،
سروگيه، سروَ شڪتي مان، پنهنجي اننت اٽل شڪتيءَ
پنڌارن هن ساري جڳت جي سندس گڻ، ڪرم، سنسڪار
۽ سڀاءُ موجب پوري طرح نيم سان اننت جيون کي
سندن ڀوڳنا موجب اننت ڪال کان وٺي پيدائش کي
ورهائي سندن ڪرمن انوسار سرشٽيءَ جي رچنا شروع
ڪري ڇڏي. هن سگڻ ايشور اننت شڪتي ۽ پرم
سروپ اچد ننڪتي (شڪتي) معنيٰ سچ نرمل پرڪاش کي
معنيٰ رجي ستي ڳڻن جي ملنتا رهت پرڪاشمان کي،
(اڪاريه) شرير رهت کي (اورڻ) دک رهت کي (اسنا ورم)
ناڙين رهت ليٽا ڪريا رهت آڪريه کي (شڌم) پوتر کي
(اپاپودٽم) ڏوهه ۽ ڏوهه سنسڪار رهت کي آکيائين ڪيو.
اهو سگڻ ايشور (ڪوي) ڪرانتي درشي، سرو درشتا،
ڪارڻ شرير جو اڌشٽان (مهيشي) من تي راڄ ڪندڙ لنگ
شرير يعني سوکم شرير جو اڌشٽان (پريڀو) سڀني جي
مٿان سڀني جي مٿان سڀني کي هلائيندڙ اهڙيءَ طرح
استول شرير جو اڌشٽان.

(سويمڀو) جو پنهنجي جو پاڻ سنهو، سڀ پيدا ٿيندڙ
پدا ڪندڙ ڪارڻ جي يعني ايشور روپ يا جڳت روپ
۾ پنهنجو پاڻ ٿئي ٿو. پنهنجي جي اڇت ۽ اننت شڪتي
ڪري. ڪنهن کان سواءِ قاعدي موجب جيون جي
سنسڪارن موجب سندن ڀڳائوگه، ڪرمن موجب ساري

ڪرتا، شاستا، نيمتا آهي انهن جي ان ايشور کي سگڻ برهم چئبو وڃو آهي. ۽ پرڪرتيءَ وڪرتيءَ سان ميلاپ هئڻ ڪري اهو نرگڻ ڪونهي پرڀيگ. آتما جيڪو آتما چئبو وڃو جو سڀ جڳت ۾ وهنوارڪ ڪريا ڪرڻ جو اڌيڪري ٿي چئبو وڃو آهي ٿو.

कार्योपाधिरयं जीवः। कारणोपाधिरीश्वरः॥

ارٿات:- پرڪرتيءَ جي وڪرتي ڪارج من اندر رهڻ ۽ شرير وارو جيو چئبو وڃي ٿو ۽ مول پرڪرتي، يوگمايا مهامايا سرشٽي پرڪرتي جي ڪاريه ايشور آتما آهن ان جي اپاڌيءَ ڪري ايشور چئبو وڃي ٿو. پر ويدانت جي ٿيوري جنهن جي معنيٰ آهي، اُن ٿي اهو آهين، جي مهاواڪيه موجب ايشور مان پاڻ ليلا لکيتا سان مايا اپاڌي ڌڪار ڀوڳ جو عام ساڌاڻ سروپ رهندو سوئي برهم آهي ۽ جيو مان پاڻ ليلا لکيتا دوارا پرڪرتي جي وڪرتين کي پاهنجي ابياس گيان ووڪ ڌارا هٽائيندو ته باقي نرگڻ آتما سچدانند گهڻ رهندو، انهيءَ ڪري آتما ۽ برهم اهي سروپ سچدانند گهڻ آهن، اهائي برهم ۽ آتما جي ايڪتا آهي ۽ اهو ئي پرم پد آهي جنهن کي مايا واد ويدانت ۾ مڪتي، ڪيولتي يوگ ۾ مها وگيان روپ پرڪاش، هٺ يوگ ۾ مها بوڌ، منتر يوگ ۾ مها ڀاءُ ۽ لئه يوگ ۾ نرواڻ پد چون ٿا جا سڀ ڳالهه ساڳي آهي. جيئن آڪاش سروَتر وياپي آهي، گهڙن

ٿو ٿ. گهڙيال ٺهيو هلي ٿو جڏهن گهڙيال کي چاٻي ڏيڻي ان ڪماني اسپرنگ کي سوڙهو ڪنهن يا گهڻ روپ ڪرڻون ٿا ٿ. اهو اسپرنگ کليرو گهڻ روپ ۽ ٻيڻو روپ ٿيو پوي ٿو اُن ڪرڻ سان سنڌس شڪتي ۽ ٻل وڌيو وڃي ۽ چالو رهي پيو وقت ڏيکاري. جيئن ٽيڪ د رشٽانت وڪر آهي چاڪاڻ ڪ. هي ۽ وهنوارڪ پندو آهي ۽ هوءِ پرمارٿڪ پندو ٻنهي جي اچل اولاشي مهمان ۾ آتما روپ ۾ اننت آهي ٿو جيو يا اٿون ۾ آچادن سمت هڻڻ ڪري ان جي استني اهڙي شڪتي رکي ٿي جو اهو جيو، اٿون ٻنهن جو ڪارڻ سنڌس گڻ ڪرم سڀاو موجب ٻنهن جو شرير روپي واپار بعدلي ڪريا ڪندو رهي ٿو. جيئن ته شوتا شوتر اپنشد ۾ چيو ويو آهي.

नैव स्त्री न पुमानेष न चैवायं नपुंसकः।
यद्यच्छरीरमादत्त तेन स युज्यते ॥

ارٿات:- آتما نه استري آهي نه پرش نه، نپنسڪ آهي، پر جڏهن جڏهن پدارٿ کي گرهڻ ڪري ٿو تڏهن تڏهن سان هو لهڙوئي آهي.

انهن ٻنهي شرطن مان ڏسجي ٿو ته. ايشور ڪرت سرشٽيءَ ۾ نرگڻ اپاڌيءَ رهت برهم ٿي ٺهيو الهت پرم پد آهي: جڏهن جي ساڪار سهيوڳ سان ايشور سرو وياپڪ سرو شڪتيمان، سروگيه. سرو وت ۽ ساڪيءَ سرشٽيءَ جو

ڪري ليائمان لئو ٿئي. انهيءَ ڪري مهاواڪيہ جون
شرتيون چون ٿيون.

सर्वं खल्विदं ब्रह्म। معنيٰ - هي سڄو جڳتو برهم ئي آهي.

आत्मैवेदं सर्वम्। "" - هي سڀ جڳتر آتما ئي آهي.

सर्वमिदमहं च ब्रह्म। " - آءٌ ۽ هي سڀ جڳت برهم ئي آهيون.

अयमात्मासर्वं। " - آتما سڀ ڪجهہ آهي.

اهڙيون ڪيئين شرتيون ويد ۾ آهن. اُهو نرگڻ روپ آتما يا برهم سوئي سچي جو آڌار، چدانند گهن ۽ پرم پد يا مکتي آهي. انهيءَ ڪري ويد جي اُپنشدن ڀاڱي کي برهم ودا اتما ڪري چيو آهي ۽ نہ ڪي ايشور:- معنيٰ مان ايشور آهيان. अहमीश्वरः

اهڙي طرح ڪٿي بہ ڪنهن واڪيہ ۾ نہ چيو ويو تہ مان ايشور آهيان. ايشور هڪ ئي ڪت ٻوگي آهي ۽ ٻيو ڪو بہ ڪو نہ ٿي سگهندو، باقي ٻيا جان ٻوڌي پنهجي اڀياس يا گيان دوارا سندس مهمان يا ليلا اِيئَہ ڪن ٿا ۽ پر ايشور ٿيا ٿي سگهن. هاڻي ڏسڪ اُهو آهي جو ڪيترن ڪافرن ۽ ڪلامن ۾ شاعرن انهيءَ ود يا ليلا فلا صافيءَ کي نہ جاڻي ڪري پاڻ کي الله يا خدا چوايو آهي. (من خدا ام) جو سراسر غلط آهي، ڇو تہ خدا ! خود معنيٰ پاڻ - آمدن معنيٰ آچڻ، يعني اُهو پاڻ آپــي سرشٽيءَ جي رکيا جا پالنا ڪري ٿو يعني سگڻ برهم يا ايشور؛

د ان پعدانِ گھٽ ۽ پٽ جي اپاڌي اندر اهــو ساڳيو اڪاش آهي پر جڏهن اهو گھڙو يا دلو ناس ٿي وڃي ٿو ته اهو گھڙي وارو آڪاش اڳيئي مها آڪاش سان مليو پيو آهي، فقط اپاڌي ۽ پڙدي هٽائڻ جــي ضرور آهي جو ابهياس، وويڪ، وگيان ۽ ڪريا جي دوارا اهو پڙدو يا اپاڌي هٽائجي ٿو ته پوءِ جو اسين برهم ۽ آتم سروپ اڳيئي آهيون سائي اسان جي پرم استٿي يا نرواڻ پد آهي.

अुपाधि : भेदात्स्वयमेव भिद्यते।
उपाधिश्चापोहे स्वयमेव केवल:॥

ارٿات:- اُپاڌين جي ڀيدن ڪري اهو پاڻ ئي ڀيدن وارو پرتيت ٿئي ٿو ۽ جڏهن اُپاڌي هٽي ٿي وڃي ته اهو پاڻ ئي پنهنجو پاڻ آهي يعني برهم يا آتما آهي. آتما وارو گيتا جي تيرهين اڌياءِ جي ٻٽيهين شلوڪ ۾ پڻ چيل آهي.

यथा सर्वगतं सौक्ष्म्यादाकाशं नोपलिप्यते।
सर्वत्रावस्थितो देहे तथात्मा नोपलिप्यते॥

ارٿات:- جهڙيءَ ريت سرو ويا پڪ آڪاش پنهنجي سوکيم هئڻ ڪري ڪنهن به پدارٿ جي اُپاڌي ڪري لپائمان ڪونه ٿئي، اهڙيءَ طرح سرو ديهه ۾ استٿت آتما اتيا رهڙ گيتا ليپت هئڻ ڪري ديهه جي گڻن يا اُپاڌين

شلوڪ: الله ڇڏيون اوري هو پري پڌ پيا-
لالي سڀن سورن اپا ڪي ڀا
واڇيندا ويا ساڻ ڪي پڌي سندرو:-

انهيءَ مان پڻ ثابت ٿئي ٿو ته اسين صفا ئي الست لکڻ وارا ايشور يا خدا ڪونه آهيون پر ذاتي سروپ لکڻ وارا حق يا ستيه يا برهم يا آتما آهيون انهيءَ ڳالهه کي ڄاڻڻ لاءِ گرو نانڪ صاحب جن اڳئي چيو آهي " آد سچ جڳاد سچ هئي- پڻ سچ نانڪ هو سي ڀي سچ " جو اسان جو پرم لکيارت آهي. وري اسـ انهيءَ ڳالهه کي خلاصو ڪرڻ لاءِ پڻهي نرگڻ يـــا سگڻ کي صاف سمجهڻ لاءِ هيٺيان ايشاواسيه اپنشد جي شرتي ڏيون ٿا.

तदेजति तन्नैजति तद्दूरे तद्वन्तिके ।
तदन्तरस्य सर्वस्य तद सर्वस्यास्य बाह्यत:।

ارٿ:- اهو برهم هلي ٿو پڻهي ڪريا ڪري ٿو ٿو مايا جي گڻ سڀني ڪري ايشور جي روپ ۾. ۽ اهو ڪابه ڪريا ڪانه ٿو ڪري گڻ سڀني جي رهت هئڻ ڪري پورڻ چيت سروپ هئڻ ڪري اهو برهم، دور آهي نرگڻ روپ جي ڪري. اندر ۽ من جسي اڳو چيو يا آو شڪيه هئڻ ڪري. اهو برهم وڃهي ۾ واڃهو آهـــي سگڻ روپ ڪري جگت جي هئڻ ڪري، ۽ اهو ئي برهم اندر

سروگيه، سرو وياپڪ آهي پر عقلائي ٻڌيءَ لقسمت لکيڻ
وارو آهي جو اسين ڪونه آهيون؛ پر اسين ذاتي ٻڌي
سروپ لکشڻ وارا برهم يا آتما آهيون جنهن ڪري انگريزيءَ ۾
شاسترا ڪارڻ اُن کي گاڊ هيڊ (God Head) آتما
ڪري چيو آهي. ٻين متن وارن اُن کي حق معني
ستيه معنيٰ برهم جا آتما ڪري ڇيو آهي. مهاتما منصور
پاڻ کي اناالحق چوايو هو جو آتما يا برهم آهي نه کي
کي ايشور چوايو هو. اهڙي طرح اسان جي سنڌ جي
صوفي سنتن انوا ٻين جو نه نر نام آهي ” حق موجود
سدا موجود “ معنيٰ اهو برهم يا آتما سڄي ۾ آهي ۽
سدائين ستيه آهي. چانڊوگيه اپنشد ۾ اها شرتي اڳئي
چئي وئي آهي.

तस्य ह वा ब्रह्मणो नाम सत्यं ॥

ارٿات: اُن برهم يا آتما جو نام ستيه يا حق آهي
جنهن کي (God Head) پڻ چيو ويو آهي پر افسوس
آهي جو اُن فلاسافيءَ کي نه ڄاڻي ڪري ڪيترا سنت
۽ سٽ پرش جن پاڻ کي الله ڪڏهن ڪونه چوايو پر
ٻڌيءَ ذاتي سروپ برهم يا آتما ڪوٺايو، تن کي
سوريءَ تي چاڙهي ۽ عذاب ڏئي سنگسار ڪري ماريو
ويو. انهيءَ سمجهاڻي لاءِ ڪڏهن ساڻ ڪ هيٺ سنڌي
۾ هيءُ شلوڪ ڏنو آهي.

ڪرڻ سان اهو برهم پد پائي سگهنداسون جو مُڪتي
يعني جنم مرڻ جو ڇوٽڪارو آهي.

برهم جو اُستتو ٻڌو، ته برهم سڀ ڪنهن هنڌ ۽
اسان ۾ پڻ آهي. سو سچيءَ وديا جي دواران ئي حاصل
ٿيڻو آهي. ته، برهم سروويا پي آهي، اهو اڄ هن
انهن ڪي انيڪ ٿيئي ٿو ته ڪي ڳالهين ۾ وڌن و پاڪيائن
دوارن. اهي وياکيان ۽ چرچائون به ايتريون آهن ڇو ته
"ڇو ندا آهن ته ٻريان سندي پار جي ٽڙائي عڏائي.
ڪانهي ڪڙائي چڪين جي جمس ڪري" نِهڪري
انشور يا ٻريڙ ها ڳالهه ڳڻڻ يا چرچائون به تمام چڱيون آهن
پر " چڪين جي جمع ڪري " يعني ٻوري سبق
عليل ڪي پوري ايمس ۽ شرڌا سان انهيءَ جي کوج ڪرڻ
سا ڪا بي ڳالهه آهي. نِهڪري مان هتي ڪٿي ڪيترو
به لکان ته به اُنيئه نه هٿڙ ڪري اِها ڳالهه مڃڻ جي دل
۾ ضرور اچي جاڳندي ته هو اُڪرو آهي سو ڪرياوان
ڪيئن ٿيو ۽ اهو جو پورڻ آهي سو اُپورڻ يعني انمت
وپ معني اپانديءَ وارو ڪيئن ٿي پيو. جـو سرو ڳيا
ايڪ رس آهي سو بدلجي اَنمت سروپ ڪيئن ٿي پيو
يا پنهنجي سچي سروپ کان ڦري وکر سروپ ڪيئن
ٿي پيو. انهيءَ لاءِ اپنشدن ۽ شاسترن دليلن جي دواران
مختصر هيٺين سمجهاڻي ڏني آهي.

निरपेक्षो रवः श्रुतिः

ڇو مالڪ ڪري جڳت جي سڀني پدارٿن ۾ آهي. اهوئي
برهم جڳت جي سڀني پدارٿن جي ٻاهر پڻ روپ ڌارڻ
ڪري آهي. پر هاڻي اهي ڳالهيون ٿي ڪٿي ڳوليجي؟ اُن
جي لاءِ منڊڪ اپنشد وڌيڪ سمجهت ڪري ٿو.

बृहच्च तद्दिव्यमचिन्त्यरूपं सूक्ष्माच्च तत्सूक्ष्मतरं विभाति।
दूरात्सुदूरे तदिहान्तिके च पश्यत्स्विहैव निहितं गुहायाम् ॥

ارٿات:- اهو پرم برهم مهان ديو ۽ اچنتيه روپ آهي، تنهن اهو سوکيم کان سوکيم پرڪاش وارو آهي. اهڙيءَ طرح اهو برهم دور کان به دور آهي. هن شرير ۾ رهڻ ڪري تمام ويجهو به آهي، اهوئي ڏسندڙن يا ڏسڻ ڪندڙن جي هردي گفا ۾ ٿي استت آهي، پر جن جون ڪتين شريرن ۽ ڪينا وغيره سمر شاسترن جون چئون ويهون آهن. اهو سڀني پراڻين جي هردي ۾ ٻڌيءَ ۾ نواس ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اسان کي ٻئي وجود جي ڪابه ضرورت ڪانهي ۽ هن شرير ۾ ئي انهيءَ جو ديدار ڪرڻو آهي. انهيءَ لاءِ هيءُ منش ديهي ئي اسان جو ذريعو آهي جا جهاز وانگر اسان کي ان ڀوساگر کان پار ڪرڻ لاءِ ڪارگر آهي جا اسان کي انهي پرم پد سان ملائيندي. فقط ايشور ارپڻ ٻڌي نشڪام ڪرم، وگن ۽ ووڪ روپي ڪريا ۽ گروءَ جي سچي اپديش مان يا حاصل

جهڙيءَ ريت، سوريه جي سورته ۾ روشني - چندرما
جي چانڊاڻي وغيره انهن کان جدا اڻهون ڪري سگهجن.
اها ڇهه روپي سرشٽي شڪتي ڪيئن ان ڇهن کي
گهٽ وڌ طرح ڏيکاري ٿي. برهم جي اڇت شڪتيءَ
ڪري ۽ ايشور جي الدت شڪتيءَ ڪري انهن پاڻ ۾
اچي ٿو. اهڙا ڇهن شڪتي يعني ڇٽي اها سروٽو
ربانڪ آهي - هن ٻر ٻنهي يعني جڳتر جو وهنوار ٻـ
جڙ روپ پاسجڻ فقط جيون جي يوڳ اچـا روپ ڪرم
سنسڪارن دئاران ٿي پرابت ٿئي ٿو. سنسڪار جي وس
ٿي ڪري جيو يوڳ جي چاهنا رکن ٿا، انهن جي اچا
پوريءَ ڪرڻ لاءِ هـيءُ يوڳ روپ ٻر ٻنهي يعني جڳتر
ساڌون اچي ٿو، جيون جي آيورڻ ڇهه پاءِ جي ڪري
انهن کي اها يوڳ اچا جڳتر ۾ جڙ روپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.
انهيءَ ڪري سنسڪار ٿي جيو جي آيورڻ ڇهه پـاءِ جو
ڪارڻ آهن، اهي سنسڪار ٽرڳڻ آتمڪ ۽ ڪٽن جي قيري
ڪري يعني قرڻ ڳرڻ ڪري ٿي هيءُ جڳتر پاسجڻ ۾ اچي
ٿو ٻه پرلئه ڪال ۾ اهي ٽيئي ڳڻ ٻه ايشور ۾ سمانجي
وڃن ٿا ۽ وري اڀتيءَ جي وقت ۾ وري سرشٽيءَ جي
رچنا ڪن ٿا پر اهو ڪٽا ٻمت پل " برهم " سو انهن
کان نڪرا آهي. اهڙا ايشور جي ليلا آهي.

ارٿات:- شرتيءَ کي ٻيءَ ڪنهن ثابتيءَ جي گهرج نه آهي. ڇالاءِ اها پورڻ ثابتي آهي يا آڌار ٿي آهي.

اها شرتي چوي ٿي ته اهو هڪ ئي تتُو آهي جو برهم يا آتما آهي ۽ انهيءَ کان سواءِ ڪجهه به نه آهي اهو سچدانند وغيره جو سار آهي. اهو برهم چد روپ يعني گيان روپ آهي جنهن ڪري هيءُ سارو جڳت به چد روپ آهي. سرشٽيءَ ۾ اها چت شڪتي سڀ ڪنهن ڏلن ۾ پورڻ اپورڻ ڀاوَ ۾ پرڪٽ ٿئي ٿي. پورڻ ڀاءُ ۾ اها چت شڪتي ڪُوٽسٿ آتما چئي وڃي ٿي ۽ اپورڻ ڀاوَ سان جيو ۽ شرير چئي وڃي ٿي. هاڻي سوال اٿي ٿو ته اها جا پورڻ هئي سا اپورڻ ڪيئن ٿي پيئي؟ انهيءَ لاءِ اهوئي جواب آهي ته آچنت شڪتيءَ جي اناديءَ سرشٽيءَ شڪتيءَ جي ڏنارن ٿي اُهين پرڪاش ٿئي ٿو. ته هاڻي وري ۽ سوال اٿي ٿو ته ڪيئن اها شڪتي چد روپ آهي يا ڪانهي.

انهيءَ جو جواب آهي ته اها چد روپ ٿي آهي.

शक्ति शक्तिमत्योरभेदत्वात् ।

شڪتي مت وڏو اکر شڪتي چوڻ ٿي چيتن روپ آهي تهڙو ته ياوت شڪتي آهي سا چيتن روپ آهي.

ارٿات:- شڪتي، شڪتيمان جدا نه ڪري سگهجي

رنگن ۾ (Graphite) وغيره پدارٿن ۾ اچي جيتوڻيڪ اُهي ڪاربان آهن فقط رنگن جي ڀل ٿي آهي. اُنهيءَ جو اهو ڪتو جو هيرو هڪ سچ ۽ وڏيءَ قيمت وارو ٿي پيو آهي ۽ ٻين جو ڪو ملهه ڪو نهي جيتوڻيڪ سڀ اُهي ڪاربان آهن. سائنسدان انهن اگرن بعضي ڪوئلن مان هيرا ٺاهيا به آهن پر اهي ننڍا ننڍا آهن؛ مهانگا پئجو وڃن ڇڏهن ڪري سائنسدان انهن کي ڪوئلن مان ڪو نه ٿا ٺاهين. اهڙيءَ ريت اسان کي به پڙهجي ۽ ويڪ اوچي ۽ اڀياس گيان سائنس دوارا ٺاهڻي هيرو ٻڻائڻو گهرجي جو اسين سڀ پنهنجو برهم روپ هيرو آهيون. اسان کي اهو برهم روپ ٻڻجڻو گهرجي .

اهو اڀياس سان اسان کي ان برهم پد جي لکيارٿ ٿئي ۽ جيڪي ڪي جاڻڻ گهرجي سو جاڻو ۽ وڃي . مهندڪري هن ڪان پوءِ اُهيءَ ويدڪ پروما وديا جي اڀياس جو طريقو رهيس. سمجهه لکون ٿا. شل ڪٿڻي ديوتا جو پڌيءَ جو سواءِ آهي سو مون کي پڌي ڏي ۽ ڀڳولي سرسولي ماتا جا سيئي وديائن جي داتا ۽ ويدن جي ماتا آهي اها انهيءَ سچيءَ وديا جي مون اُڀي ڪريا ڪري گرو ۽ پرم پرا گرو، سد، رشي سادڪ، سدت، مهاتمائون مهنجي اندر ۾ جوتي جڳائين جو مان ان پروما وديا جو سچي نموني سان وويچن ڪريان جنهن مهنجي لوڪي ٻين سڀني جي اندر ۾ جوتيءَ جو پرڪاش ٿئي .

ये चैव सात्त्विका भावा राजसास्तामसाश्च ये।
मत्त एवेति तान्विद्धि न त्वहं तेषु ते मयि॥ गीता

ارٿات :- انهيءَ طرح جو ستي گڻ جي اتپتيءَ وارا ڀاؤ ۽ رجي، تمي گڻ وارا جيڪي ڀاؤ آهن تن کي تون مون منجهان ئي ٿيل ڄاڻ. پر واسترءَ ۾ نه ڪي اهي مون ۾ آهن ۽ نڪي مان انهن ۾ آهيان.

مطلب ته انهيءَ پرم پد جي ستا اڌاري گهڻن چڙاندڙ آهي ۽ تشڪل ۽ سچ نرمل وغيره آهي جا ڦري گهڙي ڏٺي سگهجي ٿي پر ان جي ودمان هئڻ ڪري ئي ستي، رجي، تمي جا ڀاؤ ڦرن گرن ۽ متڻ ٿا ۽ بندهجو وهنوار پڻ ڪن ٿا. تنهنڪري انهن ۾ اهو اچل، او ناشي آتما !! پرم ڪو نهي، ڇو جو چل روپ گڻن سبب ڪري

جهڙيءَ ريت هيرو (Diamond) نرمل، سچو، اڪرس، سو کيم تنؤ ابج ڪاربان آهي تيئن وري (Graphite) جو پينسل ۾ گورو هوندو آهي سو ۽ ڏيئي جي وٽ جو سڙيل بندو تو ڙي انگر اهي سڀئي هيري والگر ابج ڪاربان آهن. پر پنجن ڀوتن جي ڦرڻ گهرڻ ڪري آڪاش، وايو، اگني، جل ۽ پرٿوي جن جا رنگ، اڇو، پيلو، ڳاڙهو، نيرو ۽ ڪارو انهن جي ملاوت ڪري اهو جو ابج ڪاربان آهي سو بدلجي ٿو

असत्यमप्रतिष्ठं ते जगदाहुरनीश्वरम् ।
अपरस्परसंभूतं किमन्यत्काम हैतुकम् ॥

ارٿات :- اهي آسري ورتي وارا منش - اهي چون ٿا ته جڳت بنا آڌار، جوڙو ۽ بنان ايشور جي - پنهنجو پاڻ استري پرش جي سنجوڳ دوارا اپجي پيل آهي. اهي ڪري موجن ماڻڻ واسطي آهي. انهيءَ کان سواء ٻيو ڪجهه نه ڪونه آهي.

एतां दृष्टिमवष्टभ्य नष्टात्मानोऽल्पबुद्धयः।
प्रभवन्त्युग्रकर्माणः क्षयाय जगतोऽहिताः॥

اهڙي جوڙي گيان جو اولمبن ڪري نشٽ ٿي ويئي آتما جي ۽ ٿوري بُڌي وارا - سڀني جو نقصان ڪرڻ وارا - ڪٺور ڪرم ڪرڻ وارا جڳت جي ناس ڪرڻ لاءِ ٿي اپجن ٿيا آهن.

न सम्परायः प्रतिभाति बालं प्रमाद्यन्तं वित्तमोहेन मूढम् ।
अयं लोको नास्ति पर इति मानी पुनः पुनर्वशमापद्यते मे ॥

ڪٿ اپنشد ۾ نچيڪيتا کي يم راج چوي ٿو ته - ڌن سمپتي جي موه ۾ ڦاٿل ۽ پنهنجي هٿ ۾ ٻاريل اڄاڻي پرش کي - پرلوڪ سمجهڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي ۽ سمجهن ٿا ته هن جڳ کانسواءِ ٻيو ڪو سرگ نرڪ آدڪ آهي. فقط هي جڳت آهي. اهڙا سمجهڻ وارا ورهي ورهي

مٿين لکڻ مان اهو نتيجو نڪرڻ ۾ آيو - ته هڪ نرگڻا اچنتيا شڪتي آهي ۽ اهائي سرشٽيءَ جي رچنا هئڻ ڪري سگڻا انڌت ٿي پيئي.

सगुणा निर्गुणा सा तु द्विधा प्रोक्ता मनीषिभीः।
सगुणा रागिभिः सेव्या निर्गुणा तु विरागिभिः।

ارٿات:- سگڻ ۽ نرگڻ روپ ٻن قسمن جي شڪتي سمجھڻ ڪري چئي وڃي ٿي.

سگڻ:- جيڪي جڳت ۾ ٻڌ ڌرمي ڪامنائن جي پوري ڪرڻ واسطي انهيءَ سگڻ ايشور جو پوڄن ڪن ۽ نرگڻ شڪتيءَ جي پوڄڻ وارا ٻڌ ڌرمي مڪتيءَ واسطي پوڄن ڪن ٿا. انهيءَ ريت جيڪي سگڻ، نرگڻ جو پوڄن نٿا ڪن تن کي ناستڪ چيو وڃي ٿو. گيتا شاستر ۾ پڻ چيل آهي. شريمد گيتا جي ١٦ ادياءِ جو ٧-٨-٩ شلوڪ.

प्रवृत्तिं च निवृत्तिं च जना न विदुरासुराः।
न शौचं नापि चाचारो न सत्यं तेषु विद्यते ॥

ارٿات:- آسري سڀاءَ وارا منش ڪرتويه ڪرم ۾ پرورت هئڻ جو ۽ اڪرتويه ڪرم ۾ نورت هئڻ جو ڀل نٿا ڄاڻن انهيءَ ڪري انهن ۾ اندر ٻاهر جي شڌائي ڪانهي نڪي چڱي آچرڻ سرشٽ آهي نڪي ستيه ڀاشڻ.


۽ ڪرڻو پنهنجو اڌار ڪرڻو. منش لاءِ اهوئي جڳت ۾
آدرش آهي.

هيستاءِ ڪجهه دليلن ۽ سمجهاڻن سان پنهنجي گرن جي ڪرپا سان پنهنجي ٻڌيءَ انوسار ڪجهه ڪٿن ڪيو. پر اها ته هڪ واڻي ترمي ڳالهه آهي پر اها حقيقت يعني ۽ سچي ترم جي پوري پوري انڀو ٿئي ۽ پرڪش پرماڻ ٿئي ته اهو آهي پتارٿ گيان يا ساکياتڪار. هي انهيءَ وديا جي ڄاڻڻ لاءِ ڪرپا اڀياس وگيان ۽ گيان جي ضرورت آهي ڇو جو انهن ٽن ڪانسواءِ هي وديا اصل حاصل ٿي ڪانه. ڪيترائي سڪرت جا ڪم ڪيا ته ان سارو سرڳ جو اڄو جنم ملندو. پر اهو پرم اٿو ادهم يا ايشور پنهنجو سروپ ڪونه حاصل ڪري سگهبو جيتوڻيڪ منش چت جو ٻلڪل شڌ آهي جو سندس انهي ڪريا ۾ وڏو هشيار آهي جو سندس دوش مٽائيندو. مون اڳي شري شڪر آچاريه ڀڳوان جي شلوڪ ۾ ڏيکاريو ته ايشور سو پچارڻائي مطلو آهي. يعني ڪرپا اڀياس وگيان ۽ گيان دوارا ته ته ٿيو خبر.

ڇو ته روزا نمازون اهو پڻ چڱو ڪم. پر اوڪو ايو ڦهر خط سان پسڻ پرين جو (شاهه) هاڻي مولکي انهيءَ وديا يعني اڀياس ڪرپا اڀياس وگيان ۽ گيان لاءِ لڳتو آهي. پر شل گٿپمي ديوتا ٻڌي ڇو مالڪ مولکي سڀ ٻڌي سمجهن ڪري. ۽ شري سرسوتي ڀڳوتي وٺن

موت ڄم جي وس پيا ايندا ويندا، جنم جي ڦيري انيڪ
دک ۽ انيڪ ڀوڳنا ۾ پيا ايندا. مڪتي حاصل ڪونه ڪندا.

انهيءَ لکڻ مان لاڳاپو اهو نڪتو ته ايشور جي شڪتي
سڀڪنهن لاءِ يڪسان آهي پر جڳت ۾ سڀڪو پنهنجو
سروپ پنهنجي ڳڻ ڪرم سنسڪار ۽ سڀاءُ دوارا وٺي
ٿو ۽ ايشور جو ان ۾ ڪوبه دوش ڪونه آهي. جهڙيءَ
طرح باغ لاءِ پاڻي اهو هڪڙوئي آهي پر وڻ ٽڻ ٻوٽا
ٻوٽيون پنهنجن پنهنجن ڪرم سنسڪار دوارا روپ وٺن ٿا
فقط ڳڻ ڳڻن ۾ ورهايل رهيا آهن. ايشور ته آڪاش وانگر
اڳي جل پڇاڙي جو پرڻوي پنهنجا سڀني لاءِ هڪ جهڙي
ڪئي، ڪنهن جي لاءِ راڳ يا دوش نه رکيو. پر جيو
پنهنجي ڪرم انوسار جنم ورتو. هاڻي هو جهڙا ڪرم
چڱا يا برا ڪندو ته ان موجب پرڪرتي کيس اهڙوئي ڦل
ڏيندي. ڇو ته پرڪرتيءَ جي وڪرتن جو اهوئي سڀاءُ
آهي ته ڪريا جي پرتي ڪريا ٿيندي Action Reaction ڪرڻ
سندس ڪريا ۽ پرتي ڪريا نه هجي ته نه ساري سرشٽي
الٽ پلٽ ٿي وڃي ۽ سرشٽي ڪا نه هجي. پرڪرتي پرڪرتيءَ
جي نيمن ۽ قاعدن موجب جڳت ۾ هلڻ آهي ڌرم ۽ انجي
ابتڙ هلڻ آهي اڌرم. انهيءَ لاءِ منش کي پنهنجو پاڻ
ادار ڪرڻو پنهنجن لڇڻ موجب - پرڪرتي منش
پنهنجو پاڻ: ڪندڙ ۽ ڀرو ڪندڙ پاڻ آهي. ٻئي جو لاڳاپو
ساڻس ڪونه آهي. پرڪرتي اڻو جاڳو ۽ سڪرت



مکت ترویني
سکمنا ناڑی
میرو ڈنڈ
پنگلا
اڑا
یکت ترویني
برہم دوار
مول دوار

جي ۽ وديا جي مالا مونکي اها سڄي وديا جي روشني ڏئي ۽ مهنجا گرو ۽ رشي مني مهاتمائون سمت ست ساتڪن اها اننت ڪرڻ ۾ جاڳرتا پيدا ڪن جو اها وديا اسان نديڻ ابوجهه بالڪن لاءِ گيان ۽ پرڪاش جو ڀنڊار ۽ ان ڀنڊار جي پرم اننت ايشور ۽ برهم جو ساڪياتڪار ڪرائي. اها اتم آش.


(استو)

اوم

(يوگ) ديڪشانڪ ٩

يوگ - تج ڌاتوءَ مان نڪتو آهي. سندس معنيٰ آهي ملڻ ڳنڍجڻ يا جڙڻ - يوگ اکر جي معنيٰ اهو رستو يا مارگ، جنهن ۾ ان پرم اننت پرميشور سروپ ۾ وڃي سمائجي يا لين ٿيڻ کي ٿو چئجي جو جنم مرڻ جي ڦري کان ڇٽي وڃي مڪتي حاصل ڪجي جا سرو مڪش جي پرم لکيه آهي - جيتوڻيڪ سڀني سنتن سادن جي لکيه اهائي هڪ آهي پر ان پرم پد تي پهچڻ لاءِ ڪيئن رستا آهن، پر ڪيترا به ڪٽي آهي رستا سچا يا ڪچا ورڻن ڪجن ته به انهن سڀني ڪرائن ۽ يوگن جو بنياد ٿن

کُٹ چکر مورتی



سہسرار
آگیا چکر
وشدھ چکر
اناہت چکر
منی پور چکر
سوادشٹان چکر
آدھار چکر

ٽنون ۾ سمايل آهي. ٻيون پرارٽ اهو ۽ من ٻيو اوجس،
وري انهن ٽنهين جو پارٽ ۽ گهاٽو سمبنڌ آهي ۽ هڪ
ٻئي جا مددگار آهن. انهڪري پرارٽڪ. مانسڪ ۽
او جسڪ جي ڀوڳن جو احوال ڏيو جو اسان کي پرماتما
يا ٽنو جي لکيارت لاءِ ايبوڳ ٿئي. هاڻي ڀهرين پرارٽڪ
ڀوڳ جو احوال ڏجي ٿو جهڙوڪ ڪنهن لاءِ ڀوڳ؛ هت
ڀوڳ، وڏڪ ناڙي ڀوڳ جو احوال ڏيان ٿو جو اهين سيڌي
پرارٽڪ ڀوڳن لاءِ ڪافي ٿيندو، جيئن ته اهي اهئي ڀوڳ
شرير جي پرارٽڪ ناڙين تي ٻڌل آهن. جيئن ته اها وشد
امام ڏکي آهي انهڪري گهڻي وستار کي ڇڏي ٿوري
۽ چڱيءَ سمجهاڻي سان شاسترن جي سمجهاڻين موجب
لکان ٿو.

هڪ ڀير جو ٻن ڪٽي اچو جو پنهنجي سامهون رکي
ان کي ڌيان سان ڏسو ۽ هيٺ ڄاڻايل سمجهاڻين موجب
ان کي ڌيان سان ڏسو.

ڀير جي ڏولب - جنهن تي شڪل ڪوڙي وانگر اکيون
نڪ وات وغيره جا نشان ڏنل آهن، اها ساري سرير ۾
مغز ۽ ڳچيءَ کان وٺي هيٺ ڇاتيءَ تائين هيٺان شرير جي
پٺين پاسي کان هلي وڃي ٻونگريءَ تائين پهچي ٿي اهڙيءَ
طرح ڀير جي ٻن ۾ به اهڙي طرح نظر ايندو ته اها ڏاڍي
مٿان کان هيٺ تائين وڃي پهتي آهي منجهس ٻه ون
ننڍيون ناڙيون ۽ انهن مان وڏيون ٻه ون ٻاهر نڪرنديون

ڪنهن ماڻهوءَ کي جنگهه تي مڇر ڏنگ هنيو آهي ته
هڪدم ماڻهوءَ کي خبر پوي ٿي ته ڪنهن ڏنگ هنيو
آهي. انهيءَ وقت هو مڇر کي ڌڪ هڻي ماري ٿو ۽
انهيءَ جنگهه ۾ ڏنگ لڳڻ واريءَ ٽڪر ۾ خارش ۽ سور
به محسوس ڪري ٿو ۽ انهيءَ ٽڪريءَ ۾ رت موٽي ڳاڙهو
پڻ ٿي پيو آهي. اهو سڀ ڪاربه ڄاڻڻ لـــو سو
سمجهڻ ضروري آهي. جو ته سڀ پـــوگ گيان اڃا ۽
ڪرڻ تي ٻڌل آهن. هاڻي انهن سنهيون ناڙيون ڏنـــگ
لڳڻ جي خبر اڙا ۽ پنگلا ناڙين جي دلـــاران سکمنا ناڙ
ڏانهن پهچائين ٿيون ۽ اها سکمنا جا مغز مان نڪتل آهي
۽ انهيءَ مغز ۾ من ٻڌي ۽ اهنڪار آهن ۽ ٻڌي انهيءَ
کي سمجهي اهنڪار ڏانهن اشارو ڪري ٿي ۽ اهنڪار
وري انهن ناڙين کي ان مڇر جي مارڻ لاءِ حڪم ڪري
ٿو اهو سمورو ڪاربه اليڪٽريسٽي وانگر تمام تڪڙو ٿئي
ٿو جيئن بٽڻ کي دٻائڻ سان يڪدم بلب ٻري ٿو پوي ۽
اهڙي طرح هيءُ سمورو ڪاربه پڻ تڪڙو ٿيندو ٿو رهي
هاڻي جيڪي ناڙيون مغز کي خبر پهچائين ٿيون انهـــن
کي گيانوها نـــاڙيون چئجي ٿو جن کـــي انگريزيءَ ۾
(Sensory Or Afferant Nerves) چئجي ٿو ۽ جن
ناڙين کي مڇر جي مارڻ لاءِ حڪم مليو ۽ مڇر کي مارڻ
جو ڪم ڪارائون تن کي ڪرم وهاهه ناڙيون جن کـــي
انگريزيءَ ۾ (Motor Or Efferent Nerves) چئجي

چانيون نڪرن ٿيون جي ٻيهر جي ٻن ۾ مٿان ڪان هيٺ لائين ڦهلجي رهيون آهن. انهيءَ وڏيءَ ڏانديءَ کي سکمنا ناڙ چئجي ٿو، اها ناڙي اسان جي پٺيءَ جي ڪنڍيءَ ۾ سمايل آهي جنهن پٺيءَ جي ڪنڍي کي انگريزيءَ ۾ (Spinal Column) چئجي ٿو جو ٣٣ ڏڪڙن جو ٺهيل چئجي ٿو ۽ شاسترن ۾ انهيءَ کي ميرو ڏنڊ ڪري چون ٿا.

ڪرپريءَ ۾ هڪ وڏو ٿونگهه آهي جنهن مان اها سکمنا ناڙ نڪري ٿي جنهن کي (Spinalcord) چون ٿا ۽ انهن مان وري هڪ پاسي ٣٠ ۽ ٻئي پاسي ٣١ ناڙيون پٺيءَ جي ڪنڍي جي ٽنڪن مان نڪري ساري شرير ۾ پکڙجي وڃن ٿيون. ڏائي پاسي وارين وڏين ناڙين کي آڙا يا اڙا يا انگلا چون ٿا ۽ ساڄي پاسي واريءَ وڏيءَ ناڙيءَ کي پنگلا چون ٿا ۽ انگريزيءَ ۾ انهن کي (Saympathetic Nerves) چون ٿا جنهن جي معنيٰ آهي مددگير ناڙيون. انهن آڙا ۽ پنگلا ناڙين مان اسان جي سڄي شرير ۾ ننڍن کان وٺي چوٽيءَ تائين اسدڪ سڀيون ناڙيون نڪرن ٿيون جي اسان جي ساري بدن ۾ پکڙيون پيون آهن ۽ ساري شرير جي گيان ۽ ڪريا ۽ اڇا جو ڪم ڪن ٿيون؛ سو هن ٻئي مثال مان سمجهو ته اهي ڪهڙي طرح پنهنجو شرير ۾ ڪار ڪن ٿيون.
انهيءَ بابت هيٺيون مثال ڏجي ٿو.

اسان جو وقت انهن ٽن ناڙين سان ڪم آهي. وڌيڪ ٻوڪ. ڪرڻ لاءِ ڪنهن ٻئي ناڙي، وغيره جو خاص ڪم ڪونهي - ٻر مڇر جي چڪ واريءَ جڳهه تي خارش ٿ لڳي ٿي ٻر ڪڏهن ڪ ٻڇو ڦٽ ٿيو ٻوي ۽ جرحائي يا دوا وغيره ڪرڻ سان مس ٺو ڇٽي ۽ اهڙيءَ ريت نانگ وڇون يا ڪنهن اهڙي زهريلي جيت جي ڏنگ لڳڻ سان ماڻهوءَ جو موت ٿ ٿيو ٻوي. اسان کي انهيءَ حقيقت جي لکڻ جو ڪو ضرور ڪونهي ٻر ڪڏهن ٿ انهيءَ ڄاڻ جو هجڻ ٿ هڪ گيان آهي ۽ اهو گيان اسان کي هجڻ گهرجي جو جو پرائڪ ڪريائون انهن خرابين کي ٽارڻ لاءِ سکهن ٿيون لمهڪري اهو احوال ٻڌڻ ضرور سمجهيو ويو. اسانجي بدن ۾ سڄي رت واريون ناڙيون هن ساري بدن ۾ سڀني جزن اڻن ليکي (Cells) کي سٺو رت سدائي ڪاڏي لاءِ پهچائين ٿيون جن کي ڌمنيون، نبضون ۽ پارسيءَ ۾ شريانيون ۽ انگريزيءَ ۾ (Arteries) چئجي ٿو ۽ ٻيون کي وري سائي رنگ واريون نسيون يعني (Veins) ۽ پارسي ۾ وريدون چئجي ٿو. جو وري ساري شرير جو فضلو گندو رت جو کٺي وڃي دل جي ساڄي پاسي کي پهچائين ٿيون جو دل جي سڪڙجڻ سان اهو گندو رت ڦڦڙن ڏانهن وڃي آهو رت ڦڦڙن ۾ جڏهن آڪسيجن ساهه کڻڻ سان نرجي ٿي انهيءَ آڪسيجن جي ملڻ سان اهو رت صاف ٿيو پوي ۽ وري ٿو ڦڦڙن

ٿو. هلائي گيان ۽ اڀيا ڪرم جون ناڙيون جي جيون جي گيان ۽ حڪم لاءِ هلن ٿيون تن کي انگريزيءَ ۾ (Volun ary Nerves) چئجي ٿو.

ٻيون وري اهڙيون ناڙيون آهن جن کي جيو ستا نٿو جاڻي ۽ نڪو حڪم هلائي سگهي ٿو ۽ جهڙوڪ دل جو هلڻ ساهه جو کڻڻ پيٽ جو ڪاڏو وغيره پچائڻ رت، ماس، هڏيون ۽ ولر وغيره ناهڻ جو ڪم ڪن ٿيون انهن ناڙين کي سوچيد ڪريا ناڙيون جن کي انگريزيءَ ۾ (Autonomie Or Involuntary Or Sympathetic Nerves) چئجي ٿو. انسان کي آڙا ۽ پنگلا، سکمنا ناڙين سان ڏسي ڪم آهي. جن ۾ نديون جي پاڻيءَ وانگر وهڪرو پراڻ جو هلي ٿو ۽ تنهن ڪري انهن ناڙين کي شاسترن ۾ پڻ نديون جا نالا به ڏنل آهن. آڙا کي گنگا ۽ پنگلا کي جمنا ۽ سکمنا کي سرسوتي وري ڪلا ٻوڌ ۾ انهن ٽن وهڪرن کي اگني پدي سکمنا ۽ آڙا کي چندرمان ۽ پنگلا کي سوريه اهڙيءَ ريت نڪ جي ناسڪائن کي به ڏائيءَ کي چندرمان ۽ ساڄي ناسڪا کي سوريه ۽ شو سروديه شاستر ۾ چئبو آهي -

جيوڙا جن کي دانت ڪٽي ڇڏجي اهي روز نئو وڌن ؟
ماڻهوءَ کي وڏي نقصان ۾ آڻيو ڇڏين، اهڙي ريت سڀني
بدن جي بيمارين ۾ انهن بيمارين جا زهر پيلا جيوڙا اڇو
پيدا ٿين ۽ انسان جي رت جا جيوڙا (Phagocytes) مقتنيءَ
رت انهن سان وڙهو لڙن ۽ انهن لڙائيءَ جي اثر ڪري جا
ماڻهوءَ جي طبعيت ۾ گرمي پيدا ٿئي ٿي جنهن کي بخار
ٿو چئجي ٿو اهو جي بخار انهن جي وڌيڪ ڪري نه ٿئي
ته جيڪر ماڻهو مري وڃي. انهيءَ حقيقت کي انگريزي
ميڊيڪل ڪتابن ۾ (Immunity) طبابت جي ڪتابن ۾
بحران چئجي ٿو.) انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن خون
جي سفيد جيوڙن يعني (Phag cytes) انهن زهر پيدا ڪندڙ بيمارين پيدا
ڪندڙ جيوڙن تي فتح پاتي ته پوءِ اهو بخار ۽ پيدا ٿيل
بيماري وغيره لهيو وڃي ٿي جي هار ڪالاُون ته انهيءَ جو
نتيجو تمام اڳرو روپ وٺو ظاهر ڪري ۽ بيماري زور
وٺيو وڃي جو ماڻهوءَ جي حياتيءَ لاءِ خطرو پيدا ٿيو پوي.
اهو بلڪل شرسته انڪار ولو بر انسان جي من ۾ ساڳيءَ
ريت (ديواسر سنگرام) يعني ديوتائن ۽ دئيتن جي
جنگ پڻ انسان جي اندر ۾ من ڌارن ٻئي هلي سدا
خيال ۽ سٺيون ورتيون جي ديوتائن جهڙي سمان آهن ۽
ڪُڌا خيال رهڻيون ڪڙهڻون وغيره سي دئيتن جهڙي
سمان آهن ؛ من ۾ انهن ورتين جو جهيڙو هميشه هلندو ٿو
اچي جنهن کي ديواسر سنگرام چئجي ٿو لڳڪري

مان ڪجهه دل جي ڏائي پاسي وچ پهچي ٿو ۽ ساڳيءَ
ريت دل جي سڪڙجڻ سان اهو سڄو رت ڌمڻين يا
شريانين (Artries) جي رستي ساري شرير کي ڪاڏو ٿي
پهچي ٿو ۽ پوءِ مان ڪارو رت نسن يعني (Veins) جي
دوارا ڦڦڙن مان صفا ٿيو دل ۾ پيو اچي وغيره اهڙيءَ ريت انسان
جي زندگي ۽ پراڻ لاءِ سدائين پيو چڪر هلي. هاڻي چمڙي تي
رت جي گڏ ٿيڻ جو احوال ڏجي ٿو جو ڪنهن جسم جي
ڏنگ لڳڻ يا ڪنهن ٻئي سبب ڪان ٿيو پوي اهو آرٽرين
(Artries) ڌمڻين يا شريانين جي رستي انهن سڀني ناڙين
جي سڪيٽ تي اهي سڀئي رت واريون شريانون يعني نبضون
پاڻ سان انهيءَ زهرات جي ختم ڪرڻ لاءِ ڪي جيوڙا
جن کي (Phagocytes) ڇڏجي ٿو سي اسي انهيءَ چمڙيءَ تي
ڏڙهي ٿي مل ڪري تي پهچن ٿا ۽ سندن خرب لڙائي زهرائن سان
پاڻ ۾ لڳي ٿي جنهن ڪري اهو چمڙيءَ جو ٽڪر ڳاڙهو
ٿيو پوي ۽ پوءِ جيڪڏهن رت جي جيوڙن ٿڌو پاڻي ٿي
اهو چمڙيءَ جو ڳاڙهو نيل ٽڪر جلد ٺهيو پوي پر جي
انهن زهريلن جيوڙن تي غالب پئجي نه ٿا سگهن ته پوءِ
انهن زهريلن جيوڙن جي اثر ڪري انهيءَ ٽڪر تي ڦٽ
ٿيو پوي جي ورڪ چڱيءَ ريت علاج وغيره ڪرڻ سان
مس ٿا لهن يا ڪنهن وقت اهڙي نه حالت ٿيجي ٿي
جو ويچارا رت جا سنا جيوڙا يعني (Phagocytes) جن کي
ديوانن جو نالو ڏنل ڏجي سي مرئو وڃن ۽ اهي زهريلا

भूमिरापोऽनलो वायुः खं मनो बुद्धिरेव च ।
अहंकार इतीयं मे भिन्ना प्रकृतिरष्टधा ॥
अपरयमितस्त्वन्या प्रकृतिं विद्धि मे पराम् ।
जीवभूतां महाबाहो ययेदं धार्यते जगत् ॥

ارٿات :- پرٿوي، جل، وايو ۽ آڪاش، اهڙيءَ رِيت
مَن ۽ بُڌي ۽ اهنڪار ـ منهنجي هيءَ اٺن پرڪارن جي
جدا جدا ٿيل منهنجي پرڪرتي آهي. اها اٺن پرڪارن
جي ڀيد واري ڄڙ اپرا آهي. هي مها ٻاهو ارجن الهيءَ
کان اِي منهنجي پرا ارٿات چيتن پرڪرتي ڄاڻ جنهنجي
ڌارڻ هيءَ سمپورڻ جڳت ڌارڻ ڪيو ويو آهي. پر
جيو ۾ ٻه اها وڀنتي روپ ۾ پرا پرڪرتي ۽ اپرا پرڪرتي
وڪرتي روپن ۾ آهي. جهڙيءَ رِيت.

यत्ब्रहमंडे ततपिंडे

ارٿات :- جيڪي برهمنڊ ۾ آهي سو اسان جي
پنڊ يعني شرير ۾ آهي. ڪٺ اپنشد :-

यदेवेह तदमुत्र थदमुत्र तदन्विह ।
मृत्योः स मृत्युमाप्नोति य इह नानेव पश्यति ॥

ارٿات. جو هتي آهي اهوئي اتي پرلوڪ ۾ آهي
۽ جو اتي آهي سوئي هِن لوڪ ۾ آهي. اهوئي منش
جنم مرڻ کي پائي [illegible] ٿو. جو هن جڳت ۾ ايڪ روپ

ايشور اوپڻ ٻڌيءَ سان نشڪامي ٿي رهڻ گهرجي ۽
اهو ئي انسان جو وڏو ڀاڳ آهي. انهن سڀني نانءُن ۾
پراڻ آهي ۽ انسان کي ڄاڻڻو پوندو ته اهو پراڻ ڇا آهي
تو ڪري ۾ ان جو لکڻ يعني (Defination) هي آهي.

गतिरात्मका प्राणाः। ॥ क्रयात्मको प्राणाः॥

ارٿات:- گتيءَ يا ڪريا کي پراڻ چئجي ٿو.
انهن گتيءَ کي ڀيا ۽ ٻالا ڏنا ويا آهن
سپندن ۽ گيوپ ۽ ويگ ۽ پارسيءَ ۾ رفتار، جنبش لرزش
۽ انگريزيءَ (Vibration Movement Motion) وغيره وغيره.
يعني ڪابه وستو ڪريا کان سواءِ نه ٿي سگهندي انهن
ڪري ڀيان ۾ اها ڪريا يا گتي ڇا :آهي انهيءَ جو
ورنن ڪرڻو آهي. ايشور جي اڇا شڪتي سا ترگڻ مئي
پرڪرتيءَ جي ساميه اوستا آنند روپ واري سرشٽيءَ
شڪتيءَ کي اڇا ۽ گيان، بل ۽ ڪريا واري ايشور شڪتي
سان سرشٽيءَ شڪتي ۾ ڪيوپ پيدا ڪري ٿي. ان
آنادي سرشٽيءَ شڪتيءَ پرڪرتيءَ مان پهريائين سمشٽي
ٻڌي روپ مهه تتو پيدا ٿيو ۽ ان کان پوءِ سمشٽي
اهنڪار ۽ سمشٽي من پڻ پر آڪاس، وايو، جل پرٿوي ۽ اگني
پيدا ٿيا، اها ايشور جي انن پرڪرتن واري اپرا پرڪرتي
آهي ۽ ايشور پراڻ پرا پرڪرتي آهي. اها اپرا پرڪرتي
سمشٽي روپ آهي جنهن لاءِ گيتا جا هيٺيان شلوڪ
ڏجن ٿا.

اندر آهن اهي پدم ڪنول گهڻين ناڙين جو جهڳٽو آهي
هاٿي بوڳ ناڙيون سڀ هوبهو اليڪٽرڪ سٽيءَ وانگر
جيئن سڌهين تاريءَ جي تار اليڪٽريءَ ۾ ڪم ڏئي ٿي
پر جي گهڻيون ناڙيون هلائي ڪم آڻيون ٿا انهيءَ جي
شڪتي وڌي وڃندي پر اهي پران جي واڳ رفتار پرواه
ڪرڻ سٺ يا موشن سڀني ۾ پنهن جي شڪتيءَ موجب
هلندي. انهيءَ رڳ هئي ته انهيءَ پڳ سان ناڙيون آهن
جن کي چنچنو (Ti re) پر سڀڪي گهڻيون لڏون گڏجن ٿيون
ته ان کي (Nerve) اعصاب چئبو آهي پر انهن ۾ جا
شڪتي آهي سا ڇا آهي پراڻ شڪتي هاٿي
شاوڪ ميماس انهن ناڙين جو بوگ لاءِ اچي چڪو پر
انهن ناڙين جي آڌار شڪتي جا مول ڌار ۾ رهي ٿي
انهن کي ڪنڊلني شڪتي چئجي ٿو، انهيءَ جو ڪجهه
احوال ضرور ڏبو جو تمام ضروري آهي ڇاڪاڻ ته سڀ
ابياس ان ڪنڊلنيءَ شڪتي جي ڌاران ٿين ٿا تنهن
ڪري انهيءَ جي وستار جي سمجهاڻي بلڪل ضروري
آهي. اها ساري شڪتي سمشٽي روپ ۾ ايشور جي
شڪتي آهي جا پرا ۽ اپرا شڪتي ساري جڳت ۾ وياپڪ
آهي اها ساڳي شڪتي پرا ۽ اپرا وياشٽي روپ ۾ جيو آتما
۾ آهي اها جڙ هن سڀ وياڪرڻ روپ پڌي اهنڪار
من ۽ پنج پوتڪ پدارٿ آڪاش، وايو، جل، اگني، پرٿوي
پڇاڙيءَ جو پرٿويءَ تتو جيو آتما ۾ ٿاهي پڇاڙيءَ واري

واڳو جڳت سمجهي ٿو.

هاڻي ساري سرشٽي ايشور اشٽنا پرڪرتيءَ مان پيدا ڪئي ۽ ساري سرشٽي اچي وڃي آخر ۾ ڌرتي پيدا ڇڏي جنهن کان پوءِ پيو ڪو به ٿيو ڪو ۾ پيدا ٿيو ڪونهي جو ٿيو. اهو برهماند سيٽي جي لاءِ هڪ جهڙو ناهي جيئن ناهماڻين جن کي پنهنجي ڪرمن انوسار هلڻو پيو. اها ايشور ڪرت سرشٽيءَ ۽ انيڪ سرشٽيءَ ۾ اچي وڃي، پر اها پرا ۽ اپرا پرڪرتي جو وشٽي روپ جيو ۾ ان جو خاص استان جيو ۾ ڪٿي ٿڻجي مغز ۽ سکمنا ناڙ کي ستن حصن ۾ ورهائيو ويو ۽ انهن جا جدا جدا ناله پڻ رکيا ويا چڪر پدم يا ڪمل جي سکمنا ناڙي جي اندر آهن پر انهن جي آڌون ساڌون يا پدن جي حصن جا نالا ڏنا ويا. (١) سهسرار چڪر مغز ۾ (Cerebrum) آگيا چڪر ٿرڪنيءَ جي ساڌون جو آهي ننڍو مغز (Cerebelnm) ۾ ٿيو ڪنٺ چڪر يا وشد چڪر ڪنٺ جي ساڌون پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ چوٿون انهت يا هردي چڪر جي ساڌون پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ سکمنا ۾ پنجون ناڀي چڪر يا مڻي پور دن جي ساڌون پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ سکمنا ڇهون سواڌشٽان لنگ جي ساڌون پٺيءَ جي ڪنڊي سکمنا ۾ ستون مول ڌئار گدا ۽ لنگ جي وچ واري استا جي ساڌون پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ سکمنا آهي سڀ چڪر سکمنا ناڙ جي

جڳهن جو هو ٻڄن ڪن ٿا، ڪٿ اپنشد برهم راجا نچڪيتا کي اپديش ڏني ٿو ته اها ئي ايشوري سرشٽي روپ شڪتي آهي ۽ اها ئي آهي جڳهن جي لاءِ ٿون ٻچي رهيو آهين.

هاڻي گهڻو ڪري انهن لوڪن کي سمجهڻ جا شاريرڪ ميماس جي سمجهڻ لاءِ سڀ اکر اڇي ويا آهن ته هن ڪري انهن لوڪن جي اڀياس کي سمجهڻ لاءِ تمام سولائي ٿي پيئي. باقي اهو لوڪ ڪهڙي طريقي يا مارڳ جي رستي ڪجهي جو اهو پرم تتو مها شڪتي ايشور سچدانند سروپ لکيارت ڪري ۽ سمانجهي وڃي جڳهن کي ٻوم پد يا موکيه چئجي ٿو.

هاڻي هڪ ٻي مول سڌانت روپ شلوڪ شري مد ڀڳوت گيتا جو ڏجي ٿو جو سڀني لوڪن لاءِ شري ڀڳوان ڪرشن جو گل چئي ڪٺي هٿ ۾ ڏنو آهي جو اهڙي شلوڪ وڏي رهيه ۽ وڏي مرم ٿي ڀرل آهي جو سڀئي لوڪ ان سڌانت ٿي ڀرل آهن.

گيتا اَڌياءِ ١٣ شلوڪ ٣

यदा भूतपृथग्भावमेकस्थमनु पश्यति ।

तत एव च बिस्तारं ब्रह्म संपद्यते तदा ॥

اَرٿ- جڏهن وقت ٻوڌهن پرش هن جڳت جا نرالا نرالا ڀاؤ هڪ ٻي اتمان ۾ سمايل ڏسي ٿو (نروارٿي

مول ستان پرٿوي تتو ۽ اڃي ستي پيئي چاڪاڻ ته
اِلهيءَ پرٿوي تتو کان پوءِ پيو ڪرم تتو ڪوٺهي.
ڪنڊليني نالو اِلهيءَ ڪري ڏنو ويو اٿس جو ڪنڊل يا
نانگ وانگر ويڙهجي پنهنجو روپ شو لنگ کي ساڍا ٽي
ڦيرا ڏيئي سکمنا ناڙ جي مول دوار جي برهم دوار کي
بند ڪري شانت ۽ سمهي پيئي. ڌيان ڪري اِلهيءَ کي
پڇڙي پعدي نانگ وانگر ويڙهجي ويٺل ڏٺو چون ٿا. پر اِها
واستوڪ روپ ۾ ست چت آنند روپ ۽ پرا ۽ اَپرا
پرڪرتيءَ روپ جنهن کي شبد برهم يا ساکي ڪونست آتما
پڻ چون ٿا. اِلهيءَ ڳالهه کي جاڻڻ واسطي ڪٺ اپنشد
جو هيٺيون شلوڪ ڏجي ٿو جو ئي ڪافي آهي.

या प्राणेनसम्भवत्यदितिर्देवतामयी।
गुहां प्रविश्यतिष्ठन्तीं या भूतेभिर्व्यजायत॥ एतद्वै तत्॥

ارٿات- جيڪا ديوتا مئي پعدي پرڪاش مئي ادتي
ويدڪ پکوڙي جنهن کي ڪريا ڪنهن ڪري تتو سگهي
اِها ڪنڊليني اَچنت برهم روپ شڪتي جا پراڻن سان
اُپن ٿئي ٿي پعدي ساڻن گڏ هلي ٿي جا سڀني پوتن
پعدي آڪاش آدي پوتن سان گڏ هلي ٿي معدي اُنهن ۾
سمايل آهي. اُها پرا ۽ اَپرا پرڪرتي جا سڀ پوشن جي
بڌيءَ روپ گها پعدي غفا پعدي بڌيءَ روپ هردي اندر
رهي ٿي.

پوءِ اسٿول مان وري سوکشم ۾ لئه ٿيون لهيءَ گي ٿو چئجي ايشور جو پهچن جا يوگ مارگ.

هاڻي جا ڪنهن لڳي. شڪتي هيٺ لهندي پوءِ سرشٽي رچنا ڪرم جي اتپتي ڪندي اها: اپرا پرڪرتي پوءِ چار انتهڪرڻ ۽ پنج آڪاش آدي مهاڀوت روپ ڌاريندي ڪرم سان سوکشم مان اسٿول ٿيندي اچي پرٿوي تتو مول آڌار ۾ سمهي پيئي آهي انهيءَ کان پوءِ پوءِ ڪوئي تتو ٿهيو ڪولهي. انهن کي وري جاڳرت ڪري اوپارو روپ وٺي پوءِ لئه ڪرم سان ڇهي چڪر جا ڪمل ڀيدن ڪري اچي سهس واستوڪ سروپ نراڪاري سهس چتن سروپ شو سان مغز ۽ اري سهسر ڪمل اچي ٿي ملي، اهو ٿيو ڪنڊليءَ جو مهاڪنڊليءَ سان ميلاپ پوءِ شڪتيءَ جو شو سان يا جيو جو برهم سان ميلاپ جو مها آنندائي ۽ ڪيوارٿ ۽ موکيه جو پرم پد آهي. انهيءَ ڪري ٿي اسان کي پراڻايام منو بل سان ڪيئو ڪرڻو پوندو جو ڪنڊليءَ جاڳرت ٿي ڇهن ئي چڪرن جو ڀيدن ڪري پرا پرڪرتي مهاڪنڊليءَ پوءِ شو سان وڃي ملي ٿي. اهڙي جيون مڪتي پوءِ جيتري ئي مڪتي روپ پد آهي. پر سکمنا ناڙيءَ جي منهن وٽ جو مول آڌار پد آهي ۽ ڪنڊليءَ شڪتيءَ کي وڌڻي وهڻ ڪري جتي ٻنهي ناڙين آڙا پنگلا ۽ سکمنا اچي گڏجن ٿيون جنهن کي ترڪٽ ڪوٺجي

مارڳ) ۽ وري ان اسٿان کان وستار ۾ جڳت کي پراپت ٿيل انڀوَ ڪري ٿو. (پرورتي مارڳ) تڏهن وقت اُهو سنت مهاتما پرم پد برهم کي پراپت ٿئي ٿو.

هن اڀياس واري شلوڪ ۾ ڀڳوان نورتي معنيٰ هڪ اسٿان ۾ سمائجڻ ۽ (ليه ڪرم) ۽ پرورتي معنيٰ جڳت جا نرالا نرالا روپ ڏسڻ (سرشٽي ڪرم) اهي ٻـ وستا ڀڄن ڪرڻ لاءِ پرورتي ۽ نورتي ڏيکاريا آهن جو اسين وڻ روپ وستار ٿيل جنهن ٻج مان آيا آهيون تنهن ٻج ۾ وري موٽي سمائجون، پرورتي معني (انلوم) اڀوارو يا سلٽو يا هيٺ لهڻ اُهو موٽي (نورتي) معني اُلٽو مارڳ ونـي پرم لٽو ۾ ملون تڏهن لاءِ اُڀهن ان وستن جا هيٺ پڻ نالا ڏجن ٿا.

(ونلوم-انلوم) (نورتي-پرورتي) (اوڀارو-اڀوارو)

(سلٽو-اُلٽو) (لءِ ڪرم ۽ سرشٽي ڪرم)

(Centripetal) (Centrifugal)

(Involution) (Evolution)

اهي سڀ ارٿ پرورتي ۽ نورتي مارگ لاءِ اسان کي يوگ اڀياس ۾ ڏسڻا آهن جن کي (شبد، سرت) پڻ چون ٿا يعني اسين جو استول روپ وڏا وڻ ٿي ويا آهيون سي وري سوکيم ٿي وڃي اُهيءَ اصلي روپ ۾ سمائجون

स्थूलानाम् सूक्ष्मेलय ॥

آسڻ سمجهي سو ٻڌي پوءِ ٻنهيءَ جو ڪلهو ڳچي ۽ مغز پوري سڌائي ۾ هجن انهن کان سواءِ بدن پڻ ڍلو ۽ نرم جهلي گهٽو سينڌل وغيره نه هجي پوءِ ساڄيءَ ناسڪا کي آڱر سان بند ڪري ڏائيءَ ناسڪا کان ساهه بلڪل آهستي ۽ هڪ ساريڪو ڪڍي ڇهن ماترائن سان ٻعدا ڪهن اسـ ايشور جي نالي کي چار دفعا جپڻ ساهه مٿي ڪڍي الهيءَ کي پورڪ چئجي ٿو. پوءِ وري ڏائي ناسڪا کي بند وڃي ۽ ساهه کي جهلي سورهن ماترائن تائين روڪي الهيءَ کي ڪمڀڪ چئبو آهي ۽ سورهن ماترائن جي پوري ٿيڻ کان پوءِ ساڄيءَ ناسڪا تان آڱر هٽائي آهستي آهستي اٺن ماترائن تائين الهيءَ نام جو جپ ڌيان ڪندي ساهه کي هيٺ ڇڏي ٻعدا ٻاهر ڪڍي. الهيءَ ڪـي ريچڪ چئبو آهي. ساڳي ريت انهيءَ جي ابتيءَ ساڄيءَ ناسڪا کان ڇهن ماترائن سان ساهه ڪڍي ۽ ڏائي ناسڪا ته اڳئي بند آهي ۽ وري سورهن ماترائن سان ساهه کـي روڪي ڪمڀڪ ڪري انهن کان پوءِ ساڄي ناسڪا کي آڱر سان بند ڪري وري اٺن ماترائن سان ڏائيءَ ناسڪا کان ساهه کي آهستي ڇڏي ٻعدا ريچڪ ڪري اهو هڪ پراڻايام آهي. اهڙيءَ ريت ٢٤ ڪلاڪن ۾ ٽي دفعا ٽي پراڻايام ڪجن ٻعدا صبوح، ٻپهر ۽ شام جو ڪري. اهڙيءَ ريت ڇهه مهنا ڪن ڪجي پوءِ دستور موجب ناسڪائون مٿائيندو مٿي ڏنل لهولي سان اهـو پراڻايام ڪندو رهـي ۽

۽ ڇڪجي ٿو. سو جڏهن اهو رستو سڪمڻا ناڙيءَ وارو ٻرهم دئار جو کلي ٿو، ڪنڊلنيءَ شڪتيءَ جي ڪلا اپرا پرڪرتي اوڀارو چڙهي پرا پرڪرتيءَ شوءَ سان وڃي ملي. هاڻي انهن سڀني يوگن ۾ جڏهن سڪمڻا ناڙي جو دئار کلندو آهي ته يوگ سڌ ٿيندو. جڏهن يوگي سڪمڻا ناڙ جو دئار پرائڻايام. يا ڪنهن ٻئي مارگ سان کوليو ته انهيءَ جڻ ڳجهارت ڀڳي. هاڻي پرائڻايام جا طريقا ڏجن ٿا. مهرباني ڪري ڪوبه جگياسو پراڻن جي ابياس ۾ تکڙ يا اتڀرائي نه ڪري ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان تمام وڏو نقصان ٿيندو.

(ابياس پهريون ناڙي شوڌن جو)

پهرين ڏائيءَ ناسڪا کان ساهه جيترو به مٿي کڻي سگهي اوترو کڻي. وري ساڄيءَ ناسڪا کان ساهه ڇڏي جيسيتائين هيٺ لهندو رهي. انهيءَ رت ساڄي ناسڪا کان کڻي ڏائيءَ ناسڪا سان ڇڏي. انهيءَ رت ڏينهن ۾ ٻه دفعا ڪجهه مهين لاءِ ڪري. اهڙي ڍنگ سان ڪري جهڙيءَ رت لوهار جي ڌمڻي هڪ سارکو هوا ڇڏي ۽ کڻي ٿي. انهيءَ ابياس ڪرڻ سان ڦڦڙن جا مسام کلن ٿا ۽ دل تي به زور پوي ٿو. اهو انهيءَ لاءِ آهي ته هن کان پوءِ ٻيا جيڪي ڏکيا پرائڻايام ڪرڻ ۾ اچن ٿا تن جي ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي نه رهي. اهو ناڙي شوڌن آهي. ڏهن کان پوءِ سڌ آسڻ يا پدم آسڻ يا جيڪو سولو

انهن جا نمبروار لوڪ: (١) ڀور (٢) ڀُوَر (٣) سُور (٤) مهر (٥) جن (٦) تپو (٧) ستيم. انهن جا نمبروار چڪر: (١) مول آڌار (٢) سوادشٿان (٣) مڻي پور يا نابي (٤) اناهت يا هردو (٥) وشد يا ڪنٺ (٦) آگيا ترڪٽي يا ڀرڪٽي (٧) سهسرار يا ڳڳن منڊل وغيره.

هاڻي اسان کي اوپارو ڏٺو آهي. يعني اڀرائڻ ڪرڻيءَ شڪتيءَ کي سهسرار ڏانهن وڃڻو آهي. انهن لاءِ ڪنڊلنيءَ شڪتيءَ کي مٿي چڙهڻ لاءِ وڌيڪ هيءَ سامگري کپي. پراڻايام، چڪرن ۾ ايڪاگر ورتي يعني منو بل، اهي نيئي ڪنڊلنيءَ کي جاڳرت ڪري مٿي چاڙهين ٿا. ڪنڊلني شڪتي ۽ انهن جا آورڻ ڏرڙي آدي چنڊ ٻٽي پنهن جي ڪلا سان جا ٻنهي جي انڊ جهڙي سنهين آهي هوبهو کوٽ جي چمڪاٽ جهڙي اگني وڌي ٿي ۽ نمبروار چڪرن ۾ پنهن جي ڪلا وڌائيندي، ڪٽيندي، وشٽو، رڌر ۽ ايشن ديوتائن جي ڌارڻا ۽ ڌيان وڪڻدي سنڌن ڪلا ڪٽيندي پنهن جي استول روپ پرٿويءَ کي آدي چڪرن کي ڇڏيندي سوکيم ٿيندي آگيا چڪر ۾ نرنجن سروپ سدا شو سان ملي ٿي. جنهن کي شو شڪتيءَ جو يا جيو برهم جو ميلاپ چئجي ٿو ۽ سهسرار ۾ وڃي پنهنجي نج سروپ ۾ ملي ٿي.

اهو آهي ڪنڊلني يوڳ جو اڀياس جنهن جو اسان شلوڪن ۾ شري شڪرآچاريه ڀڳوان آنند لهريءَ مان

انھيءَ کان مٿي نہ وڌي. ھيءُ ڪنڀڪ مون ساھہ. کي اندر کڻي ۽ روڪي ڪنڀڪ ڪرڻ وارو ٻڌايو آھي. ٻيو جيڪو ساھہ کي ٻاھر ڇڏڻ وارو ڪنڀڪ جو طريقو آھي سو انھيءَ کان وڌيڪ سولو آھي. انھيءَ پراڻايام ڪرڻ سان نہ مول ڏنار ڪلي ٿو اھڙو نقصان ڪرنا آھي.

انھيءَ پراڻايام ڪرڻ سان مول ڏنار ڪلي ا ٿو ٻر تڏھن نہ ڪنڊلني شڪتي نٿي چڙھي. انھي چاڙھيءَ لئي ڪنڊلنيءَ شڪتيءَ کي چڙھڻ لاءِ من جو ٻل لڳائين ٿا. يعني (Will Power) لڳائين ٿا. ھاڻي نسڪ ڏورجي لـ اھو من جو ٻل کھڙيءَ ريت لڳائين ٿا. ھرھڪ ڏنار جي ڏارنا رکي انھيءَ لئي ڌيان لڳائين ٿا؛ ڌيان لڳائڻ سان پراڻ وايو سوکم ٿئي ٿو. انھن چڪرن لـ ي ڪتبن شاستن سڌن ٻيج، ديوتا آواھن؛ ٻاڙون انھن ۾ سڌن ڪرن ۽ ڏالن جون شڪليون وريءَ کي ايڪاگر ڪرڻ لاءِ ڏنيون آھن. سچ پچ اھو ڌيان عام ماڻھن لاءِ بلڪل ڪٺن آھي. جنھن صورت ۾ انسان کي الـ ي فقط ايڪاگر ڌيان شڪتي ڪم اچڻي آھي جا ڪنڊلنيءَ شڪتيءَ کي مٿي چاڙھي ٿي. انھن کري انھن چڪرن جا اڌشٽاتي ديوتا نمبروار ڏجن ٿا جي نہ سانڀو اڀياس جو قل ڏين ٿا سي نمبروار ديوتائون ھي آھن.

(١) گڻپتي (٢) وشنو (٣) رُدر (٤) ايش (٥) سرسوتي (٦) نرنجن يا سدا شو (٧) گرو آديناٿ سؤ يا مھاشڪتي.

सुधाधारासारैश्चरणयुगलान्तर्विगलितैः
प्रपञ्चं सिञ्चन्ती पुनरपि रसाम्नायमहसा
अवाप्य स्वां भूमिं भुजगनि भमध्युष्टवलयं
स्वमात्मानं कृत्वा स्वपिपिकुलकुण्डे कुहरिणि

ارٿات- تنهن کان پوءِ امرت آنند رس جو توهان جي ٻنهي چرڻن مان ڇڻڪار ڪري رهيو آهي- امرت آنند رس جي ڌارن سان چڪرن کي آنند روپ امرت سان جاڳرت ڪندي توهان پنهنجي مول ڌار واري استان ۾ شيو لنگ کي ناگڻيءَ وانگر ٽي ڦيرا ڏئي وري ڪل ڪنڊ جي ڌار يعني مول ڌار ۾ سمهي رهيون ٿيون.

(اِن سرشٽي ڪرم ٽيڪاريو وڃي ٿو)

اهو اوپارو ۽ اڀيارو مارگ سڀني شاسترن ۾ لکيل آهي تنهن جي معني توهي مارگ. ۾ اها ڪنڊلني پاڻ کان پنهنجو پاڙو لاهيندي يا اٿاڻي لئي رهت ٿيندي پنهنجي اصل سروپ مها آنند ۾ وڃي ٿي. تنهن کان وري ساڳيو يا پوئتي روپ وٺندي پنهنجي استان مول ڌار ۾ شڪتي ارهم روپ پرادرڪريءَ جو استول روپ وٺي مول ڌار ۾ ڪرا رهندي ٿي اچي سمهي ٿي. ڪنڊلني گهڻو وقت پنهنجي اڀياسيءَ جي اڀياس مطابق آهي.

هاڻي اهڙا گهڻيئي سنتن مهاتمائن جا پرمال آهن- جهڙيءَ طرح گرو نانڪ صاحب جي پراڻ سنگليءَ ۾

مثال ڏجي ٿو.

جنهن ۾ پهرين شلوڪ اوپارو، الٽو يا ونلوم يا ليڪرم ترتيب مارگ ڏيکاريو وڃي ٿو. ٻئي شلوڪ ۾ سڌو ساڄو انلوم يا سرشٽي ڪرم يا ترتيب مارگ ـــ ڏيکاريو وڃي ٿو.

महीं मूलाधारे कमपि मणिपूरे हुतवहं
स्थितं स्वाधिष्ठाने हृदि मरुतमाकाशमुपरि
मनोऽपि भ्रमध्ये सकलमपि भित्वा कुलपथं
सहस्रारे पद्मे सह रहसि पत्या विहरसि

ارٿات ـ او ڀڳوتي مول ڌار ۾ ڌرتيءَ کي؛ سواڌشٽان ۾ اگنيءَ کي؛ مڻيپور يا ناڀيءَ ۾ پاڻيءَ کي؛ هردي يا انهت چڪر ۾ وايو کي؛ وشد يا ڪنٺ چڪر ۾ آڪاش کي؛ ڀرڪٽي ڀروءِ مڌيه يا آگيا چڪر ۾ من کي ڀيدن ڪري ڪل مارگ يعني شو ڌانهن هلڻ جي رستي کي طئه ڪندي تون پنهن جي پتيءَ سان سهسرار يا سهسر دل چڪر ۾ امرت آنند رس وٺي رهي آهين.

(ٻين شاسترن ۾ پاڻي سواڌشٽان چڪر ۾ ڏيکاريو ويو آهي پر هتي اگني سواڌشٽان چڪر ۾ ڏيکاري وئي آهي.)

اهو خاص ڳجهو ڀيد امرت ڪلا يوگ جو آهي جو امرت ڪلا يوگ ۾ ڏيکاريو ويندو.

نورانن ۾ جڏهن مالا پگوليءَ تي ڪنسر چاڙهيي آهي الهيءَ جو ۽ منتر چئبو آهي،

جيئن:- اُلٽيا ڪلا پلٽيا نيپر، ڪنسر چاڙهون ٻاون ولر ٻومبشري يعني (مها ڪنڊلني سهسرار دل) ڀاڳاليشوري، ڀالنج مهمشور آگيا دؤ لو ڪنسر چاڙهون مها مائي. يعني (ڪنڊلني مول دئار):- انهيءَ کان سواءِ سدڀاولدن ۾ اسين پرائاڻايام ڪريون ٿا جڏهن ۾ انهيءَ وهارئيون يعني لوڪ جپ ڪندي پراڻ سان ڪٺون ٿا، جئن ڪ ڀوُر، ڀوهه، سوهه، مهه، جنه، تپه، ستيم، اهي ساڳيا لوڪ اپياس جا لمبر وار چڪر يا لوڪ آهن- (लोक्) ڌاتوءَ مان لکيو آهي. جنهن جو ارٿ آهي- ڏسڻ، سمجهڻ، حاصل يا کوجنا ڪرڻ اهو اهائي معنا ڏيکاري ٿو ته، سنئيي لوڪن کي کوجنا ڪري ٻهتن ڪري وچي ڳڻن منڊلڪ سن شڪر۽ سن منڊل لرالمب ٻري، سهسر دل، سهسرار ٻيگرٻور وغيره کي وچي سمجهو ڏسو يا حاصل ڪريو. ٻورو ڪمپڪ ڪري ورڻي پراڻ ڪسي ٻاهر ڇڏين ٿا، پر اهو ڪو سچو پرائاڻايام ڪونهي اهو آهي آيام يعني ڪشرت پر اهو سچو پرائاڻايام ڪا ٻي ڳالهه آهي.

ڪٺ اپنشد:-

यदिदं किं च जगत्सर्वं प्राण एजति निःसृतम् ।
महद्भयं वज्रमुद्यतं य एतद्विदुरमृतास्ते भवन्ति ॥

سنگلديپ جي راجا شِوَناڀ کي اپديش ڏيندي چيو آهي.

شِوَ شڪتيءَ کي چئي سندي،
ٻنهي ڪان ٻئي نه ٻندي
شِوَ شڪتي اڪي گهر واس
لب مٽي جم موهه پياس

اهڙيءَ ريت سنت ڪبير چيو آهي.

ڪبيرا الٽي ڌارا اگم کي سواميءَ مانهه. سماءِ

ارٿات- ڌارا اکر جو لهوارو هيٺ مول ڏانهن اچي ٿو. تنهن کي سنت ڪبير صاحب چوي ٿو ته الٽو ڪريو، يعني ڌارا اکر کي الٽو ڪري راڌا ڪريو ۽ اوپاريءَ لهر (يعني راڌا) ڪنڊاليني شڪتيءَ جي لهر کي سهسرار چڪر ۾ جتي سوامي يعني پرماتما آهي ان ۾ ملايو، جو هاڻي پرورتي ۽ نِورتيءَ مارگ جو ابياس ٿيو (يعني سوامي ڌارا) سو ٿيو راڌا سوامي

راڌا سوامي:- اهڙيءَ ڪري ئي اهو مت هليو. اهڙي ريت جيڪي پرورتي مارگي شڪت سنتن جا چيل آهن سي گهڻو ڪنڊاليني يوگ لاءِ ئي ٻڌل آهن. جهڙي طرح الٽا پاڻ ڪگن جاءِ لائي، تان ۾ ڏسي ڏيکاري؛ ڏيکاريءَ مالهين ڏيو نرنجن تان اوءَ لائي موري، ساڌو دکو دراه ڪبير لهري پنهن جي سنگرو وچئي هري.

سڌانت اهو آهي تہ پراڻ ڪنڊليءَ ۾ لهووار هلي رهيو آهي اُنهيءَ کي اوپارو سنڌس سڀاءَ جي خلاف پراڻن ڪرڻ سان پراڻن تي قبضو ٿي سگهي ٿو. معنيٰ اُوري ڪنڊليءَ چڙهڻ ڪري قبضو ٿي سگهي ٿو. هاڻي جن پرشن پڻهن جي جپ، پاٺ يا ساڌنا وغيره سان ڪجھ قبضو ڪيو آهي سي ڪجھ جهاڙ ڦيٽو رکيا ڏاڍو وغيره ڪن ٿا تہ ان مان فائدو ٿئي ٿو پر جن ٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن رستي پراڻن کي ٿورو وڌيڪ وس ڪيو آهي سي وري مس ميرزم هپنا ٽزم ۾ ڪامياب ٿين ٿا. جهڙيءَ ريت جادوگر مس مرزم جا ڪم ڪري ڏيکاريندا آهن. اُٿي ڊاڪٽر هپنا ٽزم سان ماڻهوءَ جي من تي قبضو ڪري غش ڪري آپريشن وغيره ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪنڊليءَ شڪتي جيئن جيئن اُٿي وڌندي رهي ٿي تيئن تيئن وڌيڪ چمتڪار ڏسڻ ۾ اچن ٿا ۽ اڄڪلھ چمتڪار کي نمسڪار آهي ۽ ماڻهن انهن کي پهتل سمجهي پيا ٿا ڪن پوڄين ۽ شيوائون ڪن ليڪن اهو لکندو آهي جو اهو سڀ پڻهن جي پوڄا ٿيندي ڏسي اهنڪار ۾ پوڄي ويندو آهي ۽ انهيءَ حد تي پهچي ويندو آهي ۽ پڻهن جي لکھ يا ايشور جي ۽ موکش کي پائڻ کان رهجي ويندو آهي ۽ اهو ابياسي بہ ساڌارڻ ماڻهن وانگر جنم مرڻ جي ڦيري ۾ پيو وري ويندو ۽ ويندو. انهيءَ ڪري شاسترن ڪرامتن جي ابياس

ارڙات- هيءُ جو سڀ ڪجهه اندرين مان ٻاڏي سوڌو جو سمورو جڳت ڏسڻ ۾ يا سمجهڻ اچي ٿو؛ سو سڀ مهڻن جي ڪارڻ سروپ مها پراڻ شڪتيءَ جي ڏتاران سرو ڪارڻ ڪري ٿو. اهو مها شڪتيءَ سروپ پڻ سروپ ٻهڪي سپني لي حڪم هلائڻ واري آهي، تنهن کي جي جاڻن ٿا سي امر ٿي وڃن ٿا. ارڙات جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽي وڃن ٿا. اهو ايشوري اپا روپ پراڻ پڻهن جي ٻـل سارئـيءَ جي ڏتاران سپني ۾ ڪهري يا سپندن ڪري ٿو. اهو پراڻ هڪ سارکو (Homogenous) ساڌارڻ آهي پر سارو جڳتر اُن پراڻ شڪتيءَ جي اسپندن ڪري ٿو ڪٿن جي ڀاڻ ۾ ورتن ڪري علحده علحده سروپ ڌارڻ ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح پاڻي ۾ ساڳيو ايڪ رس آهي پر ڇهڻ. باغن جا وڻ ٽڻ؛ ڦل ڦل؛ ايڪ رنگ رنگي روپ ڌارڻ ڪن ٿا. ساڳيءَ رات اليڪٽرڪ سٽي ٻـهـ هڪ سارکي ساڌارڻ وڳ رفتار (Movement-Motion) آهي ڪيئن ۾ ٻلهن ۾ قسمي قسمي روپ ۽ ٻيئن ايڪ آڌشڪاون کي پيدا ڪري ٿي. هاڻي جا سرشٽي پراڻن جي پيدائش آهي، ان لـي جن قبضو يا ڪنٽرول ڪيو آهي سي سندن حيثيت سارو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ڪري ڪرامتون اچن ٿيون. هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته پراڻ ڇو ٿو قبضي ۾ اچي ۽ ڪيئن ٿو وس ٿئي ۽ ڪرامتون ڇو ٿيون ٿين ۽ آخر انهن جو نتيجو ڇا آهي

ڪوشائون ٿي پيا ته دنيا کي ڀلائن، پر وري به انهن يوگن ۽ اپياس جو ٿالو نه ڦاڙ ڪري وٺا آهن اهو نه چڱو.

هاڻي نه پراڻڪ يوگ جا اصول يعني سدانت گهٽجي ڀاڳي اچي چڪا آهن. هن ڪان پوءِ هٺ يوگ ۽ ونڪ ٿاڙ يوگ ۾ پرٽ ساڳيا سدانت لڳن ٿا جن جو ٻيو ڪجهه احوال ڏنو. جو نه اهي سڀئي يوگ اوجس ڌاتوءَ کي وڌائين ٿا ۽ اڻ پرم لنوءَ جو آنند اڻ اوجس ۾ ئي پيان ٿئي ٿو.

ڊيڪشانڪ ١٠

هٺ يوگ

هي هڪ مهان يوگ آهي. هن جو اتهاس تمام جهونو ۽ وڏو آهي پر اڻ سان اسان جو ضرور ڪولهي. انهيءَ ڪري ان يوگ جي مهما آهي جو هن جو ڪايا يعني شرير، پراڻ، من ۽ اوجس تي ڪنٽرول آهي انهيءَ سبب ڪري اهو يوگي اڄر ۽ امر ٿي وڃي ٿو. سدائين جوان رهي ٿو، نڪا اُن کي ڪا بيماري لڳي ٿي ۽ ٻڍهن جي اڇا ٿي هو شرير ڇڏي ٿو. هن يوگ ۾ سد يوگيءَ کي اٺمادي سڌيون ڪرامتون اسرڻون آهن جو

باٻت سڀ ڪجهه ٻڌايو ۽ سمجهايو آهي پر انهن جو پڙهڻ
ڪرڻ باٻت تمام گهٽي مدح ڪئي آهي. هاڻي اهو
ماڻهو جو لشڪام ٻڌا ڪنهن سڌارت جي ولراڳي ۽ اوچي
منزل وارو مهالما جنهن جو اهڪار ڪنهن ۾ ڪم بہ نہ
آهي ۽ جنهن سڀ ٻنهن جا ڪرم ايشور ارپڻ ڪري
ڇڏيا آهن، سو سنت ٻنهن جي ڪروڙا سياءُ سان ڪو
ڪارڻ ڪندو تہ الهيءَ ڪي اهو ٻڌن ۾ ڪونہ وجهندو
پر اڄڪلهہ اهڙا مهاتمائون ڪي ورلي نظر ايندا. هن
وقت گهٽي ڀاڳي اهن ٻيو ڏسجي جيئن پارسيءَ واري
ٻڻ ڇيو آهي.

تون مرا حاجي بگو - من ترا قاضي بگويم

يعني تون مون کي حاجي چئہ تہ مان توکي قاضي چوان
اهڙي طرح ٻنهي کي ڪٺندا آهن مجاور ٻوءِ ٻاي ٻنهي ۾
ڪٿي ڪا طاقت نہ بہ هجي تہ بہ اهو هروڀرو ٻيو ٻوجهو.
اڄڪلهہ جا ٻڳتن ڪرڻ وارا بہ ٻنهن جي ٻڌسي ڪمائڻ
لاءِ اهڙيون ڪوڙيون ٻتاڪون ۽ ڳت ٿا هڻن جو ڪوڙائي
نہ مون. پر وري بہ چڱو جو انهن ڪرامتن جي وڏيائن جي
پرشنسا نہ ڏيکارين ٿا اهو بہ چڱو، مطلب تہ جيئري ڪنهن
نہ سنيو مٽي ٻب ٻب ٻٽيو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا
ڪوي ٻڌا ٿي ٻيا آهن جن کي ڪنهن ٻوڳ ايهاس جي
ڪاٻ خبر ڪانهي پر مهاتمائن ۽ ٻوڳين جي شڪتن ۽
واٽين جي اومت وڏي اهي اڪر ۽ شڪتي ڪم آڻي ٻنهنجون

زڪام، پيٽ جا سور وغيره جهڙيون Nature Cure چون ٿا
۽ عام سيڪاريا وڃن ٿا ۽ ماڻهون گهڻوئي فائدو وٺن ٿا.

هاڻي اچو پراڻن ڏي جا خاص هن يوگ جي وشيه
آهي جنهن جي ڪري انهن کي پيدا ڪرڻ ايندو آهي.
۽ ڪيترين ئي حيالي وڏائي سگهن ٿا. اهو ڪاڏي کان
سواءِ پراڻياري به ٿي سگهن ٿا. مکيه پراڻ پنج آهن.
(١) پراڻ (٢) اپان (٣) سمان (٤) وپان (٥) اُدان.

جو ١٠ اسين اندر کڻون ٿا انهن کي پراڻ چئجي ٿو
پراڻ جو ڪم آهي ساهه کڻڻ ۽ جيڪو اسين کاڌو کائون
ٿا انهن جي طاقت بخش جذن کي شرير ۾ اسٿر ڪري
رکڻ. (٢) اپان جو ڪم آهي پراڻ کي ٻاهر ڇڏڻ ۽
جيڪي فضلا هاضمي کان پوءِ نيڪال ڪرڻا آهن انهن جو
ڪم ڏين ٿا. جيئن پيشاب، پگهر، باديءَ پيا.

نوٽ:- ڪنهن ڪنهن شڪتي هن پراڻ ۽ اپان جي سمتا
ڏيکاري پڙهي ٿي انهيءَ جو احوال اڳتي ڏنو ويندو.
سمان پراڻ اهو آهي جو کاڌو هضم ڪري ٿو ۽ سڀ ڪنهن
عضوءَ لاءِ کاڌو ميسر ڪري ٿو. وپان پراڻ ساري بدن ۾ آهي
۽ ساري بدن کي عغا رت پهچائي ٿو. اُدان وڏي ڳالهائڻ
ٻولهائڻ ڳائڻ وچائڻ ۾ ڪم ڏئي ٿو. ٻيا پنج اپ پراڻ
هي آهي.

(١) ناگ (٢) ڪورم (٣) ڪرڪار (٤) ديودت
(٥) ڌنن جيه.

ڪنهن به اهڙي ٻوٽيءَ کي حاصل نه ٿيون ٿين آءُ پنهنجي وڏن جي رهڻي ۽ مرم لسي جهڙي هنن سمجهايو تنهن بابت ٿورو رهڻ. ڏينهن جنهن مان انهن ٻوٽن کي سمجهڻ لاءِ وڏي هٿي ايندي ۽ وڏن سنڌ ٻرش جي ٻوٽ اپباس جو ڪجهه مرم سمجهڻ ۾ ايندو. هاڻي ٻهران ڪايا يعني شرير جي شوڌن لي ڪجهه اڪان ٿو. ان کي ڪٽ ڪرم يعني ڇهه ڪرم چوندا آهن. (١) ڌوتي معنيٰ صفا ڪرڻ. دنت ڌوتي ڏندن جو صفا ڪرڻ هردي- ڌوتي معنيٰ ڦڦڙ ۽ گلو صفا ڪرڻ، مول. ڌوتي معني گدا صفا ڪرڻ. انتر ڌوتيءَ جا چار قسم آهن. (١) وات سار جنهن جي دواران هوا کي کيڇي ٻاهر ڪڍڻ

(٢) واري سار جنهن جي دواران پاڻي پيٽ سان ڀري وري پاڻي گدا مان ڪڍڻ.

(٣) وهني سار جنهن ۾ پيٽ کي اندرو سڪيڙي پٺي جي ڪنهي سان لڳائيندا جو ٻاهران ڪو به عضوو نه ڏسڻ ۾ اچي.

(٣) وشمڪرت جنهن ۾ پيٽ هوا سان ڀري چڱو وقت هوا کي روڪي وري گدا رستي ٻاهر ڪڍڻ؛

دانت ڌوتي، هردي ڌوتي، ناسڪا ڌوتي، ڪپڙي سان اندر وجهي، صفا ڪرڻ ۾ اچن ٿا ۽ وسن ڌوتي پاڻي پي الٽي ڪري صاف ڪرڻ جا آهن. اهو نه هر ڪنهن کي خبر آهي ته انهن طريقن سان ڪيترن سارن ڪمن، دم

پشترڪا (٦) پرامري (٧) مورڇا (٨) ڪيولي. انهن مان فقط هتي پراڻ ۽ اپاڻ جي ڪنڀڪ جو احوال ڏبو. جو هن يوگ ملاءِ ڪنڊلني شڪتيءَ کي چاڙهڻ لاءِ ڪم اچي ٿو ٣ بنڌ- اهي ٣ آهن. جالندر بنڌ، مول بنڌ ۽ اُڏيان بنڌ.

مدرائون ١٢ آهن جن مان ٦-٧ جو احوال ڏبو جي بس آهن. جي سڀ ڪريا گيان ۾ ڪم اچن ٿيون سو ڪريا گيان ٿورو هيٺ ڏيکاريو ٿو جنهن ۾ بنڌن ۽ مدرائن جو احوال اچي ويندو اهو ڪافي آهي. باقي سروپ گيان لاءِ يم پن آهي جنهن ڪري مڪتي يا نروان چئجي ٿو. هن يوگ ۾ ڪنڊلني شڪتي ڪيئن ٿي چڙهي انهيءَ جو احوال ڏيان ٿو.

پراڻ ۾ اسين اندر ساهه کڻون ٿا ۽ اپان ۾ سين ٻاهر ساهه ڇڏيون ٿا. اهو پرمپرا ڪان لئه ڪرم ۽ شريسٽي ڪرم سڀ ڪنهن پدارٿ ۾ هليو اچي. انهيءَ کي سوهم جو شبد چئجي ٿو. اسين جيئن انهن پراڻ ۽ اپان جي دوارن ٿا. پراڻ اپان کي ٿو ٻڌڪي ۽ اپان وري پراڻ کي ٿو ڇڪي. پر جڏهن پراڻ کي ڪنڀڪ دوارا اندر يا ٻاهر قابو ڪيون ٿا ته پوءِ جالندر بنڌ بعدي اڳيءَ کي چاڙهيءَ ۾ لڳائي قابو ڪري ۽ کيچري مدرا دوارا پراڻ کي قابو ڪيون ٿا جيئن ٻاهر نه نڪري ۽ وري اپان وايو کي انهن کي مول بنڌ بعدي گدا ۽ لنگ جي وچ ۾ ڪڙي ڏيئي اشوني مدرا جي دوارا گدا کي سڪوڙي قابو

سنڌن ڪارا لمبروار :- اوڳرائي ٿيڻ، انهن جو ٻوٽو ٻيڙو، اڄ ۽ ٻڪ. (۴) اڀاسي ۽ هنڪي. (۵) ٿ نن ڇڻو جو مرڻ ڪان ٻوء ۽ ڏيهه ۾ رهي ٿو. اهـــي اپ ٻراڻ گهٽو ضروري ڪوڙ آهن انهيءَ ڪري سنڌن ورن جـو ضرور ڪوڙ آهي. جيئن انهن ٻوٽن لاءِ مون چار چاڙهيون ٻڌايون ڪريا، گيان جون مٽزنون اوستائون ۽ ٻوٽڪائرن ٿ ڪارئون آهن ايئن هن ٻوٽي لاءِ به چار چاڙهيون آهـــن جـن سان هيءَ ٻوٽي سٺي ٿئي ٿو.

(۱) آسڻ (۲) ڪنيڪ (۳) ٻڌ ۽ مذرا.

آسڻ ۽ شو ڀڳوان ڪيئن چيا آهن ۽ ۱۶۰۰ ۽ ڪٿي ڏيکارين ٿا جي بيمارين ۽ ٻڌن جي اڻدرستيءَ جـي ڪم لاءِ ايندا آهن پر هن ٻوٽي لاءِ ڪن ۳۲ ڪن، ۱۶ ڪن چار ڪن ۽ آسڻ ڏيکاريا آهن. ٿن ۾ انهن کي چڱي هئي ۲ ساڌارڻ آسڻ هن ٻوٽي لاءِ ٻڌستا آهن. ٻيهرين سٺ آســڻ ۽ ٻيو پدم آسڻ. سي هن ٻوٽي ۾ ڪر اڇن ٿا ۽ ٻيا آســڻ خاص ڪري بيمارين ۽ دوشن لاءِ آهن جو هيئنر خوب ٻيا سيکارڻ ۾ اچن ۽ ماڻهن چڱو فائدو ڪن هنن دوائن ڏان ۽ وڌيڪ فائدو پيا وٺن ٿا اهائي ڳالهه هـــن ٻوٽي جـــو پرليڪش پرماڻ آهي.

(۲) ڪنيڪ ٻعدي ساهه ٻڌ ڪرڻ. جي اٺن پرڪارن جا آهن:

(۱) سهتي (۲) سوري ڀيد (۳) اُجائي (۴) شيتلي (۵)

هر آهي جو ساهه کي ٻورڪ سان ساهـــه کڻي ڪنڀڪ سان ساهه کي روڪجي ٿو ۽ پوءِ ڪانڌيءَ کي ڇاتيءَ لـي دور لڳائجي ٿو جيئن هوا ٻاهر نـه نڪري. باقي اُڙيان ٻڌ پيٽ کي کيڏجي پٺيءَ سان لڳائجي ٿو ۽ اوڪڪي مدرا جي ٻواران عضون کي زور رکي اندر هـــوا کـــي ڦيائجي ٿو ۽ ڪنڊاڪي شڪتي مٿي چڙهـي. هاڻـــي مدرائن جا روپ ڏجن ٿا.

شانڀوي مدرا ٻعدا پوءِ مٿي ڀرن جي وچ ۾ نظر کي ٽڪائي اکي لڳائي جڏهن کي ٽرانڪ چڙهجي ٿو. کيچري مدرا اها آهي جا جيڀاڪي ٻاهر نڪ جي ڇهڻ ٿاني آڻي پوءِ اها ساڳي جيڀ اندر تارونءَ ۾ لڳائي ڪنڀڪ وارو کي بند ڪري جيئن هوا ٻاهر نه نڪري. اشوني مدرا پڇاڙيءَ وارو گدا کي سڪوڙي ۽ کولي جيئن اندر هاڻي وڃي ۽ ٻاهر نڪري اهڙي طرح گدا کي صاف ڪري ۽ پوءِ ان کي زور سان بند ڪري ۽ کلن نه ڏئي اهڙيءَ طرح آسڻ ۽ بند ڪري پراڻ اپان ۾ ملائـي ٻعدا سر ڪري ٻهاري جيا شري ڀڳوت گيتا ۾ چيو آهـي. هن ڀڳوان شانڀوي ... ا ... پراڻ اپان ناسڪا وارو ٻڌ ... ڪي ... سم ... آهي

شري گيتا ادياءِ ٥. شلوڪ ٧ ١

ڪڍون ٿا جيئن وائو ٻاهر نه نڪري ته پوءِ پراڻ ۽ اپان
هڪ ٻئي کي قابو ڪري سمر ٿين ٿا. جهڙيءَ طرح
پچڪاري جي هڪ ٽونگ کي بند ڪري ٻئي ٽونگ کي
ڏنو ٻعدلي پسٽن اندر ڏيون ٿا ته پوءِ وچ واري هوا کي
نڪرڻ نٿا ڏيون ته پوءِ اندر هوا ڏاڍو زور رکي ٿي ٻاهي
اٿڙيءَ ٺ ماڻ اهو ڪنڊليءَ شڪتيءَ کي گهڻو زور
پوي ٿو ۽ اُن مان ڪُل ناڙي ڪهل هان ٻيج ٻعدي گرمي
دم ٻيج سان الي ڇڪي آڻجي ٿو ۽ اِن جي گرميءَ ۽
گڏيا جو قابو ڪرڻ ۽ ساهه جو ٻاهر نه ڇڏڻ ۽ اُڏيان
بند ٻڌڻ سڪوڙي ٻنهيءَ سان اُڀاڙڻ ۽ لوڏڪي مدرا
سان ٻيڪ جي هوا کي خوب آڏين ۾ ڇڪر ڏيارڻ ۽ هم هنس
منتر جي زور تي مدو ٻل ٻعدي Will Power جي شڪتيءَ
سان آهستي ڪنڊلني شڪتيءَ کي سڌي ڇڙي
چڪرن ۾ ٻيڌن ڪري ٻچاڙيءَ ۾ مغز ۾ سهسر دل چڪر
يا سهسرار ۾ مها ڪنڊلني سان ملايو وڃي ٿو جنهن کي
شو شڪتيءَ جو ميلاپ جيؤ برهم جو ميلاپ چئجي ٿو
جو مها ٻرم پد آهي ۽ جنهن جي دواران ماڻهون جيون
مرڻ جي قيري کان ڇٽي وڃي ٿو. موڪل ٻدل اهو آهي
ته سڌ آسڻ ۾ گويا ۽ لنگ جي وچ ۾ ڏائي ٻير جي ڪڙيءَ
سان دٻاءِ ڪجي ٿو ۽ ساڄي ٻير جي ڪڙيءَ کي لنگ جي
مٿان هوا قابو رکڻ لاءِ لڳائجي ٿو ۽ آسڻ درڙ ڪرڻ
واهجي ٿو. اهو سڌ آسڻ يا موڪل ٻدل آهي. جالندر ٻدل

يا ٽرانس سماڌي ۾ نعرا جتي من ٽڪي ساگيا هاڻي اُن-ي
استقلال رهي ٿي. اهو آهي نِروان پد يعني موڪش يا
لِبريشن پد.

ادڀاءُ چوٿون گيتا شلوڪ ٢٩

अपाने जुह्वति प्राणं प्राणेऽपानं तथापरे
प्राणापानगती रुद्ध्वा प्राणायामपरायणाः

ڪي اپان وايوءَ ۾ پراڻ وايوءَ کي هوم ڪن ٿا ۽
ڪي وري پراڻ وايوءَ کي اپان ۾ هوم ڪن ٿا ڪي پراڻ
اپان جي گتي، جو نروڌ ڪن ٿا. پرڻايام جي پرڻايام تي
اهڙيءَ طرح ڪندليءَ شڪتي کي مٿي چاڙهن ٿا. اُن-ي
سوال ٿي سگهي ٿو ته:-

جيڪي تو نِروڌ سمڌ مان موڪن ڪيڏ اِهو سڀون
ڪيون ٿا سي ته ڊاڪٽري جي قانون موجب ڪي ٽوپهر
ساهه کي ٣ منٽ گهٽي ڇڏين ٿا ته انهن جي ته ڪندليءَ
مٿي چڙهڻ گهرجي. جواب اهو آهي ته اهي ساهه کي
۽ دم کي ڦڦڙن ۾ روڪين ٿا. پر سچو پراڻ آهي
ڪتي اهو اندر ۾ اسان جي آيا آهيون جو ساري
بدن کي جياري رهي آهي جا ايشوري شڪتي آهي اُن جي
انهن کي ڪا به خبر ڪانهي. تنهن ڪري نڪي اُن-رم
دوار ڪلي ٿو ۽ نڪي ڪندلني چڙهي ٿي. هو جو
انهن کي ان گتي روپ پراڻ شڪتيءَ جو ڪو به
انڀو ڪونهي.

स्पर्शान्कृत्वा बहिर्बाह्यांश्च- क्षुश्चैवान्तरे भ्रुवोः
प्राणापानौ समौ कृत्वा नासाभ्यन्तरचारिणौ
यतेन्द्रिय मनो बुद्धिर्मुनिर्मोक्षपरायणः
विगतेच्छा भयक्रोधो यः सदा मुक्त एव सः

ارٿات:- ٻاهر جي وشين ڀوڳن جو چنتن ـ ڪندي تياڳ ڪري ۽ نيترن جي درشٽيءَ کي ڀرڪٽيءَ جي وچ ۾ شانتيءَ سان اسٿر ڪري ناسڪائن ۾ وچـــ واري پراڻ ۽ اپان کي سم ڪري جنهن اندرين منيءَ اندريون جنهن اهـــڙ موڪش پرائڻ مڻي اڇا ڪروڌ ڀي رهـــت آهي سو سدائين مڪت آهي. هن وڳ جو ارٿ آهي اهو آهي ته معنيٰ پراڻ ۽ ته معنيٰ اپان. انهن جـــو ميلاپ جڏهن ٿئي ٿو تڏهن پنا پراڻ ۾ چڪجي اچي ڪنڀڪ ٿيءَ شڪتيءَ لاءِ ٻاهر دوار ڪولڻ ٿا ته پوءِ مدو ان هن هدس ي مهتر سان اشولي ٻدرا مول ٻڌ جالندڙي ٻڌ ۽ اُڙيا ٻڌ جي مدد سان پراڻ اپان کـــي سم ڪري شڪتي چالن مدرا ســـان ســرت معنيٰ ليوڪا واڻـــيءَ دوارا ڪنڊلني آهستي آهستي ڇهن [٦] چڪر ٻيڌن ڪندي معني واڪراڪ پولاڪ آورڻ هتائي ٻنهن جي نج ڪلاوچي اڪلا شڌيوءَ ٻا ارڄن سان آگيا چڪر ۾ ملي ٿي. جهڙڪي شو شڪتيءَ جـــو ميلاپ چئجي ٿو. انان پوءِ سهسرار ۾ معنيٰ گگن مڊل ۾ سن سماڌي معنيٰ اسمپر گيات سماڌي

बिन्दु रक्षणे जीवनं
बिन्दु पातेन मरणम्

ارٿات:- ويرج جي رکيا ڪرڻ جيئڻ آهي ۽ ويرج جو
پات ڪرڻ مرڻ برابر آهي. جـو ٻالڪ، جـو نوجوان
"ڪامي" آهي سو هن لوڪ ۾ ڪڏهن به سکيو
نه ٿيندو. جو پورو ترمشت ايشور ارپڻ ٻڌيءَ وارو
نشڪامي ۽ ابياسي هجي سکيو ٿيندو. مهاتما جـو بوجهه پاڻ
پنا صاحب گرو صاحب ميوارام صاحب مان ١٠ ورهين
جو هوس تڏهن برهم گنيءَ کـي پراپت ٿيو ۽ سندن گرو
ستلوڪي گرو صاحب لوڪورام صاحب سو ١٢١ ورهين
۾ برهم پد کي پراپت ٿيو. جن مهاتمائن ڳوٺائن جي هيٺ
٥٠ سال عمر آهي تن سڀني هن ستپرش لوڪيءَ کـي
ڏٺو هوندو. سڀئي سندس وياکياڻ ڪندا هئا. ڪيترو نه
ٻهوان مهاتما هو. مان اٽڪل ٢٥-٢٦ سالن جو هوس ۽
ڊاڪٽري ڪندو هوس مون ۽ ٻين ٢-٣ گڏجي سائين
جن کي عرض ڪيو ته سائين اهو لوڪ جو طريقو اسان کي
ڏيکاريو. ٻهراڻ ڪاوڙيو پر مهاتمائن ته اچو ته ڏيکاريان. ست آسڻ
ٻڌي ويٺو. چيائين ته ١٠ منٽن کان پوءِ ساهه. نبض ۽ دل
۽ ترڪڻ بند ٿي ويندي. سڀ ڪنو ٿي ويندس پر ڏسجو
: نبض جي بند ٿيڻ کان پوءِ ١٥ منٽ مون کي ڪجهه
نه چئجو پر ١٥ منٽن کان پوءِ ڏاڙهون ۽ پيٽ جي ڪنڊ
تي ڪنهن جي مالش ڪجو پوءِ مان جاڳي ٿي اُٿندم ۽ ڇاڪ

هاڻي باقي رهيل آهي اوجس ڌاتو باٻت هي احوال آهي. جيئن شڪر رت جي ۱۰۰ ڦڙن مان ويرج جي هڪ ٻوند ٺهي ٿي اهڙيءَ ۱۰۰ ڦڙن ٻوڙ ويرج مان او جس جي هڪ ٻوند ٺهي ٿي. ويرج سڄي بدن ۾ سوڪشم طرح سان واپيڪ آهي. ڪتام اپا وقت خصين ۾ ويرج ٺهي ڪري ويرج جي ٿيلهين ۾ (Vesiculus VesiculqusSemenalis) ۾ تيار ٿئي ٿو. جو اُپٽي جي ڪم اچي ٿو. انهيءَ کي ٻيءِ روڪڻو آهي ڏهن ڪان سواءِ جو سوکمر ويرج انسان جي بدن ۾ آهي ڏهن کي اچي خيالن ذريع ستوش سواديہ ايشور پراڻ ڌي عمل جي ٻوتڙا سان ۽ آيياس جي دواران اوجس سور چڪر ۾ تيار ڪجي ٿو جو سوم چڪر ۾ آگيا چڪر جي هيٺ ۽ ترڪٽيءَ جي مٿان آهي ڏهن ۾ آنند ڪلا روپ ٿي رهي ٿو لان ۾ ٿي شو شڪتي جي آنند ڀعدل بها آنند ڪلا جو اُنڀو ٿئي ٿو. انهوئي سوم رس ٻعدل امرت رس ٿي سڄي بدن ۾ ڪيئي لهرن وقت سڄن ڪري جياري ٿو. ان اوجس جي ذاليءَ واري ماڻهو ۾ ليج آنند روپ پرڪاش آهي ۽ اوجس گهٽو رهي ٿو سوئي برهم آنند کي اُنڀو ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ستيہ ساڌن ۾ شاديءَ جي جال لي لہ آيياس جي دواران اوجس وڌائي ايشور جو آنند سروپ اُنڀو ڪن ڏهن ڪري اها چوڻي آهي.

سهي ڪري سگهجي ٿو ايشور آنند جو اهڙو ٻڌڻ ۾ ايندو
جڏهن ڪو مهان ٻوڙي گرو شش کي ٻڌڻ جي شڪتيءَ
جو پاس ڪندو. ٻيءَ نظر سان نهال ڪندو. ٻڌان گرو
شڪتيءَ پات جي هي ٻوڙ ڪٿي آهي ۽ نه ٿيو آهي.
اوهين هن ٻوڙ. لاءِ پراڻايام ڪشرت پاڻي ڪجهه ٿو
ڪنداسين چاڙهڻ لاءِ سخت پراڻايام ڪڍهن نه ڪجهه سواءِ
پوريءَ ٻوڙيءَ جي سڪارڻ کان سواءِ واڌارو ٿي. ڪونه
ٿيندو ٿو نقصان ٿيندو. انهيءَ کان بهتر آهي ته ماسڪ
ٻوڙ سڀ کان سٺو آهي ۽ ڪوبه. نقصان ڪونهي فقط
اڀياس جي ضرورت آهي. هن ٻوڙين جي اهڙو ڪيل
ڪرامت جا ٻه ٻيا مثال هيٺ ورڻن ڪجن ٿا.

اؤ زات ڇوراسي سنت جي اجر امر آهن جي ڀيٽ
جي مانسورور ڀرائي ۽ جبلن کي رهن ٿا انهن مان ١٢-١٣
ورهين هڪ سنت رڻ ڪرڻ لاءِ نڪرندو آهي ۽ ٻوه رڻ
ٻوڙو ڪري اپديش ڏيئي ۽ وري واپس سنت منڊليءَ ۾
هليو ويندو آهي سو انهن سنتن مان هڪ گدو بندر شؤ
جي مڙهي کي آيو هو. منهن جو پوجه پتا صاحب گر
صاحب ميواڙام ۽ مشهور اڀياسي ۽ ويدانتي ديوان
چندداس گدوءَ بندر تي ويا هئا. انهيءَ ٻوڙيءَ هڪ پاڻ
سان گڏ انهن کي انهيءَ جهو ٻچڙوارا ڏيکڙي آهن پر ڪڏاڪرڻ
وارو ڪوبه ڪونه آهي جنهن ڪي ڏٺي اپديش ڪجهي
ٻڌهن ڪري مان موٽي ٻڌهجي منڊليءَ ڏانهن واپس

ٿي ويندس، پراڻايام ڪري شانتيءَ مدرا پٽ تي سمهن ٿي پوءِ آنڊا اهڙا نه زور سان وٺي ڦريا جو سندن آواز اسان ٻاهر زور سان ٻڌڻ لڳاسون. انهيءَ جي بعد ٿيڻ کان پوءِ نبض نه ٻڌڻ ٿي وئي ۽ سمت ٿڌو ٿي ويو. اسان ڪسي ڊپ وٺي ويا ڊوڙندي StethosCope جي ذريعي سان دل جا ڌڪا ٻڌڻ ڏسڻ ۾ آيا ۽ ويتر ڊڄي وياسون ته هن اسان سندس وڻ موجب ١٠ منٽن ۾ ڊپ ٿي وڃڻ ڪري سان ٽارون ۽ پنيءَ جو ڪلهو مالش ڪرڻ لڳاسون. اٽڪل ٥ منٽن کان پوءِ آهستي آهستي بلڪل ڌيمي نبض هلڻ لڳي ۽ ان جو اٽڪل ١٥ منٽن کان پوءِ بدن گرم ٿيڻ لڳو ۽ دل به هلڻ لڳي ۽ ساهه به هلڻ لڳو اسان کي پيٽ ۾ ساهه پيو. ان کان پوءِ برابر اڌ ڪلاڪ ٿڪو اسان سان ڳالهيون ۽ ٽڪي نهاريائون. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هي اپديش ڏيڻ لڳا.

ته هن يوگ ۾ ڪنڀلني شڪتي چمتڪار ڪري ٿي سيڪنڊ مٿي ڏور چڙهي ٿي ۽ يڪدم چمتڪار ڪري لهي ويندي آهي.

اهڙو ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. ان ۾ اسان جي شڪتي ۽ پراڻايام ڪرڻ ڪري اندروني سڌي ٿيندي. حياتي وڌي ٿيندي ۽ پرانڪ ايپاس جي ڪري ڪراماتون ٿينديون وري ۾ وڌ ماڻهن جي اندر جي ڳالهه.

ناهي گوڙڪدا ت ۽ ٻين کي ٻي هار ڪارائي آهي. اهو ته ڇا خود پنهنجي شڪتي ڏيوي جا شڪتي ڪا ايشور جي آڌان ڪوٺي ۽ جا ايشور ۾ اها شڪتي آهي ۽ اها شڪتي جڏهن ايشور ۾ آهي هجي ته ايشور نه ڪجهه نه ڪري سگهي ته هن شڪتيءَ ڏيويءَ کي جنهن کي سڀ اهي مهاتمائون پوڄي ويا آهن تن جي مدد جي باٻت ڀاري ڪنڊڙ پٽي لکيو آهي اهڙيون بيهوديون ڳالهيون پڙهي شرم کان ڪنڌ جهڪيو ٿو وڃي پر جن اهو هيڏو الهاس ڏنيو آهي سي ڪي ڏاڍا مڙهن جا پڪا آهن جو انهن جو پڙهڻ به لئو پوي. اٿي هڪ نظير ياد ٿو اچي ته:-

ڪنهن ماڻهون شينهن کي سڌس ڦوٽو ڏيکاري چيو ته ڏس ته اسان جو ماڻهو ڪو شينهن کي چڙهيو ويٺو آهي هلائي. اٿي شينهن ورندي ڏني ته اڙي يار اهو ڦوٽو ڪيڻ وارو ماڻهون آهي جي مان شينهن ڦوٽي ڪيڻ وارو هجان ها ته انهيءَ ماڻهوءَ جو رت پيندو ڏسين ها جو مڙهن جو سياوپڪ ڌرم آهي.

اهين ته برابر آهي ته اعلوڪا شلوڪا ساکيون شبد سوال عمريون جهوليون انتري قدر قيرايون ويون آهن جو اصل سان پيت ٿيون ڪجن ته واڙو ٿي ٿو وڃي جو سڀڪو پٽاڪ هٿڻ لاءِ ڳوءِ ڪٽي وڃڻ چاهي ٿو. اهو ته ٿيو پر اهڙي لئه ليم ڪرڻ جا پاٺ پا مهاتمائن جا

وڃان ٿو. شام جو جڏهن پنهنجا صاحب ۽ ديوان صاحب وري درشن لاءِ ويا ڏٺائون ته مهاتمائون ڌيان لڳايو ويٺا آهن ۽ چيائي جڏهن مهاتما کي زور ڏيئي ڏنا تڏهن احوال ڏنو ته چادر مهاتما کي پيئي هئي ويو ڪونه ڪپڙو جهڙو ٿيندو تان جو ڏسان ته چادر کي زور پيو ڏيان ته مهاتما اٿي ٿي ڪونه ۽ ڪانور وانگر اڏامي ويو.

مون کي وشواس آهي پر ايا مڃين نه مڃو نه مشهور مهان يوگي گيانشوري مهراج جو وڏو مهان يوگي ٿي گذريو آهي جڏهن جا سمهيما ۾ ڪرامتون ڏيکاريندا آهن جڏهن جو شريمد ڀڳوت گيتا تي ڀاشن ٺيل آهي جڏهن کي گيانشوري گيتا ڪري چوندا آهن. جا انڪل ٧ روپين ۾ ملندي آهي. گهڻو ڪري يوگ، ابياس جي مونئي تي ڀاشڻ ٺيل آهي. ان ۾ مهاتما ڏيکاريو آهي ته ڪورون ۽ پانڊون جي يڌ ۾ اڳ ۽ يوگيشر اعلي ذات الهي حاضر هئاسون ۽ شري ڪرشن ڀڳوان جو ڀاشڻ جو ارجن کي ڏنائون سو ٻڌوسون. هاڻي اهڙن مهاتمائن جي ڳالهائن تي ڪيئن نه وشواس ڪجو جو هزارين ورهين جي ڳالهه ٿي پيئي ڏک رڳو اهو آهي جي يوگ، جا ابيا نچيندر ذات گورک ذات اعلي ذات ۽ ايا جن کي يوگي مهاتمائون گرو ڪري مڃين ٿا تڏهن کي صلاحي شش صدق ۾ پر جهي گرو گورکذات کي چاڪرين دوارن مارون ڪيايون آهن ۽ پيون وري هه - ها - هه - هوءِ ۽ گدڙن وانگر ڪوڙيي ايرائي

انهن جي ڪري اهو هوندو ته آخر تمام ننڍو ٿي پيو آهي. انهن ڪري سولو رستو هوندو جو فرمايو ويو سيڌي لاءِ لاڳاپا ڪٽيءَ. انهن لاءِ پوءِ ڀاڳ شڪ سروپ مڇندرناٿ گورکناٿ ۽ انهن ناٿن ۸۴ سڌن کي ونڪ ناڙ جي آڳتي ڪرڻ هوندو جو رستو ٻڌايو. جو سکيو به آهي ۽ هٺ يوگ وارا فائدا حاصل ٿين ٿا. اهو احوال مڇندر پوٿي ۾ لکيل آهي اسين به مارگ ۾ هي شلوڪ چوندا آهيون:-

گذيا گورک ناٿ کي چار وهيون ۽ چار
اسين چيلا انهجا اون ڪن ڏنگا ۽ ڏار
سائي مع سيکار جا اصل آديسين جي

هاڻي ونڪ ناڙ جو رستو ڏيکاريو. ڏهن هن ناڙ جي ڏارنا ڪري ان جو کڄڻ لهڻو، ان جو رستو هي آهي-

هيءَ ناڙ مڪ ڦروڻي (Medu lla Oblongata) کان اڪري ٿي ۽ سکمڻا ناڙ جي دوارن الڳ الڳ ناڙن ۾ پروڙش ڪري ٿي ۽ ناڀي چڪر وٽ اهي ٿي ناڙيون گڏجن ٿيون ۽ ڪجهه انهيءَ جون چانيون خصين تائين وڃن ٿيون پر مکيه استان ناڀي يعني مڻي پو چڪر آهي هن ناڙيءَ ۾ گهڻيون ناڙيون سڀ چمد ڪريا واريون آهن (Autonomic Nerves) جي دل، ڦڦڙ، پيٽ، گردا، جگرا ۽ اولاد پيدا ڪرڻ جا عضوا انهن ۾ هو سڀ پهچڻو ڪم ڀاڱ ڪن ٿيون. انهن ٿي اسان جو ڪواسه

شلوڪ ۾ ڪي شلوڪن جا اکر ڦري پڙهڻ جا اکر پيا ڪم
آڻين جڏهن ته هو انهن مهاماڻن کان به وڏيڪ ڄاڻو آهن.
مطلب ته ساهتيه جو چڱو اڀياس حال ڪيو اٿن. ڏوهه
ڪونهي اهو اٿو ويدانت روپي ٻوليءَ جو ترگڻ
مايا جو ڪيل پڙهي

अघटन घटन- पटीयसीति माया

ارٿات:- جا نه ٿيڻ ٿيڻيءَ کي ٿيڻي ڪري ڏيکاري.
۽ جا ٿيڻيءَ کي اڻ ٿيڻي ڪري ڏيکاري اهڙي جا چتر
آهي سا آهي ترگڻ روپ مايا. مطلب ته:- مايا ٽيرا ٽين
نام: ڦرسو- ڦرسوءَ ڦرسرام

پڙهي وات جي پلاءِ لاءِ گيهه. جو صرف ٻه قداعس
ڪهڙي ڪجي. (عاقلان را اين اشاره ڪافي است.) عاقلن
کي اهو اشارو ڪافي آهي.

ديڪشانڪ ١١

وڏڪ ناڙ VAGUS (10 th Nerve of brain)

هيءَ هڪ الهامڪ ڳالهه آهي جو ٨٤ سڌن ۹ ناٿن
کي عرض ڪيو ته هٺ يوگ واري اڀياس لاءِ تمام اعليٰ
درجي جو آهي جو ڀڳتي- مڪتي- تندرستي اجرا امرتا
پراپت ڪرائي ٿو پر ان جا اڻ ڪاري تمام ٿورا ملن ٿا.

ٿئي ٿي تہ ڏائي پاسي وارو اڌ رنگ (Hemiplegia) لڳي ٿو.

جيئي ڏائي پاسي ڌڪ وغيره لڳي ٿو تہ ساڄي پاسي اڌ رنگ جي بيماري ٿيو پوي. انهيءَ ڪري نئين ناڙيون الي گڏجن ٿيون لهن ڪري انهيءَ ڪَسي مڪمت ٿرويٽي، سنگر گهاٽ چنجي ٿو ۽ انهيءَ جاءِ ڪان ولڪ ناڙ اُپري ٿي. انهيءَ ناڙ جي ڌارٽا ۽ ڌيان فقط نن چڪرن ۾ ٿئي ٿو. جڏهن ۾ منتر، ڪلا شڪتي ۽ سنوت دوازان ابياس ٿئي ٿو. پاربتي درشن وارا يعني ناتسمپرداءِ وارا ناٿي، هردي ۽ آگيا چڪر ۾ نمبروار برهم گرنٿي، وشنو گرنٿي، رودر يا شو گرنٿي انهن هندن تي ڌارٽا يا ڌيان ڪن ٿا ۽ شو درشن وارا يعني گرني سمپرداءِ وارا وري نـن چڪرن مول ڌار هردي ۽ آگيا چڪر ۾ نمبروار شيو لنگ، باڻ لنگ، اِتر لنگ تـن جو اُهن ننهن چڪرن ۾ ڌيان ڪن ٿا. پاربتيءَ درشن وارا هريم بيج (ह्रीं) سان ۽ شو درشن وارا اوم (ॐ) بيج سان ڌيان ڪري ڀگتي مڪتي ٻئي حاصل ڪن ٿا.

انهن چئن ناڙين يعني آڙا يعني انگلا ۽ پنگلا، سکمنا ۽ ونڪ ناڙ ڪان سواءِ ٻيون نَو ياڙهن ناڙيون ليوگن چيون آهن جن جا نالا آهن. (۱) ڪهوُ (۲) گندهاري (۳) هستي جوهبا (۴) سرسوتي (۵) پوشا (۶) پيسمبني (۷) سنکني (۸) نشسوتي (۹) وارونا (۱۰) وشوودرا (۱۱) المبوشا.

حڪم هلي ڪري، ٿو سگهي. جيئن کاڌو پچائڻ، ولوڙڻ، ڳاهڻ وغيره وغيره.

انهيءَ ڪري اسين هڏن ڌاڳن سان ڪنٽرول ڪيون ٿا ته پوءِ سڀ ڳالهه سڌ ٿي پوي ٿي اها پهرين ٿي پراڻ ٿي جي اسان هٿ پوڳ. ۾ چئي آيا آهيون حڪم هلائڻ واري آهي. هن ناڙ ٿي اسين جهڪڻ ڪا چرپر ڪيون ٿا ته دل ۽ ڦڦڙ ڌيري ڌيري ٿي بند ٿي وڃن ٿا پر جي هن ناڙ کي ڪٽي ڇڏيو ته دل ۽ ڦڦڙ اهڙا ته تکڙا هلندا جو ڪنهن جي جهلڻ جا نه رهندا. ڏروڏي جدن مان هيءَ ناڙ نڪري ٿي وڏي مغز (Cerebrum) ننڍي مغز (Cerebelum) جي وچ ۾ جنهن ۾ پاڻي پيل آهي Cerebro Spinal Fluid ان ڏروڏي کي اهڙو وانگر رکيو آهي جو ڪوڙ تڪ اڳي ته ڏروڏي ۽ ناڙين کي تڪليف نه پهچي اهو پاڻي سڄي ٿنڀيءَ جي ڪنڊي ۾ پيل آهي جو مغز جي بيماريءَ وقت ڊاڪٽر ٿنڀيءَ جي ڪنڊي مان پاڻي ڪڍندا آهن.

مغز جي ٻارهن ناڙين مان ڇهه ناڙيون مکيه ڏروڏيءَ مان نڪتيون آهن ۽ ٻيون مغز جون ڪريا واهه. ناڙيون انهيءَ هنڌ هڪ ٻئي کي ڪينچيءَ وانگر ڪٽين ٿيون لنگهي ڪري مغز جي ساڄي پاسي واريون ناڙيون بدن جي کاٻي پاسي وڃن ٿيون ۽ مغز جي کاٻي پاسي واريون ناڙيون بدن جي ساڄي پاسي وڃن ٿيون لنگهي ڪري مغز ۾ ساڄي پاسي ڌڪ لڳي ته کاٻي پاسي وڃي ٿي ڪا بندش

شارد ميمانسا اسي هيٺ ڪري ڪيترا انهن يوڳن جا خاص لفظ سواءِ ڄاڻڻ جي ڪنهن کي به ڪين سمجهه ۾ ايندا انهن ڪري اِنهن کي هرڪو حق آهي ڇوته ته جڏهن اسين ڪجهه ڪرڻ سمجهي سگهون ٿا ته هيءَ اپديش سان جي ڪنهن ڪم جو ڪونهي. سو اهو ڇوته ۾ بلڪل ٺيڪ آهي پر انهن نه سمجهڻ ڪري اَصل ٺر آشا نه ڇڏڻ گهرجي ڇو جو انهن کي ماستر ڪنجي هٿ ۾ ڏجي ٿي جنهن سان ڪهڙو به ايشور جي پڄڻ بعدلي اَڀياس جو ڪلف کولي سگهجي ٿو. اِها ڪنجي هيءَ آهي ته من اَهنڪار بڌي ۽ چت بعدلي چنتا انته ڪرڻ جو جن سروپ اڀياس ۾ ڄاڻو ٿي پنهن جي آتما ڪئي انيڪ ڪيو ڇو جو چئن انته ڪرڻ کان پوءِ آهي آتما. انهن ۾ من جي سروپ کي ڄاڻي انجي دور ڪيو. اهڙي طرح اهنڪار بڌي چت کي ڄاڻي دور ڪيو ته ان کان پوءِ پنهن جو سچيدانند سروپ آتما آهي انهن ۾ اهو استثني پائي ٿو اُهو آهي پرم پد يا مڪتي. سڀئي يوڳن ۾ انهن چئني من اَهنڪار بڌي ۽ چت جي ڄاڻڻ لاءِ چار چاڙهيون بعدلي منزلون اوستائون يا پئوڙيون (Stages) ڏنيون آهن انهن جو ڪريا گيان ڄاڻڻ سوئي اَڀياس گرو اپديش يا ديڪشا آهي.

سڀئي يوڳن پنهنجي پنهنجي طريقي موجب ڏنيون آهن. پر جهڙو پاڻي تهڙو جل. تهڙو آب تهڙو Water

انهن ناڙين جو ٿورو احوال سڀني رستي يا مارڳ جو ڏيکاريل آهي. پر اهي ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ رٿ ٻوڳ اڀياس ۾ ڪم ٿيون اچن ان بابت ڪوبه احوال ڪونهي له، الاجي اڀياس ۾ ٿيون ڪم اچن يا بيمارين وغيره ۾ ٿيون ڪم ڏين.

اهڙيءَ طرح ٻين ڪن هٺ جون به ڪيتريون ناڙيون گهڙي ٻڌايون آهن ۽ ٻيا ڪيترا ٻوڳ جا اکر چئي ان جي ساراهه جا ٻيڪ پئي پريا آهن پر انهن اصل ڪو به ڏيکاريو ان ڪهڙي رستي ۽ ڪيئن اهي اسان کي ڪم ٿا اچن ان جو ڪو به پتو ڪونهي.

جيئن ته سڀئي شاستر ايشور جي ڪرب استولي ڪري مکه ٻولي ڪن ٿا پر ايشور پرم تتو يا مها شڪتيءَ کي ڪيئن پائجي ان بابت فقط ٿورا شاستر ڪجهه ٻڌائين ٿا ڪيترا ته شاستر ساري عمر پڙهيا ته شاستر ڪوري ڪتندا انهن ڪري شري شنڪراچاريه ٻڌوان جي چوڻ موجب ته شبد جال تمام وڏو بن آهــي. انهن ۾ گرو اڌياست چمت ڪرم سان ٻوڌ وارڻي اڀياسيءَ کان سکيا وٺو.

اوجهڙ چالي ان ڪون ڪالتو لائي
مــارڳــ چــالــي ســو جيوي

هي ڪنڊلني ٻوڳ، هٺ ٻوڳ ۽ وڏڪ ناڙ ٻوڳ گهڻو ڪري وڏن مهاتمائن ۽ سڌ پرشن ٻڌن جو شبدن ۽ ساکين ۾ گهڻي قدر سڀني اپولي ٻــدل واکاڻيا آهن پر اهــي

ڪافي آهي. هي مون شاستر ساڌارڻ عام ماڻهن لاءِ ئي لکيو آهي نه ڪي ودوان يا ابياسي پرشن لاءِ. جنڪي منهنجو نمسڪار آهي. پڙهي ڪٿي ڪيترو نه پڙهن جو جتن ڪريا گيان يا ڪڙهڻ نه آهي ته، ڪجهه ڪونه ورلدو. ڪڙهي ابياس ڪري وري استني پائڻ بعدي ترڻ نه ٿيو نه ڇا ٿيو. پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ ترڻ ۾ نه وڏو انتر آهي. تنهن ڪري اڳتي پڙهو نه صبر ڀولدو نه. مون سچ لکيو آهي يا ڪوڙ.

ديکشانڪ ١٢.

مانسڪ يوگ

مانسڪ يوگ سڀ من جي وگيان تي ٻڌل آهن. ته، وڏو مانسڪ يوگ ٻڌ جي ڪي اڳ ۾ مان پراڻڪ يوگن بابت لکيو آهي سو. گهڻو ڪري ترو ڪا ڀيوڪاورلي جي آڌار تي ٻڌل آهن ۽ سچ پچ انهن آهي نه مـن جي ٻروڙي کان سواءِ ڪوبه يوگ هلي نه سگهندو. من ئي سڀني ۾ پڌان آهي. تنهن ڪري جي من جي وگيان جو ٻماڻ يا پيڙه هڪي آهي نه پوءِ يوگ روپ عمارت اهي سگهندي تنهن ڪري اهو تمام ضروري آهي نه مدو وگيان بابت اڳواٽ سنڌس ٿورو گهڻو سڌانت جو يوگ مارگ ۾

سڀ ڳالهه هڪڙي آهي. ٻنهي ۾ من جو وگيان جاڻڻ لاءِ ماسٽر ڪنجي آهي. اهو منو وگيان جنهن کي ويد ڀڳوان جي برهما وديا نالي سڏجي ٿو جو اوهان کي ويد ڀڳوان جي شرتين سان اليوڪ ڪرايو ويندو. اهو گيان ڪڏهن اڳين ليو ٻنهي جي ڪمن کي به خبر هئا. آهي جڏهن ڪر رشي منيءَ ۽ ويد آهي ڏٺين ڪر هليو پيو اچي. اهو گيان ڀارت ورش ۾ نورانن جي مارڳ ۾ ڪرو شش کي اپديش ڏيئي ڪرائيندا هوا. جن نورانن جي الپتي جي ڪنهن کي به خبر ڪانه. اهي انادي ڪال کان هليا ٿا اچن. اهو منو وگيان يعني برهما وديا پوءِ پين سڀني ٻاهرين ديشن وديشن ۾ پکڙجي ويئي. انهن سڀني پڙهندڙن شش کي وري سڀني ڀاشا ۾ اپديش ڪرايو. اهڙي طرح سڄي دنيا ۾ هلي ويئي. اها بلڪل سگم ۽ سگم آهي جو ساڌارڻ عام ماڻهو به سمجهي سگهي ٿو. سا وديا توهان کي برهما وديا جي انڪ ۾ ڏيکاري ويندي. صرف ٿي چار صفحا آهن جنهن ۾ سڀ سدس سڌانت يعني اصول ۽ اڀياس ۽ منو وگيان جي جاڻ ڏيکاري ويندي. اهائي بس آهي. هي ڏنو اهڙو وڏيڪ پين لوڪن لاءِ لکيو ويو آهي انهيءَ لاءِ جي لوڪ ڪن نه پڙهي ڪن نه به ٿورو انهن جو ساڌارڻ گيان به ضرور هجي ڇو نه سڀني لوڪن جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ آهي. پر ڪل ڪلا ٿي برهما وديا ٿي پڌل آهن جا سڀني ودياڻن لاءِ

وانگر اکين تي پوي ٿو ته اکين جيان واهڪ ناڙ يعني (Retina) جي دوارا اهو عڪس ڪٽي مٿي جي ننڍي مغز يعني (Cerebelum) تي وڃي ٿو ۽ اتي پدارٿ کي سڃاڻي ڪريون ٿا ته فلاڻو پدارٿ آهي. سمجهو ته اهو مغز يعني (Cerebelum) ڪنهن نموني بند ڪري ڇڏيون ٿا ته اسين ڪجهه ڪونه پدارٿ ڏسون ٿا. انڌن جهڙو ٿيو. سچو ڏسندڙ نڪو اکيون نڪو گيان واهي ناڙي آهي. باقي اهو ننڍو مغز آهي. پر وري ڏسون ٿا ته ماڻهون ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي ۽ سندس اکيون ٻوٽيون ٿيون پيون آهن. اهو عڪس پيا ڦرن ٿو ته اکين ۾ آهي اهي ناڙيون به سالم آهن ۽ مغز به آهي ته به ماڻهون ڪونه ٿو ڏسي ته ڪهڙو پدارٿ آهي جيستائين ان سان من نٿو گڏجي. يعني ڳالهين ۾ ويٺا آهيون اخبار ويٺا پڙهون ۽ اُن ۾ من لڳي ويو آهي تنهن ڪري اسين انترو گاڏيءَ جو هارن جو گوڙ ڪونه ٻڌون ٿا. ڇو ته اسان جو من ڪنهن ڏانهن ڪونه هو. جڏهن ڪنهن ماڻهن سان ڳالهايون ٿا توهان ٻڌو جهڙي اسان چيو ته چوي ٿو ته من ڪون ٻڌو. تنهن مطلب من انڌاهن ڪوٺي ان مان ثابت ٿيو ٿو. جي من نٿو گڏجي ته ڪجهه ڪونه ٿو سمجهه ۾ وڃي. من ۾ وري اهنڪار آهي (Cgrioen) جو ماڻڪي اٿي ڪان

هلي ٿو تنهنجي اُپٽار ڪجي ٿو. جڳياسُن لاءِ سنئون ٿيندو
ته ته پيڙهه پڪي نه هجڻ سبب وهمن يا ڀرم کون
اڇي سگهندو. تنهن ڪري هي پهريان ڏاڪا ضرور سمجهڻ
يوڳيه آهن. ويد جي شرتي آهي.

चिन्मात्रं चिन्तनापेक्षिकार्यकर्म्मानुयोगतः इति ।

ارٿات:- چِن ماتر يعني پرم تتو چِنتن ڪرڻ سان ٿئي
ملي ٿو ۽ هي شرير ڪرمن جي الوساڙ ملي ٿو. اهو
اسين اڳئين جنمائي آيا آهيون ٿا. جهڙو ڪرم ڪبو
اهڙوئي ڦل ملندو. سڪرت جو سڪرت- دشڪرت جو
دشڪرت ملندو. هاڻي باقي اِها ڳالهه رهي ٿي. جنهن
وچار سان ٿي پرم تتو انڀو ڪبو يا پراپت ڪبو
تنهن لاءِ پهريائين نياءِ شاستر جو سوتر ٻڌايان ٿو ته من کي
جڳتر جي سڀني پدارٿن جو ڪيئن گيان حاصل ٿئي ٿو.

आत्मा मनसा संयुज्यते मनः
इन्द्रियेन इन्द्रयमर्थेनततो भवति ज्ञानम्

ارٿات:- آتما من سان، من اندرين سان ۽ اندريون
ارٿ يعني جڳت جي پدارٿن يا دِرشين سان ڳنڍجن ٿيون
تڏهن ٿي ڪنهن ستل ٻوڙي سوکيم پدارٿن جو گيان
ٿئي ٿو. هاڻي هن عام رواجي ڊاڪٽري نموني سان
ڪيئن ٿو پدارٿن جو گيان ٿئي. ونو اکيون اسان کي
پهريائين ڪنهن پدارٿ جو عڪس يا ڇايا ڪئمرا

آتم سروپ پرواڻ پد آهي. انهن سڀني مانسڪ ڀوڳن
لاءِ هيٺيان ٻه شلوڪ ڀوڄپاد لڳو وينا گرو صاحب موليرام
صاحب مهڏجي ڏاڏي صاحب جي انڪل ٻن سون
ورهين جا ٺهيل. جي سندس انيڪ پرڪاش مان ڏيان ٿو
جي هنن اپياسن جا مول منتر آهن.

شلوڪ :-

جوڳي هليا جوءِ ڏي وٺي گروءِ سنڌوئي ڳس
پٻن پر لاءِ پسڻ جو هن ڏيهيءَ مڃهاڻي ڏس
جوڳي ڪٿي جس وڃي مليا گرو موليرام چوي

ارٿات- جوءِ معنيٰ آتما يا پرم تتو جي ڄاڻڻ لاءِ گروءِ کان
اپديش وٺي جوڳي جن اڀياسي پرش اڳتي هليا. اهوئي
ان کي آتما جو ڏس معنيٰ خبر هن شرير ۾ پئي ته آتما
هن ديهيءَ ۾ آهي ۽ هن کي ان شرير ۾ ڳولهي لڌو.
پوءِ هنن يوگي جن پرشن هن ديهيءَ ۾ اڀياس دوارا
سڌيا حاصل ڪري وڃي هن پر پرهم آتما سچت
آنند سروپ سان مليا

شلوڪ ٢-

جوڳي هليا جوءِ ڏي جت چڙن سڌي چاڙهي
پنج چڙي پوري ٿيا لڳي تن اندر ٽاڙي
ڏسي سن سڌي ڄاڻي وڃي مليا گرو موليرام چوي

ارٿات- جي يوگي جن پرش ايشور جي جوءِ معنيٰ
ماڳ يا استان ڏي ڪاهين ٿا ته انهن کي انهن چڙن معنيٰ

جدا رکي ٿو تڏهن اسين ڇٽي سگهون ٿا. هيءَ ڪا ٻي جدا شيءِ آهي. اِن وري ٻڌي لڪشڻ ڪري ٿي ته هيءَ شيءِ ڦلاڻي آهي. سواءِ تڏهن جڏهن اڳ ۾ ئي اهڙي شيءِ ڏٺل يا انڀو ڪيل هوندس تڏهن ٻالو وٺي چوندي ته ڦلاڻي شيءِ آهي. هاڻي اهو سنسڪار ٻڌيءَ ڪتان هٿ ڪيو اهو ٻڌيءَ چت مان سهي ڪيو هاڻي اهو چت ڇا آهي؟ اهو آهي من ۽ ٻڌي، اهنڪار جي سنسڪارن جو خزانو (Store House) جنهن ۾ خيالي خيالي سڀ ڪرياڻون هلي رهيون آهن جنهن کي ورلي ٿو چڙهي. انهيءَ جي پٺيان ئي چيتن سروپ آتما آهي جنهن جي جوتي پرڪاش جي دوازان ئي هيءَ من، ٻڌي، چت، اهنڪار پنهنجون ڪرياڻون ڪري پدارٿن جي جاڻي سگهن ٿا. انهيءَ کي ئي خيال يا ويچار يا چيتن چڙهي ٿو. من، ٻڌي، اهنڪار، چت ڪيئن اِي ڪم ڪن ٿا ان کي ورلي چڙهي ٿو.

هاڻي اها آتما ئي خود برهم ست چت آنند سروپ اسان جي لکش آهي جنهن کي جاڻي انڀو ڪري مدهوس سمائجي وڃبو تڏهن موکش يا پرم پد ملندو. انهي ڪان ثابت ٿيو ته جڏهن اسين من اهنڪار ٻڌي چت ۽ اندرين جي ڪرياڻن کي سڃاڻي انهن کان ڌار کي آجو ڪري اڪيلي هلنداسون ته ان کان پوءِ آتما ئي آهي انهيءَ ۾ ئي ابياس جي دواران وڃي سمائنداسون جو پرم لڪو پرم پد

سو ٻڌائين ٿا ته انهي جا ٿيندو سو ڪوله ٿا ڇون ته جي ٻڌائين ٿا ته چڱا ڀت ٿا ڏٺن ته اهي ڀت ۽ اڪين ائي اُهي ڪنهن فهرستمطق ۾ ٻڌل هجن يا شاستر يا ويد ٻڌل هجن ته واهه واهه. هتي ته آنترڪ رهسيه ۽ سرم جي جڏهين ابياسيءَ کي خبر ٿيندي تڏهين ابياس جو ڦل آتم سروپ حاصل ٿيندو. هاڻي جڏهن ساڌڪ شروعاتي منزل ۾ آهي ۽ انهي وقت جي ڪاله خبر ڪانه ٿي پوس ته، اهو ڪڙو ڦل پائيندو سا توهان سمجهي سگهو ٿا. پر انهن چيو ته اهو ته ڪاڻڪ جي زماني ۾ چڱو آهي. چيو ته:-

پريان سندي پار جي منزل ئي مٺائي

ڪانهي ڪڙائي چکڻ جي چيت ڪري.

ارٿات. ايشور جي پار جي جيڪا ته چرچا آهي سا سڀ مٺي مٺائي آهي پر جي مٺائي چيت ڪري يعني سمجهي ڪاني ته اها ڪا ڳالهه ئي آهي چيو ته روزا ماڙون اهو ٻڌي چڱو ڪم پر اوکو پيو فهم جنهن سان پسڻ ٿيان جو.

هاڻي پوجيه پاد مهرشي وياس جو گيان يوگ. سدڪشيپ ۾ شروع ڪجي ٿو. هي گيان يوگ ستن ڀومڪائن ۾ ورهايل ويو آهي. اهي ڀومڪائون هي آهن.

(١) شڀ اڇا (٢) سوچارڻا (٣) تنمانسا (٤) ستوآپتي (٥) اسنسڪتي (٦) پدارٿ ڀاونا (٧) ترييا- انهن ۾

من، چت، اهنڪار، ٻڌي جون اهي چار چاڙهيون، ڏاڪا يعني منزلون سمجهي چڙهڻيون آهن. جڏهن کي چتشت انتهڪرڻ چئجي ٿو. سي من جي چتشت انتهڪرڻ جي ماڙي چڙهڻ ڏاڪن واري چڙهي پهچائيءَ جو پرجين اسٿان پرم تتو آتما ست چت آنند سروپ ۾ وڃي ملن ٿا. گهڻو ڪري جيڪي پرماتما جي ملڻ لاءِ گيان ڪرائيون آهن سي انهن چئني منزلن لي ٻڌل آهن. اهڙي سگم ۾ سگم رستو آهي جو ويد، شاسترن، رشين، منين جو ڏيکاريل ۽ انڀو ڪيل آهي. سو ان انڀو ٿيل طريقن سان هلبو ته منزل مقصود يعني پرمين جي لکشه آتما کي حاصل ڪبو.

پرچڻي اگرين برابر ڪون آهن. ڪئين مهاتمائون، يوگيجن، ستپرش گرو آهن جن جو اپديش ٻڌي جگياسو چين ماڻر پرم تتو موکيه پد کي پائي ٿو. پر اڄ ڪالهه ته اهين ڏسڻ ۾ پيو اچي ته ڪئين گرو ماوا ۽ مايون آهن جو پدم آسڻ ٻڌائي، اک جي چوٽيءَ يا پرڪٽيءَ ۾ نظر لڳائي گرو جي تصوير اکيان رکائي ڪن، گوڏي ۽ ٻانهيءَ جو ڪمبو سڌو رکائي، هٺ جي گيان مدرا ٻڌي سوهم جا سوسان يا ٻئي ڪنهن بيج منتر جو جپ پيا جپائين. آهي ته تمام سٺو پر اُن کان پوءِ ان گروءَ جي تصوير ۽ منتر جو ڪهڙو روپ سمجهندو ۽ ابياس ڪيئن ڪندو ۽ اڳتي ڇا ڪندو؟ يعني ڪيئن وڌي سگهي. ابياس ڪجي

(ساکي برهم سروپ آڪ نهين پيدا ڪو گڏ،
راڳ دويش مٿي ڪي ڌرم تن ۾ مانت انت)

ارٿات- ساکي ۽ برهم هڪ ئي سروپ آهي جنهن ۾ ڪوبہ پيدا ڪونهي اهي راڳ دويش بُڌيءَ جا ڌرم آهن. اهڙيءَ ريت هن چوٿينءَ اوستا ۾ اُنهيءَ ابياسيءَ ڪـي هن جڳتر ۾ سڀ ڪنهن ۾ آتما ئي اچو ٿئي ٿو.

ننهن ڪان پوءِ ابياسيءَ کي سروتهه آتما اُنڀولي هٿ ڪري اُنر وئراڳ پنجين منزل اسمسڪتي حاصل ٿئي ٿي. بعدي ڪنهن بہ پدارٿ لاءِ هن کي اچا ڪانہ ٿي ٿئي. ان ڪان پوءِ ڇهين منزل پر وئراڳ حاصل ٿئي ٿو جا ڇهين منزل پدارٿ اڀاولي آهي، جنهي سروتر ان کي برهم ڌسرط ۾ اچي ٿو ۽ ايو ڪجهہ بہ لئو ڌسرط ۾ اچي پدارٿ اڀاوني اوستا جـي پرپڪو اوستا سا ترپا پد آهي جنهن کي موکيہ يا نرواڻ پد ٿو چئجي ۽ گياني پرشن جي اها آخرين اوستا آهي.

پهرين چار اوستائون ستوا پتيءَ لائين ان کي شاڪـس اڀيا سوگہ چئجي ٿو، جو وهنواري گـرو شش کي بـوڌ ڏيئي آتما جي اُنڀولي ڪرائي ٿو ننهن ڪان پوءِ اُنـي اُنهيءَ ۾ ئي شش کي آلمستوراتي ٿئي ٿي، اُها وهنواري گروه جي ڪرپا سان حاصل ڪري ٿو. اُنهيءَ ڪـان پوءِ اسمسڪتي، پدارٿ اڀاوني ۽ ترپا جن کي شالسو اڀياسہ يوگہ چئجي ٿو، ننهن کي ايشور آڌي ذات چئجن وانگر وٺي جڪي پاڻ ۾ سمائي ٿو. اهو ئي سچو پچو ستگرو

شبِ اِڇا موجب جِگياسوءَ کي ايشور درشن ڪرڻ جي
تيور اِڇا ٿئي. (٢) سوِچارڻا يعني ڪتبن دليلن ۽
ست شاسترن موجب وچار ڪرڻ ته برهم تتو. يا شڪتي
تتو ڇا آهي ((تنُمانسا) يعني من کي کوڄي ته ايشور
جو اندرين من اهنڪار ۽ ٻُڌيءَ کان پري آهي، تنهن کي
انتهڪرڻ جي کوج ڪري چدانند سروپ ۾ تدروپ ٿئي
ٻين ڀوڳن ۾ جاڳائڻ اُٿون ته انتهڪرڻ جي کوجنا ترونڪا
۽ تپوتڪا ووٽ ورتين دوارا انهيءَ چنچت انتهڪرڻ
کي جاڳائي پاڻ کان جدا ڪري تنهنکان پوءِ جو پرم تتو آهي
تنهن کي پائي. (٣) (ستواپتي) يعني پرم تتو جي
حاصلات ٿيڻ لي چوٿين منزل تي آتم سڦورتي ٿئي ٿي
پوءِ مشرت روپ ۾ جاڳي ٿو ته آتما هيءَ آهي ۽ منهن
جو سروپ آهي.

शुद्धि आभासे असङ्गरूपत्वेन यत् कूटवत्तिष्ठती ति
कूटस्थ आत्मा।

ارٿات. ٻڌي آڀاس ۾ جدا اسنگ روپ سان جو اچل
روپ انيو ڪرڻ ۾ اچي ٿو اهو ئي ڪوٽست يا اچل
آتما ساکي آهي. اهي ئي آتما انتهڪرڻ جي شڌ
منٿيءَ ۾ پان ٿئي ٿو اهوئي برهم سروپ آهي.
جيئن ته اتوپتا سوامي ٿهچانداس ۽ وچار ساگر ۾
چيو آهي ته:-

ارٿات:- جڏهن ٻڌهن جو شرير وس ۾ ڪيو آهي ۽ اندرين کي جيتيو آهي ۽ ٿلهن اُنڪرڻ وارو سڀني پراڻين کي آتما روپ پرماتما ۾ هڪ ٿي پاڻ ۾ سندس سروپ ۾ استٿت انتڪام ڪرم پوڳي ڪرم ڪندي ٻه لپاءِ مان نٿو ٿئي. (ايشا اپنشد ٧ شلوڪ)

यस्मिन् सर्वाणि भूतानि आत्मैवाभूद् विजानतः ।
तत्र को मोहः कः शोक एकत्वमनुपश्यतः ॥

ارٿات:- جو سڀني پراڻين کي آتما ڄاڻي ٿو ۽ سروَر ايڪتو ڀانئين ٿو، تنهن کي ڪهڙو شوڪ يا موهه رهي جنهن کي ٻڌهن جي موکش جي ٻه اڇا نٿي رهي.

هن زماني ۾ ٻڌان وڙاڱه ۽ ابياس جي ڪهڙا ٿي گياني ٿي پيا آهن ۽ چون پيا تہ اسين آتما سروپ آهيون اسان کي ڪرم ڪرڻ جي ڪانهي! آتما سدائين نرليپ آهي ۽ اسين سدائين موڪ آهيون. سمرتن لاءِ ڪرڻ دوش ڪونهي گرهڻ ڪري يا تياڳ ڪري. ڪرم ڪرڻ گيانين لاءِ ٻڌن ٿي آهي. گيان ۽ ڪرم جي ذاتي دشمني آهي انهن جي باري ۾ هيٺ صاف ڪجي ٿو.

ايشور جو جيستائين پروکيہ گيان يعني انوڀان وارو گيان آهي تيستائين ابياسيءَ کي ڪرم ۽ اپاسنا ضرور ڪرڻو آهي. جڏهن انهيءَ مهاتما کي اپروکيہ يعني ساکشاتڪاري دري گيان ٿئي ٿو تہ انهيءَ سمت پرش لاءِ ڪرڻ ڪرم وغيره جو ٻڌن ڪونهي. انهيءَ ڳالهہ لاءِ

آهي جنهن ۾ سمائيءَ ۾ وڃي اُهو آڪار روپ ٿئي ٿو.
انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ ڪٿ اُپنشد جي هيٺ
شرلي ڏجي ٿي.

नायमात्मा प्रवचनेन लभ्यो न
मेधया न बहुना श्रुतेन ।
यमेवैष वृणुते तेन लभ्यस्तस्यैष
आत्मा विवृणुते तनूं स्वाम् ॥

ارٿات:- هيءَ پرم پرماتما نه ڪي وياکيانن سان نه
ٻڌيءَ سان ۽ نه گهڻي پڙهڻ سان پراپت ٿئي ٿو. پر جنهن
کي هو سويڪار ڪري ٿو سو ئي اُنهن کي لهي ٿو
ڇاڪاڻ ته اُهو پرماتما اُنهيءَ ابياسيءَ لاءِ پنهنجو جو
يٿارٿ سروپ پرگهٽ ڪري ٿو. ... ماتما لاءِ
شري پنڊت ڀڳوت گيتا ۾ چيو ٿي. (١٤+٦ ڀڳوت گيتا)

योगसंन्यस्तकर्माणं ज्ञानसंछिन्नसंशयम् ॥
आत्मवन्तं न कर्माणि निबध्नन्ति धनंजय ॥

ارٿات:- سمتو ٻڌي روپ ڌارڻ ڀڳوت ارپڻ جنهن
پنهنجا سڀ ڪرم ڪيا آهن ۽ گيان جي ڌارڻ جنهن
جا سڀ سنشيه ناس ٿي ويا آهن. انهيءَ کي ڪرم نٿا
ٻڌي سگهن. (٧+٥ ڀڳوت گيتا)

योगयुक्तो विशुद्धात्मा विजितात्मा जितेन्द्रियः ।
सर्वभूतात्मभूतात्मा कुर्वन्नपि न लिप्यते ॥

ارٿات:- مٿين ٻڌيءَ وارا پرش ڪرم اندرين کي هٿ ڪري روڪي ۽ اندرين جي پوڄن جو من سان چنتن ڪندا رهن ٿا سي مٿيا چاري يعني دمڀي يا پاکنڊي يا ٺڳهلا ڄيا وڃن ٿا. هاڻي سمجهڻ گهرجي ته هن گيان يوگ ۾ ۽ پڻ وانگر چار اوستائون آهن جن کي ڪوش ڪري چئجي ٿو. ڪوش معنيٰ آورڻ، اُڍاڻي يا ڍڪ جن آتما کي ڍڪيو آهي ان جو نوارڻ ڪنداسون تنهن کان پوءِ پرم تتو ۾ سمائجي ويهنداسون.

(١) ان مه ڪوش يعني ديهي (٢) پراڻ مه ڪوش يعني ديهيءَ ۾ پراڻن جو سنچار (٣) منومه ۽ وگيان مه ڪوش جتي من، اهنڪار، چت ۽ ٻڌيءَ کي جاڳرتو پوي ٿو (٤) آنند مه ڪوش جتي پرم تتو جو درشن ٿئي ٿو. تنهن ڪري اپاسنا روپي ڪرم ۽ گيان روپي اڀياس ٻئي گڏ هوندا تڏهن پرم گتيءَ جي پراپتي ٿيندي.

جڙ ۽ چيتن جو ڏاڍو جهيڙو ٿو هلي پر جڙ پدارٿ واسنائن ۾ ڦاٿل ڪولهي جو جو آهي مها شڪتي برهم سروپڻي چد آنند سروپا سرواڌار وياپي آهي. سا ڪٺن اچيتن يا جڙ ٿي سگهندي. انهيءَ لاءِ وياڪرڻ موجب هيٺيون مثال ڏجي ٿو.

گيان معنيٰ ڄاڻ (Knowingness or Knowledge) سو نام يعني اسم (Noun) آهي ۽ سڃاڻن سڀ پدارٿ

مان هيٺيون ٻه شرتيون ايشاواسيه اپنشد جون ڏيان ٿو ۽
الهيءَ کان مٿي اِي ڪهڙي ڳالهه ڏجي.

अन्धं तमः प्रविशन्ति य-ऽ विद्यामुपासते ।
ततो भूय इव ते तमो य उ विद्यायां रताः ॥

ارٿات:- اوديا=ٻڌايل سڪامي ڪرم ڪرڻ وارا
پرش سي گهور انڌ ۾ وڃن ٿا ۽ واڪوٽي گيان ڪٿڻ وارا
پرش جي اُپاسنا ڪونه ڪن ٿا سي وري الهيءَ کان ٻه
گهور انڌيري ۾ پرويش ڪن ٿا.

विद्याञ्चाविद्याञ्च यस्तद्वेदोभयं सह ।
अविद्यया मृत्युं तीर्त्वा विद्ययामृतमश्नुते ॥

ارٿات:- جيڪي اُپاسنا سهت (گيان=وديا) ۽ نشڪام
ڪرم روپي اوديا ٻنهي کي گڏ ڄاڻن ٿا سي اَوديا ٻڌايل نشڪام
ڪرم ڪرڻ ڪري جنم مرڻ جي ڦيري کان ڇٽن ٿا ۽
اُپاسنا سهت گيان جي ڪري امرت آنند وٺن ٿا ٻڌايل
پرم پد کي پائين ٿا. پر جي سچ پچ واڪوٽي گيان وارا
جي ڪرم کي ٻڌن سمجهن ٿا تن لاءِ شريمد ڀڳوت گيتا
جي ٣-٦ شلوڪ اڌياءِ ۾ هيٺينءَ ريت ڀڳوان شري ڪرشڻ
چيو آهي.

कर्मोन्द्रियाणि संयम्य य आस्ते मनसा स्मरन् ।
इन्द्रियार्थान्विमूढात्मा मिथ्याचारः स उच्यते ॥

جي سنا کان سواءِ ڪونهي. انهن ڪري سوال ٿو اٿي ته باقي جز ڇا کي ٿو ڇڏجي.

جز انهيءَ کي ٿو ڇڏجي جو ٻاهرين طرح ڪريا ڪندڙ نه آهي پر ان مان گيان سروپ چيتن جي ڪا سنا ڪانه ولي آهي. جيئن ڇڏيو آهي ته ماڻهو جز يعني موڙهه آهي ۽ ڪنهن به ڪم جو ڪونهي نه انهيءَ جي معنيٰ اها نه آهي ته چيتنتا تي رهت آهي سو اٿين ڪولهي. پرماتما روپي چيتنتا ۽ پرڪرتي روپي ڪريا آهي، جنهن جو مثال آهي ته ڪنهن نقاش کي پٽ ڏنو ويو ته هن مان ڪا مورت گهڙي ناهه ساوت پٽ ڏني جواب ڏنو ته سائين هيءُ پٽ پراڻو ٿي ويو آهي ۽ سندس جزا پيا ڇڻن ۽ ڪرن انهن ڪري هن مان مورت ڪا نه ٿي سگهندي. ڪانٽس پڇيو ويو ته پٽ ۾ ڪو ساهه آهي يا حياتي آهي ڇا جو پراڻو ۽ بيڪار ٿي ويو آهي؟ تنهن چيائين ته سائين پٽ ۾ ۽ جڙ ساهه آهي جو پراڻي ٿيڻ لي پارڻ لڳي ٿو جو پوءِ ڪنهن به ڪم جو نه ٿو رهي. هاڻي آهي سوال جزا جن کي اٽون ڪوٺجي ٿو سي ته سائنسدان ڄاڻن ٿا ته انهن ننڍڙن اٽن ۾ طاقت جو پيدار موجود آهي ۽ اهي ڪيئن ته هڪ ٻئي کي (Chemical Affinity) ڪشش يا دوستيءَ جي ڪري هڪ ٻئي کي ڦاڙ ڪري يا بگڙي پيدا آهن ۽ ڪيئن ته دانش رکي هڪ ٻئي کان جدا ٿين ٿا ۽ ڪيتري

آهي جو ڪڏهن به، ڪال ۾ يا ديش ۾ يا وستوءَ ۾ ڦرڻو ڪونهي اهڙي ڪي انڊمان آهي. ٻڙ مايا جي ٽن ڪٽن رچي، ستي، لمي ۽ ڀوت، ڀوشيه، ورتمان ڪال يعني زمان حال، ماضي، مستقبل (Present Past Future)، جي ڪري اهو سچو پڪو گيان جو ڪڏهن بدليو آهي ڪونهي سو ماڻهو کي انهيءَ ڪال جي ڪري انيڪ روپن ۾ ياسجڻ ۾ اچي ٿو. جڏڙيءَ روپه جاڻ مان ٿيو جاڻڻ اسم مصدر (Infinitivemood) انهن مان جاڻڻ ٿو جاڻان ۽ جاڻندس اهي ورتمان، ڀوت ۽ ڀوشيه ڪالن ۾ اچي ويا ان مان آءُ، تون، هو ضميرون (Pronoun) جا ڦيرا ٿيڻ ڪالن ۾ لڳايا وڃن ٿا ۽ ڪيترائي ڦيرا يا گردان Inflections ٿين ٿا.

اهڙي ٿيا فعل لازمي يعني (ActiveVoice) جا ۽ فعل مجهول يعني (Passive Voice) جا ۽ ڪيئن ڦيرا ٿين ٿا سي پڙهي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا ته جاڻ (Knowingness) ته ڦرڻي ڪونهي باقي ٻڙ ڪري روپ جاڻڻ (Iufinitive Mood) انهن مان ٿي اهي ڦيرا يا گردان ٿين ٿا. انهن ڦيرن ۾ جاڻڻ ته سڀ ڪڏهن ۾ پيو ڏسجي جنهن اڻ ڇڏائيندڙ روپ (جاڻ) جو آسرو وٺي ڪري جاڻڻ ٿي ڪيترائي ڦيرا پيدا ڪري ورتا آهن.

هاڻي سڀ ڪڏهن هڪ چيتن جو ڪاس هلي رهيو آهي. انهن ڪري ڪا به شيءِ يا پدارٿ ان چيتن پرماتما

يوڳ ڇٽل ڪون آهي جنهن جو لڪ. جنهن هن يوڳ جي آڌار ڪان سواءِ ٿي سگهي. يوڳ پاد مهه رشيءَ پتنجلي ڀڳوان اسان ٿي وڏو احسان ڪري اهڙو مڪمل طرح سولن ڻي پڌو آهي جو سڀڪي جو ڪرڻ گيان ڏيڻ وارو ثابت ٿيو آهي. سڀئي وڏن اپياسي شاسترن. اپنشدن سڀڪيا شاسترن ۽ پراڻن ۾ جيڪي به يوڳ لکيل آهن سي سڀ هن راڄ يوڳ جي متن ٿي پڌل آهن لهڻڪري هن راڄ يوڳ جو اسانجي ڪم اچڻ جهڙو ٿورو گهڻو احوال ضرور ڏيڻ ۾ اچي ٿو. ڇو جو هن يوڳ جي ڪريا گيان جي سمجهڻ ڪانسواءِ سڀ يوڳ پٽا ٿي پوندا.

هاڻي سمدس ارث پٽا شڪتي لکان ٿو.

هن يوڳ کي راڄ يوڳ يعني اشٽانگ يوڳ ڪري ليکبو ٿو. معنيٰ سمدس اٺ انگ آهن، لهن ۾ ٤ ٻهريان ٻاهران يعني ساڌارڻ ساڌن آهن (يم-نيم آسڻ پراڻايام) چار پويان انتر انگ ساڌن آهن يعني اندر جي اور يعني ڪوجه وارا آهن پرتياهار- ڌارڻا- ڌيان- سماڌي . هي پويان ٤ ساڌن تمام ضروري آهن ڇو جو ان انتر ساڌنا ڪانسواءِ مـــن پڌيءَ چت ۾ جيڪا پرڪرڻا هاءِ ٿي سا ڪاله ڇاڻـــي سگهجي. ڇو ته ستن ۾ ڪرڻان ۽ اپياس ۾ اهي چار انگ ٿي ڪم اچڻا آهن جن کي ڇگـــيءَ طرح سمجهڻو آهي لهن ڪان پوءِ پوءِ پد حاصل ٿيندو. ڀڳوان سرلو پتنجلي ڀڳوان جي راڄ يوڳ ۾ ڏنل آهي سو هي آهي.

۽ انهن کي سمجهه يا چيتنا؛ يعني ڄاڻ آهي جو راڳ ۽ دويش (Attraction Repulsion) يعني قابو ڪرڻ ۽ جدا ٿيڻ جي چيتنا يا ڄاڻ ڏيکارڻ لا انهي ڪري اهو پرماتما چيتن سڀني هنڌ آهي ۽ سروڙ وياپي آهي. جڙ وڻو انهن مڙش جي يوڳ. اڇا آدي سنسڪارن ڪري پائڻ ۾ اچي ٿو.

शक्तिः वै ज्योति स्वरुपा ।

ارٿات. اها شڪتي ٿي جوتي سروپ يعني چيتن سروپ آهي جا سروڙ وياپي آهي جا ٿي چيتن سروپ آهي. شڪتي جو اڪر ٿي اهو سامرٿيه ٻل وارڻ ۽ چيتنا ڏيکاري ٿو.

ديڪشانڪ ١٣.

راڄ يوڳ يعني اشٽانڱ يوڳ

هي يوڳ سڀ کان سيني يوڳن جو راڄا آهي انهن ۾ شڪ ڪونهي. جيڪي ڪجهه اڳي سڀون پراڪ يوڳ بابت چيو آهي يا هن کان پوءِ جيڪو مالڪ يوڳ جو احوال ڏيندس سي سڀ يوڳ. ويدي پرما وديا سمجهه هن راڄ يوڳ جي سڌانت لئي ٻئل آهن. مطلب ته ڪوبه

ڪيئن جاڳڻ ۾ اچن ٿا ۽ اندرين ۽ انتهڪرڻ ۾ ڪيئن انهن جو واپار هلي ٿو جڏهن اهو ڄاڻنداسون تڏهن انهن کي الڳ ڪري ۽ اُپٽي وڃنداسون تڏهن اسان کي پرم تتو جو ديدار ٿيندو جو انهن سڀني ٻڌن کان پري آهي. اهو وستار اسين اڳتي مانسڪ يوڳ ۾ ڏيئي چڪا آهيون ۽ وڌيڪ وستار ڪرڻ ٿو ڏجي.

هاڻي اسين ساڌن جو ورنن ڪيون ٿا.

ٻاهريان ۴ ساڌن:- تنهن ۾ پنجن قسمن جا آهن. پهريون شاستر ڪ اهنسا من ڪرم ۽ وچن سان ڪنهن کي به نه ڏکوئڻ ” اهنسا پرمو ڌرمهه “ معني اهنسا ئي پرم ڌرم آهي پر پرمگراه کر آزاد ٿيندڙ دشمن اچي اسان تي حملا ڪري ۽ اسين ان کي ڇڏي ڏيون اها اهنسا ڪانهي پر هنسا آهي شاستر ان اهنسا کي نندين ٿا. انهيءَ کي مارڻ يا مرڻ سرڳ گامي ٿيڻ آهي.

۲- ستيه:- سچ ڳالهائڻ.

۳- استيه:- يعني چوري نه ڪرڻ يا ڪنهن کان ڪا شيءِ زوري نه ڦرڻ.

۴- برهم چريه ڌارڻ:- يعني ويرج جي ڌرم انوسار رکيا ڪرڻ.

۵- اپرگره:- پنهنجي موج آنند وٺڻ لاءِ ڪنهن کان ڪا شيءِ سوکڙيءَ طور نه وٺڻ. اهڙيءَ طرح ئي يم به ۵ قسمن جا آهن. جي هي آهن:-

योगश्चित्त वृत्तिनिरोधः

ارٿات- چت جي ورتين جو نروڌ ڪرڻ معنيٰ ناس ڪرڻ. ان کي ئي يوگ ٿو چئجي. هاڻي چت ۽ ورتيون ڇا آهن تن جو احوال ڏيڻو آهي تنهن ڳالهه سمجهڻ ۾ ايندي ته چت جون ورتيون ڪيئن ناس ڪجن ٿيون. چت ۽ چت ورتين تي شاسترن ۾ ته تمام وڏا احوال ڏنل آهن پر هتي هڪڙو ننڍڙو مثال ڏيئي سمجهائي جاري ڪئي ٿي وڃي.

سمجهو ته چت هڪ پاڻي آهي ۽ ان جو ترو آتما آهي ۽ ان جون لهرون ۽ جدا جدا ورتيون آهن. هاڻي چت روپي پاڻي ۾ ڪيترن ئي جنمن جا ستي، رجي ۽ تمي روپي سنسڪار اڳي ئي موجود آهن ۽ وري مڌهن پڌي اهنڪار ۽ من جو ڪنهن سوکيم پدارٿ کي ڄاڻڻ واسطي انتهڪرڻ واپار جو ڪيوڀ متو پيو آهي تنهن ڪري اسان کي چت روپي ۽ پاڻي جو آتما روپي ترو ورتين جي ڪري ئي نٿو ڏسجي پر جي ان پاڻي جو پاڻي تمام شانت ۽ وري انتهڪرڻ جي لهرن جو مڌهس ڪشوڀ ڪوهي ته پوءِ اسين ان آتما روپي تري جو درشن ڪري سگهنداسون جا اسان جي پرم گتي آهي ان کان پري پيو ڪوءِ پدارٿ ڪونهي اهائي ڄاڻ آهي جنهن کي ڄاڻو ته سڀ ڪجهه ڄاڻو هاڻي هن جڳت جا پدارٿ سوکيم توڙي استول ڪيئن

٤- ساڌن آهي پراڻايام:- جنهن جو اڳيئي احوال هت لوڳ ۾ ڇيئي آيا آهيون. ڀڳوان پتنجليءَ کو خاص ڏکيو پراڻايام ڪونه ڏنو آهي پر ناڙين جي شڌ ڪرڻ لاءِ پراڻايام ڪرڻ لاءِ چيو آهي. ڇو جو شري پتنجليءَ ڀڳوان جو ڌيان ئي يعني مانسڪ ڪريائن ئي گهڻو زور ڏنو آهي. ان جي مٿي موجب رڳو ڌيان ۾ من جي سوکيم ائي برهم دوار جي کلڻ جو وسنو آهي. سکمڻا سان گڏ نه من هلي ٿي ۽ تنهن ئي وششٽ ڀڳوان جو چوڻ آهي ته من ۽ پراڻ اهي جيئن پکيءَ جا پَر. پر آهن جي پکيءَ جي من پر ڪي ڪٽي ڇڏبو ته. پراڻ جي پر سان هلي ڪونه سگهبو ۽ جي پراڻ جو پر ڪٽي ڇڏبو ته من ڪونه هلي سگهندو. انهن جو پنهنجو پاڻ ۾ گهرو سنبنڌ آهي. پر هن لوڳ ۾ من ئي گهڻو زور ڏنل آهي.

हेतुद्वय तु !चित्तस्य वासना च समीरणः।
तयोर्विनष्टे एकस्मिंस्तौ द्वावपि विनश्यतः॥

ارٿات- چت جا ٻه ڪارڻ آهن هڪ واسنا يعني سنسڪار ۽ انتهڪرڻ جا وياپار ۽ ٻيو پراڻ يعني گتي يا ڪريا: تنهن ڪري واسنا گهٽ ٿي ته پراڻ به گهٽ ٿي ويندو ۽ جي پراڻ لئه ٿيو ته واسنا به لئه ٿي ويندي.

هاڻي ٿورو شاستر موجب ورتيءَ ۽ سنڌس وياپار جي ورڻن ڪرڻ هتي جڳائي.

ورتيءَ جو لڪشڻ هي آهي:- انتهڪرڻ ۽ گيان جو پرڪاشڪ پرڻام (ڦيرو) تنهن کي ورتي ٿو چئجي.

۱. سوچ:- يعني شرير ۽ من جي شڌي.
۲. سنتوش:- جيڪي ٻٽي تنهن تي راضي رهڻ.
۳. تپ:- نيمن ورتن ۽ سٺن لڇڻن سان اندرين کي اپائي شڌ ڪرڻ.

۴. سوا ڌيايه:- يعني ستن شاسترن جو اڀياس جنهن ۾ پرماتما جي لکيارت ٿئي.
۵. ايشور پرڻي ڌان:- ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ جا سڀ کان پرم ڪرتويه آهي.

اهي پنجئي يم ۽ نيم انتهڪرڻ ۾ ستي گڻ جي ورڌي ڪري ان کي شڪتي ڪن ٿا ۽ انهيءَ انتهڪرڻ جي شڌي هئڻ ڪري ئي ان پرماتما جي جوتي حاصل ٿئي ٿي.

۳. آسڻ:- ٽيون انگ آهي آسڻ. انهيءَ لاءِ شري پتنجليءَ ڀڳوان هيٺين نموني فرمايو آهي:-

स्थिर सुख मासनम्

يعني جيڪو ڌرڍ ۽ پڪو آسڻ جو من کي اُتيڪائي، سوئي آسڻ ڌارڻ گهرجي جنهن ۾ متو ڪنڌ ڇاتي بلڪل سڌي رکي ۽ پٺيءَ جي ڪنڌي کي ڏنگو ڪرڻ نه ڏئي جو سکمڻا ناڙي کي رنڊڪ نه پوي ۽ ڪنڌ لهي شڪتي پراڻن جي دوارن مٿي چڙهي ۽ بدن کي ڪجهه پڙا ڇڏي.

ڪيئن ڪم ڪري رهيو آهي. تنهن لاءِ ٻولان ۴ انترڪ ساڌن ڀڳوان پتنجليءَ ڏنا آهن ۽ اِهي چئني ساڌن جي جاڳرتي لاءِ يعني اندر جي اور جو ٻه احوال ڏنو آهي. اِهي ساڌن آهن:

١- ٻرلهار:- جنهن جي سماڌي سوترڪ آهي يعني دليل سان آهي.

٢- ڌارڻا:- جنهن جي سماڌي نروترڪ آهي يعني ٻنا ڪنهن سوال جواب جي آهي.

٣- ڌيان:- جنهن جي سماڌي سوڀچار يعني وڀچار سان آهي.

۴- سماڌي:- يعني نروڀچار جنهن ۾ ڪوبه وڀچار نٿو هلي. جنهن کي سمپرگيات سماڌي به چئجي ٿو. اِستائين ڪريا گيان من سان هلي ٿو تنهن ڪري ان کي سبيج ڪري ڪوٺجي ٿو.

٥- جا نرٻيج سماڌي آهي جنهن کي اسمپرگيات سماڌي به چئجي ٿو. اِن ۾ نڪو من نڪو ٻِيو ۽ نڪي اهنڪار هلي سگهن ٿا. تنهن ڪري اِن کي اُنمني چئجي ٿو. اهائي سماڌي گيان سروپ آهي ۽ خود پرماتما آهي. اِن عقل سان الله ڪونه ملندو. اِهي پرماتما پاڻ عاشق ٿي معشوق کي درشن ڏئي ٿو.

١- ٻرلهار:- اُن جي معنيٰ نه انترمکي ورتي ڪري ٻين ٻاهرين پدارٿن جو خيال لاهي يعني نروتڪا ورتي.

اُڌري ۾ ان جو ارٿ اهو ٿيو ته- خيال يا ويچار جون لهرون ڪنهن پدارٿ شڪل واري يا بنا شڪل جي چاڻڻ لاءِ چت ۾ ڪهڙيءَ طرح سان گيان پيدا ڪن ٿيون انهن کي، ورتي چئجي ٿو. هاڻي اها ورتي اندر ۾ ڪيئن ٿي لهر پيدا ڪري.

مثال:- اسان جي اکين جي ورتي ٻاهر ڪنهن پدارٿ کي گهيرو ڪري انهيءَ شڪل جو سروپ ٿي وڃي ٿي ۽ ورتي اها انترمکي موٽ کائي من ڏي وڃي ٿي. من ورتي ٻڌيءَ ڏانهن ٿو موڪلي. ٻڌي سان پرکڻا ڪري نشچيه ڪري ٿي ته هي پدارٿ فلاڻو آهي. ان مهل اهنڪار به ان سان گڏ آهي سو ورتي اپنو ڪري ٿو ته هيءَ مون کان جدا پدارٿ آهي ۽ منهنجي لاءِ سٺو آهي يا خراب آهي. سو ورتي ڪرم واهه نڙين جي دوارا بدن کي حڪم ڪري ٿو ته هي ڪم ڪيو. اهڙو مثال مون مڇر جي چڪ واري مثال ۾ اڳ ۾ ڏنو آهي. اهڙي نموني گيان ۽ ڪرم جو ڪم هلي ٿو. هاڻي اهو ته. ڪم ٻنهيءَ جي ٿيڻ والگر هڪ سيڪنڊ ۾ ٿــي وڃي ٿو. انهيءَ اهــڙي زبردست گتيءَ کي چاڻڻ لاءِ ابياس جي ضرورت آهي. جو ته من اهنڪار ٻڌيءَ ۽ چت کان پري اها آتما آهي جنهن جو پرڪاش وٺي ڪري انتهڪرڻ سمدس ڪرڻ ڪرم ۽ سمجهڻ موجب اهي ورتيون ڪرڻ لاءِ ڪن ٿيون هاڻي انهن کي انتهڪرڻ ۾ ڪيئن چاڻجي ته.

وقت ۾ اهڙيءَ مهاتما ڏيکاريءَ جي ڪهڙي اوستا اهي انهن جي جاڻڻ لاءِ گيتا جي ڇهين اڌياءَ جي ١٩ شلوڪ جو ارٿ ڏيان ٿو.

यथा दीपो निवातस्थो नेङ्गते सोपमा स्मृता
योगिनो यतचित्तस्य युञ्जतो योगमात्मनः

ارٿات - جهڙيءَ طرح واءُ رهت استان ۾ استت ڏيئي جي اُت چلايمان نٿي ٿئي اهڙيءَ طرح سان ئي اڻ لوڳيءَ جن جي جنهن چت جتيو آهي اهو اپمان چئي وئي ٿي.

तदेवार्थमात्रनिर्भासं स्वरूपशून्यमिव समाधिः

ارٿات - اهي ڌارڻا ۽ ڌيان جنهن ۾ جيو پدارٿ اسان شروع ۾ اڳيان رکيو هو ان جي استول ۽ سوکيم صورت نه ٿي اچي ان پدارٿ جي معنيٰ وڃي رهي انهن جو پرواهه هلندو رهيو ته ڪنهن خيال جي نه ڪنهن ٿئي پدارٿ ۽ ورتيءَ جي يڪسان لهر هلندي رهي انهن کي سمپرگيات يا نرو وچار سماڌي يا سبيج سماڌي چئبي ٿو اهي سڀ ڌاڳيهون ڪريا گيان ۽ سماڌون جنهن کي سمير نه چئبي ٿو. هن ڌان پوءِ اها ورتي به لئه ٿي وڃي ٿي نه پوءِ نرٻيج سماڌي يا اسمپرگيات سماڌي جو سچو پچو پرم انند آهي جنهن کي موکش يا نروان به چئبو ٿو سو حاصل ٿئي ٿو.

دوارن ان کي دور ڪري ۽ ٻوڌڪا يعني سمجھ واري ورتيءَ سان وهنوارڪ ورتيءَ کي ڇڏي آتمڪ ورتين کي قابو ڪري. اها دليل واري ۽ اندر جي اور واري سوڙڪ سماڌي آهي.

٢. ڌارڻا:-

दशेबन्णाश्चित्तस्य धारणाः

ارٿات:- ٻاهر ڪان ٻوءِ جا ڳالھ اسان کي ٻڪي هٿ آئي آهي ۽ جنهن کي سپشٽ روپ سان اسان ڌارڻ ڪيو آهي جو ٻاهريون پدارٿ جو ان ورتيءَ ڌارڻا کي نه رلڪائي. انهيءَ ٻڪيءَ اوسٿا کي ڌارڻا چئجي ٿو. اها يوڳي جن پرشن چڪرن يعني مول دوار، ناڀي دوار، هردئي دوار يا ڀين چڪرن ۾ يا ٽلو ٻڌيءَ ۾ ٻڪي ٻهارڻ سان اها ڌارڻا آهي. اها ٽروٽڪ سماڌي آهي جنهن ۾ ڪوبه ٽرڪ ڪونه اچي ٿو ۽ ٻڌو ڌارڻا هلي رهي آهي. انهيءَ کي ايڪاگر ورتي يا (Concentration) چئجي ٿو.

٣. ڌيان:- پتنجلي سوتر:-

तत्र प्रत्यथैकतानता ध्यानम्

ارٿات:- اتي انهيءَ خيال ۽ ٻڌيءَ جو ٻيا ڪنهن رنگ جي پدارٿ جي ارٿ جو پرواھ هلندو رهي ٿو. تنهن کي ڌيان چئجي ٿو. اها سوڃار سماڌي جنهن کي (Meditation) يا ڌيان چئجي ٿو. انهيءَ ڌيان جي

اهڙيءَ روپ جو جسم نام يا شبد آهي سو انترمکي من ۾ کيوپ پيدا ڪري ٿو سو اهو کيوپ من اندرين ڏانهن موڪلي ٿو جا نشچيه ڪري ان جو گيان حاصل ڪري ٿي ۽ اهنڪار ڪان پاڻ کي جدا ڪري پهرين روپ جي معنيٰ يعني روپ جي شبد جو اُلٽو ڪري ٿي. اهي ورتيون انهن ڇهن ساڌن ۽ ساڌنن لاءِ جسماني، وگيان ۽ گيان جي مدد سان اهي چار ئي چاڙهيون يعني ڪرائون ان طرح اُتو جو اپو ڪرائين ٿيون اهڙيءَ کي ڇنجي ٿو پاڻ جو ڪريا گيان پاهي پرمپرگيان نه پرمانتو جي ايڪيارت آهي. هتي سمپي سماڌي معنيٰ عسن سهسس ؛ السمي سماڌي معنيٰ من کي رمس انهنجو اُلٽو ڪرڻو آهي. سو من واريءَ سماڌيءَ ۾ ته سڪو هلي سگهي ٿو پر اسمي سماڌي جنهن ۾ من جي ڪاڻه ورتي ڪانهي ان سماڌيءَ جي پوري ڪٿڻ ٿيندي. انهن جي واسطي هيٺيون احوال پڙهو.

اسان جي بدن ۾ ڪاٺو پڇي ٿيو رت ٿهي پيو ۽ سيڪي کي ڪاهڻي پيو پر اسان کي خبر ڪونه ٿي پوي. ان حالت ۾ اسان جي مڪ پڻ ڪاڻ ٿي هلي جڻ ته اسين ٿي جاڳا آهيون. مان ٿي هڪڙو هن بدن ۾ آهيان پر خبر ڪانه ٿي پوي جنهن ٽيڪ مدهن جو من ۽ سپرش آدي اندرين جي دوارن ٿي خبر ٿي ڪم ڪري ٿو پر جو مجهس اهنڪار ڪونهي جو جدا ڪري ۽ پڙي ۽ ڪانهي

هاڻي اهي سماڌيون يا ڪريائون ڪهڙي آڌار اسين ڪجن ٿيون تنهن لاءِ هي يوگ سوتر ڏجي ٿو.

तज्जपस्तदर्थं भावनम्

ارٿات:- ان پرماتما جي نام جو جپ ۽ ارٿ معنيٰ جو ڀاو رکڻ سو آهي انهن سماڌين ۽ ڪريائن جي جاڙ جو طريقو. هاڻي هتي روپ وارو جيڪو اشٽ ديوتا اوهان کي ڪٿا ڪيرتن جي ٻڌڻ سان سڌس روپ الڳو ۾ آيو آهي يا جيڪو ٻه روپ جنهن مان اوهان کي آنند اچي ٿو سو ٻهرين پرڪار ۽ ٻيءَ ڌارڻا لاءِ هتي لکئي موجب رکو تنهن کان پوءِ ڌيان لاءِ ٻيا ڪنهن رنگ جي الهيءَ جي معنيٰ يا ارٿ جو پرواهه چالو رکو اهو ٿيو ڌيان. تنهن کان پوءِ صرف معنيٰ مالڪ سواءِ ڪنهن ٻئي پدارٿ جي مدد سان فقط ان ارٿ جو ئي پرواهه هلندو رهي ٿو يعني ڌيان جي پڇي ٻڪو اوستا سا ئي سماڌي آهي. هاڻي هتي شاستر ڪ سمجهاڻي ڏني آهي ته جپ روپي نام ان جي معنيٰ ۽ ارٿ ڇا آهي. هتي نام ۽ روپ ٻئي اکر ڏيکاريا ويا آهن. تنهن ۾ اشٽ ديوتاليو روپ ۽ نام ٿيو جپ. هيءَ ساري سرشٽي نام روپي واري آهي يا شبد ارٿ واري آهي. هاڻي انتهڪرڻ جي ورتي ۾ ڪهڙيءَ طرح پرويش ڪري ٿي تنهن جو خلاصو احوال ڏنو آهي.

اها ٻه ٻڌيءَ سهڻ آهي پر هوءَ ٻڌيءَ رهت آهي تنهن لاءِ مثال هي ڏنو.

مان ٻڌهن جو موٺهن صاف آرسيءَ ۾ ڏسان ٿو هاڻي آرسي ڪري پئي ته اهو موٺهن وڃي منهنجي موٺهن سان گڏيو مان پنهنجو شڌ سروپ ٿي وڃس جنهن کي ڪنهن به ٻڌيءَ جي ضرورت ڪانه آهي ان کي عجيب ڀعدي پرگيا الوڪا چئجي ٿو. اهو آهي جيون مڪتيءَ جو آنند. تنهن کان پوءِ ودهي مڪتي ٿا آهي، پرشانت واهتا مهان شانت پد سو آهي سچ چت آنند پرم سروپ نرماڻ پد- موکپد مهالو، مهاجولي ۽ مها شڪتي.

هتي ڪجهه لکيو اٿم پر ان جو وڌيڪ خلاصو ڪرڻ ۽ پاڪل سکم ۾ سکم سولي ۾ سولو ۽ سڀني کي سمجهه ۾ اچي سگهي اهو احوال پرما وديا ۾ ڄاڻايو ويندو ڇو جو ان سان ٿي لاڳاپو رکندڙ آهي ۽ اتي ٿي سهڻو لڳندو ۽ ماڻهن کي به چڱيءَ طرح ڌيان ۾ اچي ويندو. هاڻي هتي هن اڌياءِ کي پورو ڪري هن کان پوءِ اجپا جاپ يا اجپاءِ گائتري يا سوهم شبد جو نرڻو شروع ڪجي ٿو.

جو ڪٿي نشچيه ڪري پرهيتي جا سماڌيءَ جي اوستا ان سمي آهي سا خود پاڻ گيان اوستا آهي جنهن کي پهچي ڪنهن جي جاڻ جي ضرورت ڪانهي اها اهڙي جوتي سروپ پرڪاش مان ۽ گيان اوستا آهي جنهن جهڙو پرڪاش نج گيان هن جڳت ۾ ملي نٿو سگهي. تنهنڪري انهيءَ سماڌيءَ کي انگريزيءَ ۾ Super Consciousness ڪوٺيو ٿو وڃي مثال

اسين ڪنهن اليڪٽرسٽي جي بلب ۾ روشنائي تمام گهٽ ڪريون ٿا ته اسين ڪجهه به ڪري نه سگهون ٿا. پر جي اسين اليڪٽرسٽي جي روشني تمام سخت تيز ڪريون ٿا ته اسان جون اکيون ڪجهي ڪونه سگهن ٿيون أن حالت ۾ اسين ڪجهه ڪونه ڏسون ٿا پر بلب واري گهٽ روشني ۽ اليڪٽرسٽيءَ جي تمام تيز روشنيءَ ۾ وڏو تفاوت آهي جيئن ته بلب واري روشني گهٽ آهي ۽ اليڪٽرسٽي جي روشني مها پڙوان ۽ پرڪاشوان آهي. اهڙيءَ طرح ان پرم تتوُ جي جوتي نج گيان واري پرڪاشوان آهي هيءَ جو جڳت ۾ اسين هلون چلون ۽ ڏسون ٿا سا وهنوارڪ روشني آهي جنهن کي (Consciousness) چئجي ٿو ۽ هو اُن سمي جا اوتسواري (Superconsciousness) آهي. پر اها به جاڻ ڪنهن کي پئي. اها جاڻ رام پرا پتي جا شڌ ستو گڻي آهي جنهن کي پرگيا به ڪري چئجي ٿو. انهن کي پهچي پر

يعني پوري لئي ڀاري آ ۽ قاعدي کان وڌي وڃڻ ٿو ڏئي
اها پراڻڪ ڪٿي ماٿوءَ جي ساهه کڻڻ ۽ ڇڏڻ ۽ ٻڌ ڪرڻ
۾ ڏسجي ٿي اهڙي طرح وڻن ٽڻن ۽ ساري جهان ۾
آهي. ماٿوءَ ۾ اهو منتر हंसः ڪٿي هلي ٿو تنهن لاءِ:
ارٿاس:- हं ڪار ساهه ٻاهر وڃي ٿو. सः ڪار سان

हंकारेण वहियाति सः कारेण विशेत पुनः
हंसेति परमाँभंत्रम् जीवो जपति सर्वदा

اندر اچي، ٿو. اهڙي طرح اهو پرم منتر- جيو آتما
سدا جپي رهيو آهي. (پرمهنس ٻانڪ مرادو هلي پيو.)

उच्छ्वासे चैव निश्वासे हंसइत्यक्षरद्वयम्
तस्मात् प्राणस्तु हंसाख्या आत्मा कारेण संस्थितः
षटशतान्याधकान्यत्र सहस्त्राण्ये कविंशति
अहोरात्र चरेद्वायुः स जपो मोक्षदायकः

ارٿاس- ساهه ٻاهر ڇڏڻ يا اندر کڻڻ اهي ٻئي اکر
ان ۾ آهن. تنهن ڪري پرمهنسي اڏار لاءِ پراڻ روپي हंसः
اکر چيا ويا آهن. يعني اهو منتر हंसः اڪيهه هزار
ڇهه سو واس ڏينهن ۾ پراڻ ۾ هلي رهيو آهي ۽ اهو ئي
موکش داتا آهي. سو جيو آتما پرمات ۾ جڏهن ماالا جي
ڪُوپ ۾ هڪ سيڪنڊ جي عمر وارو اٿو پرماڻو
وارو آهي تڏهن ان ۾ منتر हंसः هلي رهيو آهي الهيءَ
لاءِ ويدڪ شوبا شوار الهڪ جي شرلي ڏجي ٿي:

ديڪشانڪ ١٣

हंस: اجپا جاپ يا اجپا گايتري सोहं

هن منتر کي اجپا جاپ الهيءَ ڪري ٿو چئجي جو ٻرڪرتيءَ جا ٻئي گڻ رجو ستو ۽ تمو هن منتر ۾ سمايل آهن. رجو جدا ٿيڻ جي شڪتي آهي. تمو ڦاٽو ڪرڻ جي شڪتي آهي ۽ ستو گڻ گيان گڻ آهي جو ٻنهين رجي ۽ تمي کي سمدن گڻ ڪرم ۽ سڀاءَ موجب استثي ٻنهي پوراڻي رکي ٿو. ٻنهن ڪري اپڻي استثي ۾ ليه اهي ٻئي گڻ ڏيکارين ٿا. ساري برهمانڊ ۾ اهي ٻرڪرتيءَ جا ٻئي گڻ پنهنجو پاڻ ٻنهي (Automatic) ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ ڪريا ٻنهي گتي يا ٻراڻ سمدن واستوڪ سروپ آهي جي ستئي ۾ آهن ۽ سدائين پيا پنهنجو پاڻ ڪريا ڪن ٻنهن ڪري ئي: हंस منتر کي اجپا جاپ چئبو ويو آهي جو ٻنهنجو پاڻ مرادو سمدس سڀاءَ موجب سداءِ ٿيو هلي ۽ گايتري الهيءَ ڪري چئجي ٿو جو ڳائڻ ٻنهي جهڙ سان ماڻهو جو ٽراڻ ٻنهي اڌار ڪري ٿو الهيءَ ڳڻن جي سروپ کي انگريزيءَ ۾:

Attraction Repulsion and Equilibrium of the two

چئجي ٿو.

راڳ، دوش ۽ استثي ٻنهي تمي ۽ رجي گڻ کي اعتدال

جنهن کي ٻڌڻ ۾ نهوڙڪا وارا هلڻ ڪري آتمڪ انتي
ٿيندي آهي تنهن ڪري جنهن آتما کي شاستر اڪارن هنس
ڪري چيو آهي، ۽ انهيءَ هنس کي يوگ ابياس جي
وقت خود آتما جو وشيشڻ ڏنو آهي پر هاڻي جنهن اڄ
سان اسين اڻيا آهيون تنهن اڄ ۾ موٽي الٽو هلڻو آهي
انهيءَ جو اسان اڳ ۾ ابن لوڪن ۾ ورڻن ڪيو آهي. هاڻي
ن موجب ؛ हंस کي الٽو ڪيو وڃي ٿو. سو سنسڪرت
گرامر جي سنڌيءَ موجب ٿيو सोहं معنيٰ آهو آتما آءٌ آهيان
سو ڪيئن آتما اها ڪيو جو اسان جي ٻرم لکيو آهي.
تنهن ۾ اڳ ڄاڻايل ڪنڊليني يوگ ۾ مول ادوار کان
ڪنڊليني مٿي چڙهي ڇهين چڪر پيدا ڪري ڏگن منڊل
-سرار چڪر ۾ برهم پد کي پهچي ٿي سو انهيءَ
सोहं منتر جي دوارا سدن وڌي موجب اهڙيءَ طرح
هٺ يوگ ۾ پراڻ ۽ اپان ده جي ميلاپ سان ڪنڊليني
شڪتي مٿي چڙهي ٿي انهيءَ کي هٺ يوگ چئجي ٿو
تنهن لاءِ اهو منتر سدس وڌي موجب ڪم اچي ٿو.
ساهه ون ساس- يعني ساهه کڻڻ ۽ ڇڏڻ ۾ اسان کي پتن ڪرڻ
۾ ڪهڙو گيان هٺ گهرجي تنهنجو هي شلوڪ آهو گيان
ڏئي ٿو.

हंकारो निर्गमे प्रोक्तः सकारस्तु प्रवेशने
हंकारः शिवरूपेण सकारः शक्तिरुच्यते

वालाग्रशत भागस्य शतधा कल्पितस्य च
भागो जीवः विज्ञेयः स चानन्त्याय कल्पते

ارٿات- وار جي نوڪ (ڇيڙي) سو ڀاڱا ڪجهجو ۽ـــ سو ڀاڱا يعني ڏهه هزار ڀڃي اهو جيو جو سروپ سمجهڻ گهرجي. اهوئي اسين ڀاڱو وارو آهي جيون کي آتما چئجي ٿو. انهي روپ ۾ ته پراڻ ۽ اپان مڌجهن هلي رهيا آهن. ڇو ته اهو ٻالڪ جنهن ٻن ڪن مهان جو آهي ۽ اپا ڪي گيان وها ناڙيون ۽ ڪرم وها ناڙيون ان سي ٻهتريون ڪئين آهن تنهن ۾، اها پراڻڪ हंस منتر انهي هلي رهيو آهي ۽ وڏي وچـــي دل جــي پراڻ وارو الڳشت مـــالـــر يعني آنگر جيترو ٿئي ٿو. تنهن ۾ هـــردي ـــ، آهـــي جو پراڻ جـــو ڪيندر (Centre) آهـــي ننڍڪڙي پراڻڪ اپياس جو ذاريعا لاءِ هردي ۾ ئي ويدن ۾ تمام گهٽي قدر لکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ مانسڪ ۽ اوجسڪ ۽ ٽيئي پراڻ لاءِ اپا ڇهه ئي يا ورتڪ چڪر وڳن ۾ ساڌڪن جي اڌڪار مـــوجـــب گرو شِشه کي سڌن اپياس موجـــب ذاريعا رکائين ٿا.

هنس هڪ پکي آهي شاسترن ۾ چيل آهي ته جــي ان کي کير ۽ پاڻي گڏي ڏيو ته کير پي ويندو ۽ پاڻي ڇڏي ڏيندو. يعني ارونڪا وڙي سان پاڻي ڇـــڏي ڏيندو ۽ نيرونڪا وڙي دواران کير روڙي امرت پيئندو. اهڙي طرح

اهو معنيٰ ۽ وڏيءَ سان جاڳي پرم انتو لکارٿ ڪجي
ٿو. اهڙيءَ طرح نديون سمنڊن کي جذهن گرو منتر ڏنو
ويندو آهي ته گرو گسائين سماسي ۽ شڪتي ۽ شو ايڪ
شري ديوي جو سرسوتي سوهم منتر ڏيندا آهن
क्लीं ऐं सोहं ॐ پڄاڙيءَ جو جپئون اپئون شري سندري
گرو گورک پال. اهي چوندا آهن. ارڏامت. گرو ڪان ڄو شروعاتي
گورک ٻـار شـڙ روپ اوهان کي اليو ڪرايو ويو آهي.
تنهن کي مالا لاءِ سندريءَ جي پڇن جي ڪرپا سان اهو
شو (گورک) تنهن کي شري مالا لاءِ سندري جـي پڇن
جي گيان جو ڪاڏو ڪارائي پرم شو روپ ڪرايو جا اوهان
جي اتم لکش آهي يعني پرم پد جي اپلبڌي يعني
حاصلات آهي. هاڻي اها وڌي ڪهڙي آهي. ڪنهن لاءِ
لوڪ ۽ هٺ لوڪ پاڻهه اڳيئي اڪن ۾ ڏيکاريو ويو آهي
باقي منتر لوڪ ۾ ڪهڙي وڌي آهي. سا ڏيکارڻ ۾ اچني
सोहं سوهم جي منتر مان स ۽ ह ڪڍندا ته باقي وڃل منتر
ओं شڪل يعني ॐ ڪار رهندو معنيٰ اهالي स ڪار شڪتيءَ
۽ ह ڪار شـو روپ جي آنند مٿي وچ جـي سنڌي.
सो ڪار سان اسين دم ساه اسين اندر کڻون ٿا हं سان
ساه ٻاهر ڇڏيون ٿا ان جپ جي ابياس ۾ اسان جو من

اُلٿاءُ. हं ڪار ساهه ٻاهر ڇڏڻ ۾ ۽ सः ڪار ساهه اندر ساهه کڻڻ اهو جپ ڪندو وڃي ٿو. اهو हं ڪار شو روپ آهي ۽ सः ڪار شڪتيءَ جپو وڃي ٿو. اهڙي طرح شو ۽ شڪتي جو ميلاپ وڏيءَ سان ڪيو وڃي ٿو. يعني جگت جو اُڀرڻ ۽ اُلٽڻ ٿيڻ يعني جنم ۽ آتما جو اُتپت ٿيڻ. جوڙي هن جنم جي پرمگتي آهي.

हङ्कारो विन्दुरित्युक्तो विसर्ग्रः स इति स्मृतः
विन्दुः पुरुष इत्युक्तो विसर्ग्रः प्रकृतिः स्मृतः
पुंप्रकृत्यात्मको हंसस्तदात्मकमिदं जगत्

اُلٿاءُ. هي شلوڪ مٿين شلوڪن جي پٺ اُلٽي ڪري ٿو. وڌيڪ ڳالهه کي خلاصو ڪرڻ لاءِ اُلٿاءُ हं ڪار بندو يعني اهڙي (·) جهڙو وڃي ٿو ۽ وسرگ (:) सः جهڙي وڃي ٿي. بندو پرش جهڙو وڃي ٿو ۽ وسرگ پرڪرتي جهڙو وڃي ٿو. تنهن ڪري اهو हंसः منتر. پرڪرتي ۽ پرش آهي ۽ اهو ٿي هيءُ پرش پرڪرتي آتمڪ جگت آهي اهو سرشٽي گيان جي جاڳرتا لاءِ موڙ منتر مها منتر جهڙو وڃي ٿو. جو جو وڏن گياني مهاتمائن کان وڌي منتر سيکاڙڻ لاءِ ڪم اچي ٿو جهڙيءَ طرح هي پرم هنس لاءِ منتر آهي.

ॐ सोहं हंसः परमात्मा चिन्मयं सच्चिदानन्द
स्वरूपं सोहं ब्रह्म ॐ ईति

جو ڏهرائي شاستر کي وڌائڻ سو ۽ ڦهلائڻ جي ڇڪي
ڪيئي ٿي. انهن ڪانسواءِ منهنجي ۽ اها خواهش آهي
ته اِهي گل روپي يوگن جي آنند جي خوشبوءِ سان پنهنجو
مغز ڀريل رکن ڇو جو سچي يوگن جو ڀاڱو ۾ ڪجهه، ته
ڪجهه سڳنڌ آهي ۽ پڇاڙيءَ جو عطر روپي آنند مئي
پرما وديا جي پورڻ روپ سڳنڌيءَ جو آنند وٺن. انهيءَ
باِبت اِهن يوگن ۽ انهيءَ مهاتمائن پنهنجي ششن کي اهڙي
لٽڪا چٽڪا ۽ لاجواب نسخا ٻڌايا آهن شاستر جي
وڌائڻ جو خيال لاهي فقط اِن مشهور مهاتمائن شري گرو
نانڪ صاحب ۽ ڪبير صاحب جن جا لاجواب نسخا ٿا
جو ورلن ڪرپاڻو گرو نانڪ ديو جن پراڻ سنگلي ۾
چيو آهي ته: "شو شڪتي کي چنهي سنڌي. پنڌن
ڪاٽ ٻڌي نر پنڌي. شو شڪتي اڪي گهر واس ته ۽
مٿي جر موه پياس. اجپا جاپ جپي من مانهين. تا ڪي
درشن ڀي ڏنا جاهين. اٿي گرو ساهين شو شڪتيءَ جي
سنڌيءَ اوم ॐ ڪار جو حوالو ڏنو آهي. وري شري جپ
صاحب ۾ ڀرپاڻ ڀرپاڻ "اڪو اومڪار ستگر پرساد جپ"
اهو سنڌيءَ وارو اوم انهيءَ ستگروءَ جي ڪرپا سان
ٿئي وٺيءَ ۽ گيان ڪرپا سان جپ. ته ڪليان ٿين.
وري شري ڪبير صاحب جن ان اجپا گائتري يا جاپ
لاءِ هيٺين طرح سمجهايو آهي. ساچ شبد هئي اجپا جاپ.
اجپا جاپ مٿاڌي لاپ. شبد پاءِ سرت راکي سو ڀهچي

رليل آهي ولو بعدان لڳي ولو، باقي رهيو وچ جي سندي روپ آنند سڀني ۾ ڌڻي ڪار ٿيو.

तस्य वाचकः प्रणवः

ڀڳوان پتنجلي جي اوءَ سوتر ۾ ڏيکاري ٿو ته اڪر ايوءِ اُنهو جي ويڙهي پرگهٽ ڪري ٿو.

انهيءَ ۾ ستو ڏٺي ٻڌيءَ ڪسي لڳائي اُن ڌڻي ڪار جي دوارا ٻين جيسي ڪريا ڏيان سان چار چاڙهيون يا منزلون چڙهيون آهن پهجي منزل تہ آم سروپ اسٿتي آهي انهن ۾ هي پرم استٿي آهي. اهو آهي نرواڻ موڪش پرم پد پرم شڪتي يا پرم تنو برهم. اهي منزلون يا چاڙهيون انهيءَ پد لڳ. ٻي ٻڌل آهن جنهن جون اوستائون مون شرتي پتنجلي ڀڳوان جي اوءَ سوترن ۾ اڳئي ڏنيون آهن. ارٿات- پرتهار- ڌارڻا. ڌيان ۽ سمادي. پر انهن منزلائن وري ساڳئي سمجهه وارن چار چاڙهن جا ههڙا نالا ڏنا آهن. (١) اڪشر (٢) ماترڪا (٣) شڪتي (٤) شو.

ارٿات- اوم ڪار شو شڪتيءَ جو سندي روپ اکر آهي. ان اکر جو سوکهم ارٿ ماترڪا آهي ان ماترڪا جي ارٿ جو سوکهم آنند سا شڪتي آهي ۽ اُن جو سوکهم آنند جو پورو گيان سو شو آهي. ڪوٺ جڳياسو منجهي ته انهيءَ لاءِ وڌيڪ سمجهاڻي ڪري بعدي خلاصو ڪري جو سڀ ڪنهن کي سمجهه ۾ اچي سو پرما وديا ۾ ڪندس.



ڈاکٹر لیکراج پوجیہ پادگرو صاحب میوارام صاحب
امرس کلا ہوک سُمت لشیمت سمدیا م

دربار - ڪهي ڪبير تڏهن ديڪشي جڏهن ٻيڪن پرش همار
لاءِ ڪمل لي انت هي - شونيه جاء سماء - هاٿ پانو
والڪو نهين - سرت سي پڪڙا جاء -

ارٿات اڄپا جاپ جو سوهم شبد تڏهنجو اوم
ڪار روپي شڪتي سوڪشم شبد سو لاءِ ڪمل مان ڪٽي
۽ وڃي شونيه شو روپ استان گگن منڊل روپ ۾ سرت
ٻڌي گيان ڪرنا وڏيءَ سان جڏهن شبد کي هٿ
ٻيو ڪڍن آهن تڏهن کي شو شونيه روپ سان ملائو - اهوئي
اڄپا جاپ يا اڄپا گايتري سڏي ٿي ان ٻڌي دڪن جي
منائط واري آهي - سڏي گرن لوڙي سمپرداين ۾ सोहं
جو اپديش ڏنو پيو وڃي ٻر اهو الپوي گروءَ کان وڏيءَ
موجب ملي ٿو اهڙو ٻيو مزو ڪرڻي - ٻر ڏسڻ ۾ اچي
ٿو گهڻو ڪري ڪرٿا گيان سان ڪو نٿو اپديش ٿئي -
منهنجي خيال ۾ جهڙو هنٽر رکيو آهي اسي ڏکو: شبد
جو ارٿ جاڻي جپ ڪرڻ سو نه واه واه - ٻير بنان
ارٿ جپ سو نه چڱو -
جو نه "جيئي وڻ نه آهي اُلي ڪالٻرو نه درخت آهي"

ڊيڪشانڪ ١٥

امرت ڪلا يوگ ڏتا ڪنڀ مارگ

هستاءِ مون برا ٿڪ يوگ ۽ ماسڪ يوگ جو ڪجھ ذڪر ڪيو - باقي رهيل آهي اوجسڪ يوگ. انهيءَ جو ارٿ ڪرڻو آهي جيتوڻيڪ سڀني يوگن سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح اوجس وڌائين ٿا - پر هيءُ يوگ سڌيءَ طرح اوجس وڌائي ٿو - اوجس اُها ڌاتو آهي جنهن جي مهما ڪري اُن پرم ايشور ايشوريءَ ۽ سچدانند سروپ مها آنند پرم تتو جو انڀو ٿئي ٿو - ماڻهوءَ جي شرير ۾ ڪل اٺ ڌاتو آهن جنهنجو پورو حاصل سڀني بدن جي تندرستيءَ جو نگهبان آهي ۽ صحت جو وڏو خزانو بعدي پيدا آهي اُهي اٺ ڌاتو هي آهن- پهريان جيڪي اسين کاڌو کائون ٿا سو ١- رس ٿئي ٿو انهن کانپوءِ بترتيوار ٢- رت ٣- ماس ٤- چربي ٥- هڏن ٦- هڏن ۾ جو گدڪو آهي ٧- ويرج ٨- اوجس- ويرج جو بدن جو نمبر ٧ حاصل جو سار آهي- سو لوڪ چوڻي موجب ١٠٠ سو قطرن شد رت مان هڪ قطرو شد ويرج جو پيدا ٿئي ٿو- ان سؤ قطرن شد ويرج مان هڪ قطرو اوجس جو پيدا ٿئي ٿو- الهي ڪري تي مهرشي ڀڳوان پتنجلي پنهنجي يوگ سوتر ۾ چيو آهي -

ब्रह्मचर्य्यं प्रतिष्ठायां वीर्य्यलाभः

وچيتو - ۽ نرنجن، آنند روپ اسٿتي پائي ٿو. جنهنکي ويدانت ۾ موکش - ڪيدلي يوگ ۾ مهالي - هٺ يوگ مها پرڪاش - راج يوگ ۾ مها پرڌ - منتر يوگ ۾ مهاڀاءُ ۽ ڀڪتي يوگ ۾ نرواڻ پد چئجي ٿو.

هاڻ هيءُ اوچس يوگ ٿيو پرهم چاري سنياسي ليڪن لاءِ ڇو جو وئيراڳ اصل پد رکڻ ٿو پوي پر اسان عام ماڻهو يعني گرهستي گهر ٻاري سي ڪيئن ڏانهن وڃون. انهيءَ معنى نڪو ويراڳ يا اوچس ڪنو ٿئي ۽ نڪو اسين پرمانند جو انيو ڪري سگهون؟ پر سچ ڳالهه نراس نه ٿيو - اسان جا مهرشي جن لاءِ اسان جي وارون وار ڏنل ويت پرڻام آهي - تن اهڙو يوگ ٻڌايو جنهن جهڙو سگهو ۽ سگهو سهنجي ۾ سهنجو سگهي ۾ سگهيو. اڄ ڪٿي به ڪو نه ڏسڻ ۾ ايندو. جو (Physics) سرشٽي وديا (Chemestry) ڪيميا وديا (Physiology) شاريرڪ وديا ۽ (Medical) طبابت ۽ اوشڌي وديا صرف ٽن ڪارڻن لئي ٻڌل آهن اهي هي ٽي ڪارڻ آهن. ١- ڪرم ٢- ڪيسر ٣- ڪلا. جن اهي چالاڻ اهو علم سکيو چاهو. هن ڪانپور الهن ٽن جو ورڻن ڪبو - الي سوال اٿي ٿو ته الهن ٽن ڪارڻن وارو يوگ ڪٿي ڪو نه پڌ وسون ۽ ڪڏهن پيدا ٿيو ته لوهانڪي پڌانو پوي ٿو ته ڪن الاءِ ڪان جنهنجي ڪنهنکي سڌ نه آهي ته ڪڏهن لوپا ٿيو سو هي ڪرم مارگ آهي

ارٿات - وڏن جي پرهيزگاري رکڻ ڪري ماڻهو ۽ شاريرڪ طاقت تمام وڌي ٿي- اهڙي مهاتمائن وٽ (Will Power) ماڻهو ٻل وارا ٿين ٿا جي دنيا جي ماڻهن کي سچي راهه تي آڻين ٿا. وڏن جي ٻل ڪانسواءِ ڪو به ڀوڳ ڪي نٿو سگهي ۽ اهڙي اوچي مهاتمائون آهن جن کي شاستر ۾ ڇپل (اُرڌ ورتش) يعني مٿي ۾ وڏن جو سار اوچس چاڙهيندڙ آهي ۽ اهڙي آن مهانند ايشور ايشوري يا پرم تتو جو انڀو ڪري سدا آنند سروپ پرماتما ۾ سمائجي وڃن ٿا- تنهن ڪري ڪٺ اپنشد ۽ شويتا شوتر جي شرتي ڏيان ٿو ورتڪ ويد جون ڪيترين شرتيون لکيون به ٿي پس آهن پڻ شرتيون ساڳيون آهن ڪٺ اپنشد تور ۽ شويتا شوتر اپنشد ۾ آهن.

अणोरणीयान्महतो महीयानात्मा गुहायां निहितोऽस्य जन्तोः
तमक्रतुं पश्यति वीतशोको धातुः प्रसादान्महिमानमीशम्

ارٿات - اهو سوکشم ۾ به سوکشم اڻو کان سوکشم ۽ وڏي ۾ وڏو جهڙو ڪو به پاراوار ڪونهي . بيحد سيما رهت آتما يعني پرماتما هن جيو جي هردي غفا ۾ [illegible] ٿي آهي. اهو ڌاتو يعني اوجس جي ڪرپا سان انهي سنڪلپ رهت نرلجن پرماتما ايشور جي مهما انڀو ڪري ٿو ۽ سڀني دکن کان رهت ٿئي

موڙ وار ڪانوٽي آڳيا ڇڪر ٿاء ڇڪر پدم يا ڪنول آهن لٿن هن ڪنڌن ۾ انهن ٿالن سان اهي ساڳيا ڪنڌ آهن ١- مول ڪنڌ ٢- سوادشٺان ٣- مڻي پر ٤- الهت ٥- وشڌ ٦- آڳيا ڪنڌ لڌهن ڪانسواء هن ۾ ٻه ڪنڌ وڌيڪ آهن جن جا ٿالا ٿلدا ۽ مدس ڪنڌ آهن- لفاوت رڳو اهو آهي جو پدم ڇڪر ڪنول سي مدرو دلڌ پعدي پٺي جي ڪنڌ (Spinal Column) جي الدر سڪمڻا ناڙ ۾ آهن پر هي انتي ڪنڌ پٺي جي ڪنڌي ٻاهر آهن جن کي انگريزي ۾ (Endo Crine Glands) ڪلش يا ڪنڌ چئجي ٿو.

اهي ڪنڌ يا endo crine glands انتي انهن ٿوڪ چڪرن جي آٿهون ساٿهون يا ٿورو گهٽ وڌ پڌهئجي هود مختار واجڪالي هاٿو وٺيون آهن- اهي اهڙيون ٿ وسون لاهن ٿيون جو اسان جي سڄي بدن جون ڌاوانهن وسن جي ڪري جڏهن ٿيو ز ڌاٿي ڌالو چٿ تي وڃن ۽ ماٿهو ٿ بچي انهن وسن کي ڊاڪٽري موجب Harmones چئجي ٿو ۽ هن مارگ موجب ڪمسر ياڪم ڪم چئجي ٿو. انهن انن ڌالن جو هاضمو Metabolic Katabolic Anabolic يعني ٿوڦ جان ۾ ماسڪ هاضم- دافع ۽ هي ڪارڻ سي Harmone معدل ڪيمر ڪري ٿي.

انهن انن ڌالن ۽ سڄي بدن جي ڪريا ۾ هاضمو ز ٿيو ٿ ماٿهو اسڪماٽ ووڳ ۾ مجتلا ٿي بيماري جو مات الموت ڌالهن وئدو. انهن وسن جو (Chemestry)

جنهنڪري عام رواجي ماڻهو ڪوڙهو مارڳ چوندا آهن - ٻنهي ۾ تورڙن جي نون ڏاڍن ۾ ماڻهو ڏاڍيون جاڳندا آهن ۽ ڪوڙهي ۾ پڳ گهوڙي ۽ ڏيڏاڻن تي ڪلا منتر سان چاڙهيندا آهن (الٽيا ڪلا پلٽيا ٿيو) پوءِ ڪيسر ۽ ڪيسر ڏالي سان وڌائي پٽن ڪندا آهن. اها ڪيسر چٽڻي پڻڻي ٿي ڪري پٽن پاڻ ۾ وهندا آهن. اهو ڪڻڪ مارڳ ساري پاڙيسٽ ورش ۾ اڄ سوڙو ڪندا ايندا آهن جنهن جي اڄ سوڙو ڪنهن کي به خبر ڪا نه آهي ته ڪڏهن کان شروع ٿيا هئا وهڏن ۾ تورالرا پوڄن ۾ اها پڳ يعني ڪيسر جڳت ڏاڍي پڳولي ماڻا جي سوچا هلندي ٿي اچي - ٽنهن ١- ڪڻڪ ٢- ڪيسر ٣- ڪلا اهي فقط سيڪت سار آهن پر ڪجهه رهسيه ۽ مرم پرپل آهي سو ڪنهن به وديا کو نه هوندو - اهو ٽورو رهسيه شروع ڪرڻ لاءِ ٽنهن ۾ چڱي ڌيان سان پڙهو -

١- ڪڻڪ معنيٰ ڪاش يا پڙن يا ڪڏو نڪي ڪسي ڪوڻ ۽ پڳ گهوڙي جو - جنهن شري شنڪر آچاريه پڳوان ڪندلني شڪتي جي مول ڏوار ۾ وري هيٺ لهي اچي ڪڻڪ ۾ وهندي آهي

स्वपि पितृलक्कुण्हे कुहरिणि

ارٿاٿ - چڪرن واري ڪڻڪ ۾ اچي سمهي رهي آهي - اهو سارو شلوڪو اهم ٿي ڪندلني يوگ ۾ لکيو آهي جنهن نه پتي ۾ جي ڪڻڪي اندر سکمنا ناڙي ۾

١- مول ڳنڍ (خصيا - Gonads)

انهيءَ جي رس نه هئڻ ڪري اولاد کان رهت مرداني طاقت گهٽ ۽ وڌڻ جي ٿيڻ جو ڳنڍ (Gland) آهي.

٢- سوا ذشتان ڳنڍ (زالن جا نرا Ovaries)

انهن جي رس جنهن کي Carpus Leutum ڪري چوندا آهن سو اها رس گرڀ ٿيڻ کان وٺي ٻار ڄمڻ تائين سڄو ڪم ڪري ٿي- ان رس جو نالو Progesterone ٻيا وغيره آهي الي Uterine appendages ۾ سنڌس اڻ آهي. انهيءَ ڳنڍ ۾ Vasdeference easteren ٻه آهن جا مڙيءَ کي قابو ڪرڻ ۽ ولادت جو جهوڙو سرڪيت وٺي ٿي ۽ مرداني قوت وڌائي ٿي.

٣- مٽيپور ڳنڍ

هن جي انواعي گهٽي ۾ پکڙيل آهي. گردو، لبلاب (Pancreas) جيرو، ٻلي اهي ڳنڍيون رسون ڇاهن ٿا. جيئن Corteco steroid Harmone (Adrenaline) ۽ Pancreatic Juice (insulin) Bile Pigment ۽ ٻليءَ جي رس اهي سڀ رس اسانجي رت جو دورو وڌائڻ، گهٽائڻ، کاڌو هضم ڪرائڻ ۽ ٻڪ، انڊائڻ وغيره جو ڪم ۽ ماس ٺي ڳنڍ جو کاڌو هضم ڪرائڻ. پيشاب ۾ ڳنڍ نه ٿئي ۽ ٻيا ڪئين ڪم رت ڇاهڻ وغيره ڪن ٿيون.

ڪيميا يا رسائن وارن سائنسدان جزا ڳولهي لهي اهڙيون
گڏيل (Synthetic) دوائون ٺاهيون آهن جي ماڻهن ڏني
انهن رسن جي گهٽ وڌائي جاچي ڏيڻ سان بلڪل
چڱو فائدو ٿيو وڃي - انهن جا جزا يعني (Chemical
Formula) ڏسي ٺاهيا ته سهڻن پر اهي ڪتان آيا ۽
سعدن بنياد يا ڪارڻ ڪهڙو سو اڃا سوڌو ڪونه
جاڻائون - خود انهن جزن جي تاثير ۽ رسن لاءِ ڪيترن
مفيد آهن ۽ لکيا پيا آهن - اهو سواءِ سرشٽي گيان ۽
يوگ ابياس جي تتو گيان جي جاڻڻ ڪانسواءِ اصل هٿ
ڪو نه ايندا - سائنسدان نه لاچار Ether يعني وهدواري
آڪاش ڪلا مان ڪٽي ڪڍي اٿيو ڪيو آهي. پر اُن
کان وڌيڪ سوکيم چت آڪاش ڪلا آنند آڪاش ڪلا
چت يا آتمڪ آڪاش ڪلائون جي اسانجي اندر
هو بهو اهڙيون پر سيمت يعني اپاڌي واريون - وشوس
لمجس براڳه آتما ڪلا موجود آهن سي سواءِ يوگـــه
ابياس ڪانسواءِ ڪڍهن نه وهدوارڪ تجربي سان ڪو نه
ايندريون سواءِ پرمارٿڪ تجربي يعني وگيان ڪانســـراءِ -
انهيءَ ڪري چئجي ٿو يوگ جو پڪهڙجي پرم تتو جو انڀو
ڪرائي ٿو مون کي ان يوگ ابياس لاءِ ٿي لکڻو آهي-
پر ڏڍهن نه اڄڪلهه جي سمجهو ماڻهن لاءِ انهن جا اثر
تاثير بيماريون ڏوري ۽ ضرور ڏيکيون پوندـــ ديون. نه نه
ڪرم يا سلسلو ڏٽي پوندو ۽ مزو ڪونه ٿيندو- تنهن لاءِ:-

جو اثر ڪرائي ٿو - انهن رسن جي گهٽ وڌائي ڪري ڪيترن ئي قسمن جون بيماريون ٿين ٿيون - انهن جا ڪيترا مثال اڳيان ڪتاب ۾ پڙهي ويندو - پر انهن جي اڪيول Harmone يا ڪيمر يا رس ڏيڻ سان لهي وڃن ٿيون - پر هتي به امريڪا ۾ ڪيترا لوڪ ڪرڻ سان بيماريون نه لهن ٿيون- پر اوجس پيدا ڪري ان پرم آنند جو انڀو ڪرائين ٿيون.

هاڻي انهن Gland يعني ڪنڊن جي جسم جو نه ٿورو احوال ڏيو - انهيءَ ڪري جو اڳيان ڪلا پڳ-واري جو سروپ ورڻن ڪرڻو آهي جو انهن کي ڪنڊن جي رس يا ڪيمر ٺهڻ جو اصولن ڪلا جي دوارن ڏيکاريندو. انهن جيوائتڪ ڪوٺڙيون (Cells) جن مان سڀ ٺهيل آهن- اهي سڀئي ناڙيون (Autonomic) پنهنجو خودمختيار ٿي سندن مطابق ڪارڻ ڪن ٿيون- اهي اهڙيءَ جي هزار کان اهن هزارن ٿيءَ جيترون آهن. انهن کي پنهنجي سوکيم چيتنتا من گيان ۽ ڪرم اندريون آهن- جو اهي رسون تمام خبرداريءَ سان سندن جسم اوسار ڏاهن ٿيون.

पिंडे सो ब्रहमंडे

يعني جهڙو پنڊ ۾ سو برهمنڊ ۾- آهي وري جي سندن جسم جو ٿورو روشن ڪيو ڪٿي خوردبيني micorsope

٤- هرديہ ڪنڊ

هن کي پنهنجي رس يا Harmone آهي جنهن کي بنيادي اندروني طاقت آهي جنهنکي (Reserve power چئجي ٿو. Reserve power اها Sinoauriculer node ومب آهي جا دل جو سڪڙجڻ ۽ ڪلڻ جو ڪم ڪري ٿي. ان کان سواءِ هن هيٺين وشد ڪنڊ جو مٿس ضابطو آهي وشد ڪنڊ. جنهن ۾ Thyroid Parathyroid ۽ thymus Gland ڪاش يا ڪنڊ جنجون رسون- ڪيسر يا ڪم ڪم Thyrosine Parathyrasine ۽ Thymus آهـ جنجو اثر ڦڦڙن دل- پيٽ آندن ۽ ٻلي جيرو ڏي آهي جي اهي رسون نه هجن ته اهي رئيس عضوا ڪو به ڪم ڪري نه سگهن ۽ جيو مري وڃن سڀئي ڪنڊن جو هـ اڳي سان سمبند آهي.

ڏرويڪي- الفا ۽ منس ڪنڊ

اهي ٽي ڪنڊ هڪ ٻئي جي هيٺان مٿان آهن. اڪي Pituitary gland آهي. انهيءَ Gland جي رس ڪيهڙ. آنڊا، گردا ۽ مرداڻي عضون ڏي گهڻو اثر آهي اڳيا ڪنڊ ۽ سدس مٿون پاڳو سوم ڪنڊ الـي Pineal gland ڪاش يا ڪنڊ آهي انهيءَ جو لنڊيڪ ۾ وارا جي رکيا ڪرڻ ۽ وارا مان اوجس ناهڻ، عقل جو گهر آهي ۽ اوجس جو ڪاٺو آهي سمادي آڻڻ ۾ مدد ڪري ٿي ۽ پرم تتو برهم آنند

جو وقت جو تصور ڏنل آ. هاڻي اهي ٽي سروپ وقت
جو ٽرڪُو ڪن ٿا. اهڙي طرح ڀيرڪرايو جون ٽي
ڪلائون آهن جنکي سورج چنڊ ۽ اگني چئجي ٿو.
انهن جو ٻيو سروپ سوجهرو ٽرانڪ يعني آلاڻ ۽ گرمي
يعني خشڪي (Light moisture Heat) آهي. انهيءَ جو
ٽيون سروپ ٿيو. گرمي سردي، ٽري خشڪي. انهيءَ جو
چوٿون سروپ ٿيو. پت، ڪف، وات (صفرا، بلغم، سودا)
اهي ٽي دوش يا خلط سڏڪجن جي بدن ۾ آهن. انهن
ٽنهي سورن ۾ تغير ياڪم ٻيشي ٿيو ته جان وارا يا
ي جان ان شيئي جي بدن سڄي طبعيت خراب ٿي
پوندي. گويا بيمار ۽ ڪم ٻدارت ٿي پوندا. اهي وري
ڏن اهڙا جڏهن بدن بنيادي ڪارڻ سورج چنڊ ۽
اگني ڪلائون مدد ڪندا. هاڻي انساني پٺيءَ جي ڪنڊي
جي اندر واري سڪمٽا ناڙي سان گڏ ٻنا ڙيون يعني ٻراڻن جا
رستا وڃرا ۽ چترٽي. آهن سڪمٽا اگني وڃرا چنڊ. چترٽي
سورج آهي. انهن ٽن مدجهه ٿي لوڪ جا چڪر پدم يا
ڪنول آهن. پٺيءَ جي ڪنڊي جي ٻاهر واري آڙا يا
انگلا ناڙيون چنڊ آهي. پنگلا ناڙي سا سورج آهي ۽
سڪمٽا اگني آهي. اهڙي طرح نڪ جي ناسڪائن کي
ڏائي پاسي واري ناسڪا کي چنڊ ۽ ساڄي پاسي واري
ناسڪا کي سورج ۽ ٻنهي ناسڪائن جي نڪ سارڪو
ساهه جو ٻيان رلبڪ هلڻ ڪري سڪمٽا چولدا آهن

جي اکين وکي کٽي ٿين ٿا ان ذري ٽڪر ۾ سو
جهرالڪ ڪونڙ ٻون آهن. مطلب ته ڇا ان مهَا شڪتيءَ جي
قدرت يا ليلا آهي جو ٿيسو اچرج ۾ پئجي وڃجي ٿو.
ساري شرير ۾ ان جي وڏي پرگهٽ آهي. اهو آهي
ڏٺي ۾ ڏيدار جو ڪربا ايهاس وگهان ۽ گيان جي دوارا ٿو لهي
هٿ ڪبو. ڏيو پگولي ڪلا جـا اٿهن سيٺي جي
مهاراج راڻي آهي لٺهڪي پٺهنجي ايهاس ڏ واران حاصل ڪبو.
اهو اوجس Pineal ڪنب يا ڪلش ٻاڪل چمڪندڙ لاکي
رنگ جو چٽي جهڙو جهڙ لعل بدخشاني ٿيندي آهي ٻهڙي
رنگ جو آهي.

ماڻهو مري وڃي ٿو سڄو بدن مرجهائجي وڃي ٿو
ها pineal gland اهڙي چاڪيدار ڏاڙهي لاکي رنگ
رهي ٿي والوٽي وياڌني ۽ ان لاکي رنگ امرت لان
چٽرون ننڍيون ڪردا آهن. ٿن کي مردو چهري اکيون
قاڙي ٿيسط گهرجي ٿو ٻوگ. ڇا ٿيندو آهي. ڪرنڊي ۽
ڪيسر جو هن ٻوگ. جي سمجهائڻ لاءِ پتا شڪتي احوال
ٿو نم. هاڻي باقي پگولي ڪلا ۽ سندس ٻوگ جو احوال
ٿو ڏيو آهي. جهڙيءَ طرح ڪال پگوان ٻعدي وقت جو
ڪو ۽ سروپ ڪرلهي. ٻر سروله چندر جي گردش ڪري
رات ٿو ٻهن وقت جو سروپ جو ٿيڪاءَ ٿو ڏين ٿا. اهڙي
طرح گهڙين پلن جي اس چانو ۽ واريءَ جا گهڙيال ٺهـر
ڏين ٿا لٺهن ڪالپوه گهڙيال واچون ڪلاڪ مٺن سيڪنڊن

यं विज्ञानज्योतिषमाद्यं सुविभान्तं
हृदर्केन्द्वग्न्योक समीऽयं तदिदा-भम्
भक्त्याऽऽराध्येहैव विशन्त्यात्मनि सन्तं
तं संसार ध्वान्तविनाशं हरिमीडे

ارٿات - اھو جو چيتن وگيان سروپ آدي اڻ ڇھيل
پرڪاس وان اسٿولي ڪرڻ ھوگيه جو سوريه چندر ۽
اگني ڪلا ۾ جولي سروپ رشمن جي ھردي ڀھدي اندر ۽
۾ استٿت - جي رشي ان کي ستيه سروپ سمجھي وڌي
ڀڳتي ۽ سان آراڌنا ڪن ٿا - سي، ھن ئي جيالي ۾ ان
۾ سمائجي موڪش ٿي وڃن ٿا انھن ھري جو ھن سنسار
جي اگيان جو ناس ڪرڻ وارو آھي ان جي ستتولي
ڪريان ٿو پڇاڙي ۽ جو شرلوڪ ڀڳوت گيتا جي ٨ اڌياء
جو ٢١ شلوڪي ڪانوتي ٢٨ شلوڪي تاء شري ڪرشن
ڀڳوان اھو سائيو امرت ڪلا ھوگ ڪرم مڪتي ۽ سدو
مڪتي جي روپ ۾ ڀدي شڪتي اپايه ھوگ ۽ شعيو پا
شو اپايه ڀوگ ۾ ان وستن ۾ نڪارلو ولو آھي جنھنجي-
ساراھ ڀڳوان ڀدھجي مڪارولد ھان سيٺي ڏيو گن گان متي
ڪٽي آھي جنھن ڀاڀسم مون اپن انڪن ۾ لکيو آھي-
لدھن ڪانسواء وڀد ن اپنشدن وغيره ۾ ان ڪلا جو گھڻو
احوال آھي پر ڌسجي ٿو ته سڀني گرنٿارن ۽ سرولتن

انهن سڀني منتن وقت جي مثال موجب ٻڌو ٿي جن
ٻوش انهن ناڙين ۾ سوريه چندر ۽ اگني جو اڀاس ڏيکاريو
آهي- تهڙي طرح ساري بدن ۾ اهي ناڙيون آهن تنهن-ن
ڪري سڄو بدن سوريه چندر ۽ اگني ڪلا جي زور تي
هلي ٿو - تنهن ۾ ان ڪلا ٻوگ جي سمجهڻ لاء شري
ڀڳوان شنڪر آچاريه جو آنند لهري مان شلوڪ ٻڌائڻ
لاء اڳيانٿو -

तड़िल्लेखातन्वीं तपनशशिवैश्वानरमयीं
निषण्णां षण्णामप्युपरि कमलानां तव कलाम्
महापद्माटव्यां मृदुतममायेन मनसा
महान्तः पश्यन्तो दधति परमाह्लादलहरीम्

ارٿات - وڏا مهاتما جن جو من مايا کان آزاد آهي سي
ڀڳواني ماتا تنهنجي ڪلا کي ڌيان ڪهن ٿن جي
انهو ڪن ٿا جا ڪلا سوريه چندر ۽ اگني روپ آهي
تمام سوکشم ڪرڻ وٽ آهي جا ڇهن پدمن جا ڪمل
مٿان آهي سڀني چڪرن جي سمهه سهسرار ڳگن منڊل
۾ استٿت آهي تنهن مها آنند روپ چمڪندڙ پرڪاش لهري
جو انڀو ڪري ان پرم آنند ۾ سمائجي وڃن ٿا-

هي شلوڪ ٻوگ ابياس جي ڪمال ۽ پد من اسرا
چنو ويو آهي- پر هي شلوڪ ساڳي امرت ڪلا اسي
عرف ڏيان مار ٻوجه پاد شر سروپ شري دڪشڻامورتي
جو ڳهري استوتي ۾ لکيو آهي سو پڙهو -

گويا ايڪس ري (X-Ray) آهي جنهنجو مون نالو ” ديوي درشن “ ڏنو آهي جو سڀني فلاسافن سائنس ۽ درشن جو انڀو ڪرائي ٿو. جيتوڻيڪ سڀ سڌس ايهاس ۽ ڪريا سڀني يوگن تان تمام سگهو ۽ سگهو آهي. پر جيستائين سڌس رهسيه مرم ۽ ڳجهه جي خبر نه پوندي تيستائين سڀ ڪو گيان خيال ۾ نه وهندو. ان فقط رهسيه جو سمجهڻ لاءِ هن ديوي ديکياجيترو شاسترئي ويندو. هنوقت انهيءَ جي بار ڪٽڻ جي توفيق ڪانه ساري سگهان ٿو. ڪو واءُ سٽاءُ لڳو اوس ملندو ته ڇپائي پڌرو ڪيو ويندو.

وري به اڳ ڪيتر ديوتائن لئي چاڙهڻ جو منترلکائيو.

اُلٽيا ڪلا - پلٽيا نير - ڪيتر چاڙهون ڀاون وير -
پو ميشوري پاتاليشوري ٻانچ مهيسر آگيا ڏو -
تو ڪيتر چاڙهون مها ماءِ يوگيڻ پرش ايهاس ڪال
۾ ان ڪيتر ڪي بيهوش، سرام سوم، سدا ۽ امرت
ڪري چوندا آهن.

واڳر نه ٿو آهي- اهو الهيء ڪري ٿيو آهي جو اهڙي
اوچ درجي جي وديا انهن اڌڪارين کي نه اچڻ گهرجي
جو نه جواهري کي جواهر جو قدر ۽ ملهه جي خبر آهي
باقي جو عام ماڻهو سو ان کي نه جاڻي سمجهي جو اکر
سمجهي اڇلائي ڇڏيندو. اها اصل ڪانوني ڪيميا ڪرن
حڪيمن ۽ وديا وارن جي آڌو - ڏاڍي آهي جو اهڙن اوچيرن
وديائون پرولهن (Problem) وانگي شلوڪن ۾ ڏيندا هوا
نه وديا وان حاصل ڪن جن مان سڀني کي لاڀ ٿيندو
اهوئي سبب اڌڪاري پڻي جو آهي هن ڪونه ڏي
مارڳ ۾ اڌڪاريء کي اچڻ ڏيندا هوا. پر هيئنر اصل
حقيقت هلي وئي آهي باقي وڃي کاڻي رهي آهي. لنهن
هوندي ان لوڪ کي ڇهڙو لهڙو ۽ هلائڻ گهرجي- جو نه
لوڪ ايهاس نه اسانکي گيان ڏيئي پريو جو درشن ڏيکاري
ٿو - سو لوڪ جو ڏوه ڪونهي پر اسانجو ڏوه آهي. لنهن
۾ جو اهو هلندو هلندو نه ڪڏهن نه ڪڏهن اهڙي
پڳولي مالا جو لعل جاڳندو جو پيهجو آڌار نه ڪندو پر
پين جو ۽ آڌار ڪندو - اسان گرو صاحبن جي سمپردائه
جو پوڄيه پاد مهرشي سروپ سنت لعلان لعل ڀڳوان جون
ان امرت ڪلا لوڪ لي لوڪ شاستر رچيل آهي جنهن ۾
ان لوڪ جي پنتر ڪريا ايهاس وگيان ۽ گيان جو سهڻي ۾
۾ سهڻو سندس اوستائن وغيره جو پورو پورو لوڪ ڪيو آهي
سڀني آتمڪ سروپ ۽ پرڪرتي جي لتون جي اپڻو ڪرڻ لاءِ

ڪونهي پر سڀ ڏيهه ۾ وايو جو سنچار آهي- اهو وايو جو سنچار بن پدارٿن تي لڳڻ ڪري ٿيندو- پر اهو انهيءَ ناد پنهنجو ڀاڱو پرگهٽ ٿيندو نه ڪي ڪي بن پدارٿن جي لڳڻ ڪري [هت] معنيٰ لڳڻ پر هو نادان – هت معنيٰ نه لڳندڙ جنهنڪي عام ماڻهو اناهد ڪري چوندا آهن- اُن جي ڪريا اها آهي جو ڪنهن به يوگ ڀيام تي ڌيان ڪري ٻول ڌوار- مٿي پور يعني ناڀي ۽ هرديه يعني دل تي ڌارڻا پنهنجي اشٽ ديوتا جي ڌني روپ منتر: اُچار رکڻو ٿو پوي- جن کي ايڪاگر ڪرڻ ۽ پوءِ ڌيان تي اڀڻو ٿو پوي- جن بابت مون اڳي يوگن ۾ احوال ڏنو آهي وڌيڪ اُن جو احوال پرما ودّيا ۾ ضرور ڏيڻو آهي تنهن ڪري هت وري ڌهرائڻ ۾ مزو ڪو نه ڏيندو- هاڻ اُن ناد جو سروپ جو احوال ڏيان ٿو- جهڙي طرح سرن جي سپتڪ ۾ پهرياءِ ٿلهو ڳرو آواز کرج تنهنکانپوءِ هري هري سنهو ٿيندو يعني ١- کرج ٢- رکهپ ٣- گنڌار ٤- مڌيم ٥- پنچم ٦- ڌيوت ٧- نکاد اُنکانپوءِ انسوار يعني ان ناسڪ [غنه] ٻاٻندوآهي جهڙيءَ طرح ڳرو آواز وسرگ [:] بندو روپ [٠] پرم ٿتو آگيا چڪر مڪار ۾ مليو- اُتي ان کي شڌ برهم يا ڪوٽسٿ آتما جو انڀو ٿيندو- اهو آواز ڪو ساري گ م پ ڌ ني اُچار ڪونهي پر ڌني روپ آهي.

سچ پچ گهگهو جو آواز وانگر سنهو ٿي ويندو ۽

ديڪشانڪ ١٦-

ناد بندو يوگ تٿا انهت ناد

هي يوگ جيڪي هيٺ لکان ٿو ويدي پرما ود
ائي سڀ ڌيان جي ٿي پرپتا لئي پهل آهن سڏائ
پعدي اصول اهو آهي ته جڏهين ڌيان جي پرپتا ڪري
پراڻ سوکيم ٿي وڃي ٿو ته برهم دوار سکمڻا ناڙ جو
د دوازو کلي ٿو - سڀ ڪهن يوگ جي اڪول پراڻڪ
ڪريا سکمڻا ۾ شروع ٿي وڃي ٿي - پوءِ جئن جئن پراڻ
سوکيم ٿي اڳتي وڌي ٿو لئن لئن ماڻهو جي اگيان جا
پڙدا لهندا وڃن ٿا ۽ چت شڌي جي ڪري جگياسو
پنهنجي آتمڪ لکيه جو انڀو ڪري ٿو. هاڻ ناد بندو
يوگ شروع ڪريان ٿو پراڻ معلي گتي پا ڪريا. اه
گتي ساري جگت يا سنسار ۾ هلي هلندي ٿي هاڻي
خود جگت يا سنسار جو ارٿ ئي ڪريا آهي هڪ
سيڪنڊ به ڪو به پدارٿ استر ڪونهي سواءِ اڌشٽان
روپ برهم تتو جي سو هن ڏسهي ۾ پراڻن جو سنچار
سڄو وقت پيو هلي - جڏهن اسين ڪن تي آڱريون رکون
ٿا تڏهن اسين آواز پڌون ٿا اهو آواز ڪن جي پڙدي
(Tympanum) پا ششڪلي تي وايو جي لرزش ڪيوپ
پعني (Vibration) جي ڪري آهي. اهو ڪو انهد ناد

ته انهو ڪو نه ٿيندو. هي يوگ اهو ڪري سگهندو جنهن ان برهم جوتيءَ جي سڦورتي اڳ ئي انهو ڪئي آهي- جا گهٽ ۾ گهٽ گيان يوگ جي ستواپتي پوهڪا انهو ڪئي آهي. اهو ئي يوگيجن ان جو ابياس ڪري سگهندو ۽ ٻيو ڪو به ڪو نه ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ ته نندرا ۾ مَن جي ورتي ڪابه ڪا نه انهو ٿئيٿي- يوگ سوتر ۾ به ڄاڻايل آهي ته:

अभाव प्रत्ययावलम्बना वृत्तिर्निद्रा

ارٿ: نندرا ورتي اها شيءِ آهي جنهن ۾ ڪنهن به وچار جو ڀاو ڪونهي يعني اڀاو آهي سائي ننڊ گهري آهي هاڻي جهڙي سماڌي اپاڌين رهت تهڙي نندرا تهڙي غشي تهڙي مورڇا تهڙو نشي جو خمار انهن ۾ به وچار جو اڀاو آهي ته پوءِ سڄي سماڌي ۽ هنن غشي مورڇا ننڊ جي حالت ۾ ڪهڙو تفاوت آهي- تفاوت اهو آهي جو ننڊ ٿوڙي غشيءَ وغيره ۾ تمي گڻ واري ورتي آهي تنهن ڪري ڪو به ڀاو ڪو نه ٿو ٿئي پر سماڌي ۾ ستو گڻ پرڌان آهي جا تمام گيان واري آهي انهيءَ جو مثال روشنيءَ ۽ اونداهيءَ جو اڳي ڏيئي چڪو آهيان سماڌيءَ ۾ سڄي سرشٽي جي لَءَ ۽ سرشٽي ڪرم جو ابياس هلي ٿو سو جاڳرت روپ ستواپتي منزل آهي جيتوڻيڪ ان وقت هن کي ٻاهرين پدارٿن جو ڌيان ڪو نه آهي پر انجو اندر ابياس ۾ سجاڳ رهيٿو. نتيجو اهو آهي ته سماڌيءَ

ساڌڪ کي پنهنجي ڪنڌي ۾ وايو جو سنچار ٿو ٿيندو جو انڀو سڌ آهي. پر ياءِ شروعاتي اڀياس وارن لاءِ ٿورو وقت هلي ٿو سندن ڌيان جي ٽٽڻ ڪري. پر اڀياس سان ڊگهو وقت هلندو رهي ٿو.

شاستر ته ڪيترن پرڪارن جا ناد ٻڌائين ٿا. پر ڪيترا به ٻڌائين پر آهن انهن سڀني سرن اندر. شبد برهم ناد جي صورت سماڌي يعني پرڪرتي ڌيان اوستا ۾ پنهنجي پرم تتو ۾ سمائجي وڃڻو.

ديڪشانڪ ـ ١٧

اپاو يوگ - مهايوگ - برهم يوگ

هي اهو يوگ آهي جنهن ۾ ڌارڻا ۾ لڪ ڳڻ روپ سڀ اُپاڌيءَ تي رهت شونيه وانگر ڌاريو وڃي ٿو. جنهن جي واسطي اڀياس جو اهو نمونو ڏيکاريو وڃي ٿو ته پنهنجي من کي ڏسجي ته ڪٿي ٿو ڊوڙي. پوءِ سندس ورتين کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڌيان ڪجي ته ورتيون ڪٿي وڃن؟ اهو پرم تتو شونيه وانگر نرگڻ سڀني اُپاڌين کان رهت آهي سو ائين برابر آهي پر اها ساڌارڻ ماڻهن لاءِ ڪو نه آهي ڇو ته من اسان جو سيمت يعني حد وارو آهي سو ڪيترو به ڌيان ڪجو

ارٿات:- هي مهاڀاڳو (وڏن ڀاڳن وارا) ارجن انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪو نه آهي ته من ڏاڍو چنچل ۽ ڏکيو وس اچڻ وارو آهي - پر هي ڪنتيءَ پٽر ارجن وارون وار اڀياس ڪرڻ سان ۽ پوري طرح ويراڳ مان هي من وس اچي سگهي ٿو.

ڀڳتي يوڳ

جنهن ڀڳت ايشور جي استوتي ڪيرتن نام جپ ۽ اپاسنا سان پنهنجي چت جي شڌي ڪئي آهي ۽ سرو ايشور ارپڻ ٻڌيءَ سان ان پرڀوءَ جي ارٿ ورتي آهي ان کي پرڀوءَ لاءِ پرم انو ڪني معني پرم پريما ٿئي ٿو ۽ ان پريم ۾ گد گد ٿئي ٿو. سونهن سوارٿ پريم انهيءَ ڀڳت کي آنند ۾ اهڙو مگن ڪري ڇڏي ٿو جو ان کي پنهنجي تن من جي به ڪا پرواه نٿي رهي ڇو ته:

परं प्रेमास्पदत्वं आनंदत्वं

ارٿات:- پرم پريم ئي آنند آهي ۽ اها پريم جي پوڻين اوستا آنند آهي جا خود ايشور آهي. سو آنند اهڙو ته ٿئي ٿو جو سچي آنند ۾ اچي ٿو ان ڀڳت جي اکين مان لڙڪ وهيو وڃن. پوءِ هو ڀڳن سڀني جو آسرو

۽ يوگي رشي روپ ۾ مهاتما آهي پر نندرا ۾ جهڙو
سمجهيو ٿهڙو اُٿيو ۾ ڪو به ان ۾ تفاوت ڪو نه آهي
انهيءَ ڪري جڏهن ڪي ماڻهو شونيه ابياس جي ڪوشش
ڪن ٿا. نيڪ آهي اهو به چڱو پر هو وڃي لمي گهڙ
واري ورتيءَ ۾ پوي ٿو جنهن ۾ هو پاڻ کي سمجهي
ٿو ته مان ڪو سچيءَ سماڌيءَ ۾ آهيان پرم پد کي
پهتو آهيان پر هو لمي گهڙ جي پر ڀاو ڪري پاڻ ۾ رجو
گهٽ ٿي وڃيٿو لنهنڪري اڳاٽا سوچڙا به جٽ. اهڙيءَ
لمي گهڙ سماڌيءَ کان خبردار رهڻ کپي. تنهن ڪري
اهو مٿيون يوگ ڪو اوچ ڪونهيءَ وارو ابياس ڪري
سگهي ٿو. ڇو جو جنهن جو من تي پوريءَ طرح قبضو
آهي سو ئي هي يوگ ڪري سگهي ٿو. انهيءَ جي
بابت شري ارجن ڪرشن ڀڳوان کي سوال وڌو هو ته!

चञ्चलं हि मनः कृष्ण प्रमाथि बलवद्दृढम्

तस्याहं निग्रहं मन्ये वायोरिव सुदुष्करम्

ارٿات - هي ڀڳون هي من ڏاڍو چنچل سڀاءَ وارو
۽ ان جو وس ڪرڻ واڍوءَ وانگر ڏاڍو ڏکيو آهي. تنهن
تي شري ڪرشن جواب ڏنو:-

असंशयं महाबाहो मनो दुर्निग्रहं चलम्

अभ्यासेन तु कौन्तेय वैराग्येण च गृह्यते

وسشٽ مهراج جاٽي واٽي ڪنهن ٻنگه سان اُن ٻالڪ
جهڙي پتلي کي درياه جي وچ سير ۾ هٿن مان ڪيرائي
ڏنو جو راجا جنڪ ڏسي هڪدم ان ٻالڪ کي ڪڍڻ
لاءِ موهه ۽ پريم جي وس ٿي پنهنجو پاڻ ڪٽي درياه ۾
ٽپ ڏنو ۽ اُن ٻالڪ جهڙي پتلي کي درياه مان ٻاهر
ڪڍي آيو. انهيءَ وقت ڏٺائين ته هيءُ سچو پچو ٻالڪ
نه آهي پر انهيءَ جهڙو هڪ پتلو آهي ۽ وسشٽ منيءَ
کي چيائين ته سائين هيءُ ڇا ڪيو تڏهن وسشٽ منيءَ
چيس ته راجا توهان هن کي پنهنجو ٻالڪ سمجهي پريم ۽ موهه
جي وس ٿي هيٺرن نوڪرن وغيره هوندي به پنهنجو
پاڻ اُن ٻالڪ کي درياه مان ڪڍڻ لاءِ ڪٽي ٽپ ڏنو.
اهڙيءَ ريت ايشور ٻئان سڀني پراڻيءَ ڀڳت جي پريم جي
وس ٿي اُنهيءَ جي اُڌار ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ اچي
ٿو اُن ڀڳت کي هن ڀو ساگر مان ٻاهر ڪڍي. هاڻي هي
ٽيا اُهي ڀڳت جيڪي نشڪامي آهن. جيڪي سڪامي
ڀڳت آهن جيڪي پرڪرتيءَ جي آڌين آهن ۽ جن منا
کي نه وڃايو آهي تن لاءِ به اُها پرڪرتي داتا اهڙي اُئي
ديال آهي.

جهڙي ريت ڪنهن ماڻ جا چار پٽ آهن. هڪ تمام
نيڪ ۽ نرو آهي ٻيو پڙهندڙ ۽ پوريءَ سمجهه وارو
نه ٻيو آهي ٽيون تمام ڏنگو ٿي پيو آهي چوٿون هر
وقت بيمار ٿو گذاري هاڻي ماتا اُنهن چئن ئي پٽن کي

تياڳي ايشور جي شرط وٺي ٿو، ۽ اهو نشڪام روپ پرم آنند انهن کي سماڌيءَ ۾ اسٿت ڪرائي ٿو ۽ ايشور به ان کي چقمق وانگر ڇڪي پنهنجي نرلشيم آنند سروپ ۾ سمايو ڇڏي ٿو.

هاڻي جڏهن انهيءَ ڀڳت پنهنجي اهنتا ۽ ممتا سڀ وڃائي ڇڏي آهي. تنهن ڪري اُن جو پرڪرتيءَ سان لاڳاپو ئي ٽٽي پوي ٿو ۽ هو پرڪرتيءَ کان ٻاهر هليو وڃي ٿو ۽ ايشور جي اداري ۾ آهي ۽ ايشور ئي ان جو يوگ کيم ڪري ٿو. هتي هڪ درشٽانت ياد اچي ٿو ته وسشٽ منيءَ کان مهاراجا جنڪ پڇيو ته ڀڳوان کي جڏهن پنهنجا هيترا ديو ديوتائون وغيره ويٺا آهن ته انهن ديوتائن کي جيڪڏهن هو حڪم ڪري ته جيڪر اهي ديوتائون ئي اُن شش جو سرو ڪلياڻ ڪري ڇڏين پرنتو ايشري هوندي به هو پاڻ سندس ڪلياڻڪاري بڻجي ٿو پوي سو ڇو.

هڪ ڏينهن وسشٽ منيءَ ۽ راجا جنڪ ۽ سندس پريوار نوڪر چاڪر سڀ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سير ڪرڻ لاءِ نڪتا. وسشٽ منيءَ هڪ راجا جنڪ جي ننڍڙي ٻالڪ جهڙو هڪ پتلو لڪائي کڻي آيو هو ۽ انهيءَ کي گود ۾ کڻي پئي کيلائيائين. راجا ۽ ٻين سڀني ائين پئي سمجهيو ته وسشٽ مهراج اسانجي ننڍڙي ٻالڪ کي کيلائي رهيو آهي. پوءِ ٻيڙي جڏهن درياه جي وچ سير ۾ آئي ته

ڏاتاران ڏيکي ڦل ملن تا انهن لاءِ اسان کي نہ رنج ڪرڻ گهرجي ۽ نہ بيحد خوشي ٿيو نہ اسانجو جڏهن سرشٽيءَ جي هر هڪ پدارٿ سان سنبنڌ آهي جو آدرشيہ آهي جنهن جي اسانکي ڪا بہ ڄاڻ ڪانهي انهيءَ سنبنڌ ۾ رهڻ ڪري جا اسان جي اسٿتي آهي تنهن ۾ ئي اسانجو ڪلياڻ آهي. انهيءَ ڪري اسان ڪرم سداري سنا ڪرم ڪري سنو ڦل حاصل ڪرڻ لائق بڻجڻ گهرجي.

ديڪشانڪ ١٨

● ڪريا يوگ ●

شري پتنجلي ڀڳوان ڪرم يوگ يا ڪريا يوگ لاءِ پنهنجي يوگ درشن ۾ هيءُ سوتر ڏنو آهي.

तपः स्वाध्यायेश्वर प्रणिधानानि क्रया योगः ॥

ارٿ :- تپ - سواڌيايہ - ايشور پرڻي ڌان - ڪريا يوگ يا ڪرم يوگ چيو وڃي ٿو.

پهريون - تپ اهو آهي جو من کي وشين کان روڪي پنهنجي وس ۾ آڻڻ ٿيو نہ من هميشہ ٻاهر مک وهي جڳت جي وشين ڏانهن ڊوڙي ٿو. اهي ٻاهريون وشيون من کي ڇڪيو وڃن ٿيون. انهن کي روڪي انتر مکيءَ ورتيءَ سان پنهنجي وس ۾ ڪري.

پنهنجي هڪ ئي نظر سان ڏسي ٿي پر سندن لياقتن
سارو جو بلڪل ٺيڪ آهي انهيءَ لاءِ انهي رنگ جو
ڪاڌو پيتو وغيره مهيا ڪري ٿي ٻيو پڙهندڙ آهي ته
اُن لاءِ ڪتاب پڙهائڻ جو پربند پڙهڻ پوشاڪ انهي رنگ
سان رکي ٿي ٽيون جو تمام ڏنگو آهي اُنهي کي سڌارڻ
لاءِ وقت تي ڪڙي سزا وغيره پڻ ڏئي ٿي پر جو
چوٿون بيمار ٿو گذاري انهيءَ لاءِ وري ڪاڌو پيتو
پرهيز وارو مهيا ڪري ٿي انهيءَ ۾ انهن جي ڀلائي
سمايل آهي ۽ اُها ماتا سڀني جي ڀلائي لاءِ سوچي اُنهن
سان اُهو ورتاءُ ڪري ٿي. اهڙي طرح پرڪرتي ماتا
ٻه اسان کي ڪرمن انوسار ئي ڦل ڏئي ٿي جهڙا اسين
ڪرم ڪريون ٿا ۽ انهيءَ ۾ اسانجي ڪلياڻ لاءِ سڀ
ڪجهه سوچي ۽ ڪري رهي آهي پر ٻاڌائن جي نورت
ڪرڻ لاءِ اسان کي اهڙا اُپاءُ ٻه ڏيکاري رهي آهي
جن جي ڪرڻ سان اسانجون اوڻايون مٽجي وڃن ٿيون
۽ اسين چڱا ۽ سٺا ٿي پنهنجو سٺو ڦل حاصل ڪري
سگهون ٿا اهڙيءَ ريت شڀ ڪرم جي ڌاران ان
پرڪرتيءَ ماتا جي ڪرپا سان انسان پنهنجن ڪرمن ۾
ڦيرو آڻي پنهنجيءَ قسمت کي ڀلائي سگهي ٿو. جيڪي
لوگيجن پرش آهن سي پڻ انهيءَ پرڪرتيءَ ماتا جي
شرڻ ۾ اچي انهيءَ جي لٽون کي ڇاڻي پنهنجا پراربڌي
ڪرم ٻه مٽائي سگهن ٿا هاڻي اسان کي پنهنجي ڪرمن

هاڻي ڏسون ته سواد ڪهڙا ٿيا آهي :- اُهي شاستر پڙهڻ
جن مان ايشور تتو جي ڄاڻ پوي ۽ جهڙا پڙهڻ لاءِ
ڪمائتي ڳالهه آهي تنهن کي گرهڻ ڪرڻ ۽ جا ڪارائتي
نه آهي انهيءَ جو تياڳ ڪرڻ. انهيءَ لاءِ ٻه ڳالهيون
آهن. (۱) ترڪ معنيٰ سوال جواب ڪرڻ (Arguement)
۽ سڌانت معنيٰ حاصل مطلب يا پڪو مت (Decision)
هاڻي شروعات ۾ واد به ضرور آهي ڇو ته انهيءَ مان
سچ ڪوڙ جي ڇنڊ ڇاڻ ٿيندي. اکهون پوري ڪن جي
ٿيڻ تي اعتبار رکي پنهنجو امولڪ جنم نه وڃائڻ
کپي. جڏهن سڌانت جي پوري خبر پوي تي تڏهن
اُهو واد وواد ڇڏي ڏيڻ گهرجي ڇو ته اجايو واد وواد
به من کي چنچل ڪري ٿو.

اهڙيءَ ريت شروط ۽ منن جو سچو سڌانت سمجهي
انهيءَ تي عمل ڪري.

هاڻي ايشور ارپڻ ٻڌي ڇا آهي:- ايشور جي ڀڳتي
۽ اُپاسنا يعني نام جو سمرڻ ۽ جپ ۽ سڀئي ڪرم نشڪام
ڀاءَ سان اِڇا رهت ڪرڻ ۽ سڀني ڪرمن جو ڦل ايشور
جي ارپڻ ڪرڻ، اِهائي ايشور ارپڻ ٻڌي آهي.

ڇو ته گيانين ۾ گيان نيشٽا ۽ اگيانين ۾ ڪرم نيشٽا
ضروري آهي ڇو ته جيستائين چت جي شڌي نه ٿي
آهي تيستائين گيان جي سڌي به ڪانه ٿي سگهندي.
جيستائين واشنا ڪيه نه ٿي تيستائين چت شڌي به نه ٿي

انهن وشين لاءِ ارجن ڀڳوان ڪرشڻ کان سوال پڇيو
آهي ته ماڻهو ڇو ٿا پاپ ڪن انهيءَ جي جواب ۾ شريمد
ڀڳود گيتا ۾ ڀڳوان هيٺيان شلوڪ چيا آهن.

ध्यायतो विषयान्पुंसः सङ्गस्तेषूपजायते ।
सङ्गात्संजायते कामः कामात्क्रोधोऽभिजायते ॥
क्रोधाद्भवति संमोहः संमोहात्स्मृतिविभ्रमः ।
स्मृतिभ्रंशाद्बुद्धिनाशो बुद्धिनाशात्प्रणश्यति ॥

ارٿات:- وشين جي چنتن ڪرڻ وارو ماڻهو انهن وشين جي سنگ ڪري آسڪت ٿي وڃي ٿو ۽ انهن وشين پدارٿن کي ڀوڳڻ لاءِ من جي اڇا پڪي وڃي ٿي. انهن اڇائن جي نه حاصل ڪرڻ ڪري اُن کي ڪروڌ وڌي وڃي ٿو ۽ ڪروڌ ڪرڻ ڪري جيوَ جو موڙ پاءُ ٿي پوي ٿو ۽ شناخت کان نڪري وڃي ٿو. انهيءَ شناخت جي اُڏامي وڃڻ ڪري اُنهيءَ اوڻڪي منش جي سمرڻ شڪتي ڀرمت ٿي وڃي يعني چڱائي بڇڙائيءَ جي پرک جو حافظو اُن ناس ٿي وڃي ٿو.

انهي ياد گيري يا حافظي ناس وڃڻ ڪري بدي پرشٽ ٿي وڃي ٿي ۽ بدي ڪمڻ ٿي وڃڻ ڪري پنهنجي ڀلي ڪرم ۽ ايشور جي ڀڳتيءَ جي سادن کان نڪري وڃي ٿو. يعني ڀڳوان جو پڇڻ يا ڪو سرشٽ ڪرم نٿو ڪري.

ديڪشانڪ ١٩

ينتر پوڄا يعني نقش بندي

هي ينتر ڪي رکيائن يا تعويذن جا ڪو نه آهن. پر هي اهي ينتر يعني نقش آهن جن جي ڪريا اڀياس وگيان ۽ گيان جي دوارا پرم تتو جو انڀو ٿئي ٿو. جو اسان منش جي پرم ڳتي نرواڻ پد آهي. تنهن ۾ پهرياءِ مشهور شري ينتر جو ولا ڀڳوان جي تنتره آرڪيه جو حصو آهي جنهن کي پرنتي رشين انڀو ڪيو ۽ پرم مهان شڪتيءَ ۾ سمائجي ويا. جگت گرو شري شنڪر آچاريه وارن جو هي خاص اپاسنا جو ينتر آهي. جو پنهنجن شش کي برهم گيان جي حاصل ڪرڻ ۽ پريوءِ درشن ڪرڻ ۽ مڪتي جي اپلبڌي لاءِ اڌڪارين کي اپديش ڏيئي وڏي سان ڪرائيندا آهن انهي ينتر جي ناهڻ جو هيٺيون شلوڪ لکجي ٿو.

चतुर्भिः श्रीकण्ठेः शिवयुवतिभिः पञ्चभिरपि
प्रभिन्नाभिः शम्भोर्नवभिरपि मूलप्रकृतिभिः
त्रयश्चत्वारिंशद्वसुदलकलाब्जत्रिवलय
त्रिरेखाभिः साद्धं तव भवनकोणः परिणता

ارٿات :- تنهنجو پرم ستان چار شري ڪنٺ ۽ پنج

سگهندي. جيستائين نشڪام ڪرم ابياس نه ڪبو وڃو
آهي تيستائين واشنا به ڪين نه ٿي سگهندي. تنهن ڪري
ايشور ارپڻ بڌيءَ سان ڪرم ڦل جو تياڳ ڪرڻ سان
پوءِ ايشور جي پراپتي ٿيندي آهو اُتم پرش ايشور جي
پرڪيه جهلڪ ڏسي ٿو ۽ اهو گياني پرش الين جوئي ٿو.

न त्वहं कामये राज्यं न स्वर्ग नापुनर्भवम् ।

कामये दुःख तप्तानां प्राणिनामार्तिनाशनम् ।

ارٿات :- مان نڪو موڪش نه سورڳ نه راڄ گهران ٿو
پر سڀني دکيت پراڻين جو دک ناس ٿيڻ گهران ٿو. اهڙي
گياني سوارٿ رهت پراُپڪاري پرش لاءِ شري ڀڳود گيتا
۾ ڀڳوان شري ڪرشن چوي ٿو.

ते प्राप्नुवन्ति मामेव सर्वभूतहितेरता ।

ارٿات :- اُهي ئي مونکي پائي سگهن ٿا جي سڀني
جي ڪلياڻ لاءِ نسوارٿ ڪرم ڪشي رهنا آهن.

هاڻي هن يوگ جون به پهن لوڳن وانگر چار چاڙهيون
يا پوڪائون يا منزلون ٿيون ٿيون. (١) ايشور جي اُپاسنا
(٢) ايشور ارپڻ بڌيءَ دواران سڀني ڪرمن جي ڦل
جو تياڳ (٣) ڦل جي تياڳ ڪري واشنا ڪين (٤) واشنا
ڪين ڪري چت جي شڌي چت جي شڌ ٿيڻ ڪري
تتو گيان ۽ پرم پد جي اُپلبڌي يعني حاصلات اُها ئي
آهي موڪش.

هن شلوڪ ۾ شو ڀڳوان گروءَ جي ڌيان جو استان ڏيکاريندو. ارٿات ته آءٌ برهم رنڌر يعني سهسر پدم جي هيٺ جو ٻارهن پاکڙين وارو اڌ پوٺ ڪمل جو ڪنڊلني شڪتي سان ڪنو آهي اُن ۾ پرم گروءَ جو پوڄن ڪريان ٿو. هن ڌيان جو چار اپياس جون اوستائون ۽ پنجون پرم تتو ۾ ميلاپ آهي. جيئن اڳين لوڳن ۾ آهن تئين هن ۾ به آهن سي اوستائون هي آهن. ١- سهسر پدم جي هيٺ ٻارهن پاکڙين وارو ڪمل يا پدم ٢- اڪٿ ود يا اڪٿ ترڪوڻ يا اڪٿ ڪٿا يا وائي ٣- هنس مٿي پيٺ يعني سوهم جي شبد جو مٿي پيٺ ٤- ناد بندو يعني شو شڪتي يا پرڪرتي پرش يا بندو وسرگ استان ٥- انهن جي سنڌي روپ پرم شو يا مهاشڪتي يا سيڪنهن سمپرداءِ موجب شري وشٽو- گٽپتي - يا ست گرو پرم گرو پد جو پرم پد يا موکش آهي گهٽو ڪري ڪيترن ونڌن مهاتمائن جي سکيا ڪرتا اُپديش ۾ان انهي پاد ڪا پنچڪ يعني پنج پاوڙ يا پنج پوڙن جا ئي ديکشا جا اُچار ملنتا. جهڙي طرح -

"جن اکٿ ڪٿا لي جاني"

تن پرم پد پائو. انهيءَ پاد ڪا پنچڪ جو سٽن شلوڪن ۾ان هي شلوڪو نمبر ٥ ڏيان ٿو.

तत्र नाथचरणारविन्दयोः कुङ्कुमासवपरीमरन्दयोः
द्वन्द्वमिन्दुमकरन्दशीतलं मानसं स्मरति मङ्गलास्पदम्

شو ٻوليءَ جي ڪل نو آهن - شنچوءَ جون مول پرڪرتيون
آهن ۽ ان ۾ ترڪوڻ ٽيتاليهه - ٽي گول آڪار ٽي ريکائون
ات ۽ سورهن پاڪڙين وارا ٻه ڪنول دل آهن انهن
نون پرڪرتين جي دوارا هي سارو پرپنچ رچيو ويو
آهي- تنهن ڪانسواءِ هيءَ رهسيه سواءِ گروءَ جي سمجهائڻ
ڪانسواءِ پورو ودّيءَ سان ڪو نه خيال ۾ ويهندو ۽
تورو وستار وارو ٻه آهي- گرو اڌ ٻوڌت اُپديش سان
ٿي اُن جو مرم گيان حاصل ٿيندو - تنهن ڪري وڌڪ
ڪو نه لکيو ٿو وڃي- اهو ٻه هڪ مارگ يا رستو آهي
جو مها ترپر سندري ڀڳوتيءَ جي پرم روپ لکيارث ڪرائي
ٿو - انهيءَ جو ڌيان آگيا چڪر جي مٿان سوم چڪر ۾
ڪرڻ ۾ اچي ٿو جنهن کي ٻيندو ستان ٻه چوندا آهن
ڏسو يئتر روپي مورتيءَ جو رهسيه جو هڪ نسي چتر
ساري پرڪرتي، تتو ۽ پرم تتو جو انڀو ڪرائي ٿو جو جيڪر
ڪيترن پرمارٿڪ شاسترن جي پڙهڻ سان ڪو نه حاصل ٿي سگهي
اهو آهي مورتي يئتر چتر جو اموليه ملهه ٻيو جو مشهور يئتر
